سائبر سیکس

[انٹرویو، کیس، کھاٹیون ۽ قانون]

مدھوش میر



ودیا پبلیکیشن

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سائبر سیکس

(انٹرویوز، کیس، کھاٹیوں ؒ قانون)

مدھوش میر

پبلیکیشن ودیا
حیدرآباد

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب نمبر: 16

سائبر سيڪس

(انٽرويوز، ڪيس، ڪهاڻيون ۽ قانون)

ليکڪ: مدهوش مير

ڇاپو پهريون: 2024ع

ڪمپوزنگ: ذلفي ناٿن شاهي

لي آئوٽ: آفتاب احمد هنگورجو

ڇپيندڙ: ودیا پبليڪيشن حيدرآباد

CYBER SEX

Author: Madhosh Meer

1st Edition: 2024

Composing: Zulfi Nathan Shahi

Layout By: Aftab Ahmed Hingorjo

Published by: Vidya Publication Hyderabad

Cell: 0305-2356233

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اڻپنا

انهن متاثر ماڻهن جَي نانءَ، جِن جِي پيڙائن هي ڪتاب پَڌرو ڪَرايو

فهرست

- اداري پاران 08
- مهاڳ 09
- پنهنجي پاران 16

باب پهريون:

- سائبر سيڪس ڇا آهي؟ 20

باب ٻيون:

- سائبر سيڪس، ڪيس، قانون ۽ سالياني رپورٽ 24

انٽرويوز:

- ڪيس پهريون: ۽ پوءِ ماهين جي ننڍي عمر ۾ شادي ٿي 28
- ڪيس ٻيون: مان پنهنجي پيءُ جي قاتل آهيان 33
- ڪيس ٽيون: شادي جو آسرو ڏئي، زندگي عذاب ڪري ويو 38
- ڪيس چوٿون: اهڙو ڏک جيڪو نه ختم ٿيندو نه گهٽبو 43
- ڪيس پنجون: محبت جي موت ۾ مليل ذلت 48
- ڪيس ڇهون : مڙس طلاق ڏني ڏيءَ نفرت ڪرڻ لڳي 53
- ڪيس ستون: پئسا ڏيندي رهيس انڪار تي عذاب نازل ٿيو 58
- ڪيس اٺون : ويڊيو ڪال تي جسم فروشي 64
- ڪيس نائون: روشني جنهن کي اونداهي ماري وڌو 69
- ڪيس ڏهون: پنجن سالن تائين هر مهيني 50 هزار ڏيندا پيا 73
- ڪيس يارهون: ڪلينڪ ۾ هران لکرايو عورت جو اچڻ منع آهي 77
- ڪيس بارهون: سڀ ڪجهه ويو پر ڏک اڃان ٻيلو آهي 80

ڪتاب بابت ويچار: 83

اداري پاران

سائبر سيڪس اسان جي سماج ۾ هڪ اڻ ڇُهيل موضوع رهيو آهي. بنيادي طور هي موضوع سيڪس ايجوڪيشن جو حصو آهي. دنيا جا سُڌريل مُلڪ سيڪس ايجوڪيشن کي اهميت ڏين ٿا. نوجوانن جي ڪائونسلنگ ڪرڻ سان گڏوگڏ نصاب ۾ پڻ سيڪس ايجوڪيشن کي شامل ڪن ٿا. جيئن صحتمند معاشري لاءِ مادييت پرستي، سائنس ايجوڪيشن، ٻولي، ثقافت، تاريخ ۽ هاڻوڪي دور ۾ اَي_آئِي انٽيليجنس جي تعليم ضروري آهي، تيئن سيڪس ايجوڪيشن پڻ لازمي آهي.

هن ڪتاب کان پهرين مدهوش مير جو ڪتاب خلل (انساني عادتن، روين ۽ مختلف مزاجن جي نفسياتي جاڻ) اداري طرفان ڇپجي چڪو آهي. جنهن کي پڙهندڙن طرفان بهترين موٽ ملي آهي. وٽس موضوع جي چونڊ سدائين منفرد رهي آهي. "خلل" کانپوءِ "سائبر سيڪس" پڻ اسان وٽ هڪ اڻ ڇهيل موضوع آهي. هن موضوع تي هي ڪتاب لکڻ "بيتل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائي لهرون پيدا ڪرڻ آهي." تنهنڪري هن ڪتاب جو ڇپجڻ، انڪري به ضروري آهي ته سائبر دنيا ۾ جيئندڙ نوجوان نسل کي مادي دنيا ۾ سائبر ڪرائيم جي مسئلن کان آگاهه ڪري سگهجي. سائبر دنيا اڄ جي ماڻهوءَ کي هن مادي دنيا کان مڪمل ڪٽي ڇڏي ٿي، ماڻهو هڪ ئي وقت مختلف ڪيفيتن جو شڪار رهي ٿو جنهن ڪري مسئلا ۽ مونجهارا ڪيس وڪوڙي وڃن ٿا. سائبر سيڪس جي تعارف کانپوءِ هن ڪتاب ۾ انٽرويوز ذريعي اهڙن ماڻهن جا ڪيس آندا ويا آهن، جيڪي سائبر دنيا ۾ رهي سائبر ڪرائيم جو شڪار ٿيا ۽ پنهنجي مادي دنيا جو سُک ۽ چين برباد ڪيو ۽ سموري زندگيءَ لاءِ ذلت جو ڪاڄ بڻيا. انٽرويوءَ جي ٻوليءَ کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهي ڪهاڻيون سماج ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهن جون ڪهاڻيون آهن ۽ انهن کي اصلاح طور پيش ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. اميد ته ليکڪ کي سندس پورهئي جي بهترين موٽ ملندي.

سردار هرڙو

ودیا پبليڪيشن حيدرآباد

ڪوشڪاري هٿين سکڻو رهجي وڃي

اڄ جي دور ۾ جتي نوجوان پنهنجي زندگيءَ کي رنگين خوبصورت ۽ آرامده گذارڻ لاءِ پئسا ڪمائڻ، گهر گهاٽ سٿو ٺاهڻ ۽ ٻيون عياشيون ڪرڻ جي جتن ۾ آهن، اتي ڪي چند نوجوان آهن جيڪي ادب سان چاهه رکن ٿا. پنهنجو سڪون ۽ آرام ڏٺائي بنا ڪنهن لالچ جي ايندڙ نسل کي تباهي کان بچائڻ جي جستجو ۾ لڳل آهن، انهن چند نوجوانن مان هڪ نالو مدهوش مير جو به آهي.

مدهوش مير تي لکڻ لاءِ سوچڻو پوي ٿو ته سندس ڪهڙي پاسي تي لکجي، هن نوجوان ليکڪ جي خوبين ۽ جستجو کي ڪهڙي لفظن ۾ ساراهجي ان سوچ ۽ ولوڙ ۾ مون کي رسول بخش پيلجو صاحب جي لکيل سمجهاڻي ياد اچي وئي جنهن چيو آهي ته سٿو ليکڪ اهو آهي، جيڪو بيانن جي ڍنگ جي خيال کان اهم، احوال اهڙو تمام سادو سنئون سڌو صاف، چٽو مڪمل ۽ پيچيدگين، مونجهارن، خالي علمي مفروضن ۽ استعارن اجاين پٽاڻن ۽ سکڻين لفظن کان پاڪ ۽ مختصر ڪري پيش ڪري ساڳي وقت مطلب اهڙو ڀرپور هجي جو اٽڪل ماٺهو کي پڙهي ٻڌائجي ته هڪ دم سڄي ڳالهه سمجهي وڃي ۽ هڪ دم محسوس ڪري ته ڪا تمام وڏي ڪم جي ۽ تمام وڻندڙ سرهائي ڏيندڙ دل ۽ دماغ جي ڪايا پلٽيندڙ ڳالهه ٻڌي اٿم، جا وسارڻ سان نه وسرندي ان سادگي ۾ اهڙو ته لڻ هجي، اهڙو ته اثر هجي، اهڙي معنوي پختگي هجي جو پي ايڇ ڊي پڙهيل ماٺهو جيڪو پاڻ کي عالم سمجهندو هجي سو به هڪدم محسوس ڪري ته هي ڳالهه ٻهريون دفعو صاف ۽ مڪمل اڄ سمجهي اٿم. ائين ئي مدهوش جي لکڻين ۾ صاف شفاف سادگي ۾ وڏي ڳالهه ڇڻي وڃڻ جو لڻ سمايل آهي، ائين

محسوس ڪيم ننڍي عمر ۾ وڏا جذبا رکندڙ مدهوش مير پليجي صاحب جي انهن لفظن جو روپ آهي.

مدهوش مير جو ڪتاب 'سائبر سيڪس' پڙهيم تمام نازڪ موضوع کي اهڙي ته بهترين انداز ۾ لکيو آٿائين. پورو يقين ٿو اچي ته هن ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ ڪافي انسان، ڇوڪري هجي يا ڇوڪرو مرد هجي توڙي عورت پاڻ کي سنياڻي ويندا. اهڙي خطا ڪرڻ کان جيڪي هي انٽرويوز ڏيندڙ فرد ڪري ويٺا ۽ خدا طرفان ڏنل خوبصوت زندگيءَ کي هڪ ناسور زخم بڻائي ڇڏيائون. هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ذهن ۾ خيال آيو سائبر سيڪس کان بچاءَ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا وڃن؟ ڪهڙي سبب ڪري ماڻهو ان طرف مائل ٿي وڃي ٿو سبب ڇا آهي؟ شادي شده فرد پڻ شڪار ٿو ٻڌجي ڇو؟ ڇوڪرين کي اها خبر هجڻ گهرجي. سچي محبت ۽ ٽائيم پاس ۾ مختلف پاسا/بحث آهن.

سچي محبت روح سان هوندي آهي ۽ ٽائيم پاس وارو جسم جي حوس جو پوڄاري هوندو آهي. سوشل ميڊيا جي هن دور ۾ اڄ گهر جا چار ڄاتي، هڪ ڇت هيٺان رهندي ۽ هڪ ٻئي کان بي خبر رهن ٿا. ڪير ڪنهن تي توجه نه ٿو ڏئي. اهڙي صورتحال ۾ اسان سمجهي نٿا سگهون. اسان جو ڪو پيارو رشتو اندر جي اڪيلائيءَ جو شڪار آهي؟ يا وري هو ڪا غلط راه اختيار ڪري چڪو آهي. اسان کي گهرجي ته پنهنجي اولاد ڀاءُ، ڀيڻ يا ويجهن رشتن جي سرگرمين تي ٿوري گهڻي نظر رکون. ڪٿي ڪا خطري جهڙي ڳالهه هجي ته آگاه ڪري وٺون. ان کان پهرين جو ڪجهه برو ٿي وڃي.

جيئن ڪا نوجوان ڇوڪري ڪنهن سان نيهن لائي ويهندي آهي ته هوءَ پاڻ کي هوائن ۾ اڏرندي محسوس ڪندي آهي. ڪک پن سان خوش. اڪيلائي ۾ به مسڪرائي ۽ خيالي طور به ان شخص سان وڏ ڪان وڏ ٽائيم گذاريندي آهي. جڏهن اسان جي ڪا نارمل رهڻ واري ڇوڪري اچانڪ اهڙيون حرڪتون ڪري ته اسان کي پتو لڳائڻ

گهرجي. هن سان اهڙي حساس معاملي تي ڳالهائڻ گهرجي، اگر کا اهڙي ڳالهه هجي تہ هن کي سمجهائڻ گهرجي. محبت ڪرڻ گناه ناهي پر ان کي خبر هجڻ گهرجي، جنهن جي محبت ۾ مبتلا ٿي، هو آسمان ڇهڻ ڇا خواب سجائي رهي آهي، ڇا هو به واقعي هن سان محبت ڪري ٿو؟ يا ٽائيم پاس ڪري هن جي احساسن سان کيڏي پنهنجي جسم جي حوس پوري ڪرڻ جي خواهش ٿو رکي؟

اسان پنهنجي نوجوان ڇوڪرين کي ان ڳالهه کان واقف رکون تہ سچو پيار ڪندڙ توهان کي عزت ڏيندو دنيا جي هر موضوع تي توهان سان گفتگو ڪرڻ پسند ڪندو اگر ڪٽي توهان کا غلطي ڪندئو تہ توهان کي آگاه ڪندو محبت جو اظهار ڪرڻ کان پوءِ توهان جي اقرار جو منتظر هوندو پر توهان کي پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ سمجهندو زبردستي محبت جو جواب محبت سان ڏيڻ لاءِ زور نہ پريندو. توهان جي انڪار تي توهان جي خوشي ۾ خوش هوندو ٻيهر اهڙو موضوع نہ چيڙيندو. توهان جي اقرار تي نڪاح جو پيغام رکندو ان کان پهرين کهڙي به صورت ۾ توهان کي بي آبرو نہ ڪندو اهڙي کا خواهش نہ رکندو جيڪا غير اخلاقي هجي، ان ڳالهه جو اقراري هوندو تہ نڪاح کان پهرين هو هڪ ٻئي لاءِ نامحرم آهن، محبت ڪندڙ عزت ڏيڻ ڄاڻيندا آهن. هي مان اسان جي معاشري جي پسمنظر تي ڳالهائي رهي آهيان. خوشحال دنيا ۾ ان احساسن جا پنهنجا رنگ ۽ روپ آهن.

ٻئي طرف ٽائيم پاس ڪرڻ وارو انسان جي روپ ۾ بگهڙ هوندو آهي. پهرين تہ هو توهان کي عزت ڏيندو بيشمار ڳالهيون ڪندو ايستائين جو صرف توهان جو اعتماد حاصل ڪري ورتائين تہ پوءِ محبت پيار عشق جي انداز ۾ رومانوي ڳالهين کي فحش طور پيو بکيندو. محبت جي اظهار ڪرڻ کان پوءِ توهان وٽان صرف اقرار ڀڏڻ پسند ڪندو هي صورت ۾ emotional blackmail ڪندو. تون نہ ملينءَ تہ پاڻ ماريندس، هيئن ڪندس، هونئن ڪندس، حالانڪ اهڙو

ڪجهه ڪرڻ جو هو سوچيندو به ناهي. بس اهو معصوم جانين جي احساسن ۽ جذبن سان کيڏڻ جي ڪوشش ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي. ان جو هڪ مثال ائين آهي جئين هڪ شڪاريءَ کي پنهنجو شڪار لاسائڻ جا کيترائي ئي طريقا هوندا آهن. بلڪل ائين ئي هو توهان کي مجبور ڪري چڏيندو آهي محبت ڪرڻ لاءِ. يا وري توهان پاڻ ئي هن جي ڪجهه محبت پري لفظن تي دل هاري ويهندا آهيو. ان کان پوءِ هو پنهنجي اصل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قدم اڳتي وڌائيندو آهي. آخر حوس به پوري ڪرڻي هوندي اٿس. نڪاح جي ڳالهه کان پهرين ئي توهان جي حسن جون بي حساب تعريفون ڪري ائين ئي ڳالهين ڳالهين ۾ توهان کي بي آبرو ڪري چڏيندو آهي. هڪ پيرو اهڙي نازيبا حرڪت ڪرڻ کان پوءِ هن جا سڀ رستا کلي ويندا آهن ۽ توهان اڻڄاڻائي ۾ ڪنهن ڪاهي طرف ڏڪبا رهندا آهيو. جنهن جو نتيجو هن ڪتاب جي ڪردارن جهڙو نڪرندو آهي. جيڪي سچا واقعا توهان جي سامهون هن ڪتاب جي صورت ۾ آهن.

شادي شده فرد جيڪو پنهنجي جسماني توڙي روحاني ضرورت پنهنجي گهر ۾ ئي پوري ڪري سگهي ٿو پوءِ به سائبر سيڪس جي طرف ڇو ٿو مائل ٿي؟ شادي شده فرد ان طرف مائل ان ڪري ٿي وڃي ٿو جو هو پنهنجي ساڻي کان گهٽ ٽائيم ملڻ ڪري اڪيلائيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. اڪيلائپ ذهني تنگي ۽ بيچين بڻائي چڏيندڙ هوندي آهي. اهڙي صورت ۾ اڪيلي ماڻهو کان ڪجهه به ڪرائي سگهي ٿي. ان دوران اڪيلائيءَ جو شڪار بڻيل کي ڪنهن جو سهارو ملي ٿو وڃي. کو ڪچهري ڪرڻ وارو ٽائيم گذ گذارڻ وارو. جنهن جو انسان طلبگار هوندو آهي. ائين ئي هو پاڻ کي اهڙي دلدل ۾ لاسائي ويهي ٿو جنهن مان نڪرڻ محال آهي. شادي شده مرد هجي يا عورت. هڪ ٻئي تي اعتماد رکن. نڪاح جهڙي خوبصورت رشتي کي سنهالي هلڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ٽائيم ڏين. هڪ گهر ۾ هڪ ڪمري ۾ يا وري هڪ بستر تي گڏ هجڻ کي ٽائيم ڏيڻ نه چئبو

آهي! جيئن اڪثر اهو جملو ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي، گڏ ته آهيون! حقيقت ۾ اهڙا جوڙا گڏ هوندي به گڏ ناهن هوندا. انهن کي گهرجي ڏينهن جو پنهنجي پنهنجي مصروفيت ۾ هوندي هڪ ٻئي کي ٽائيم نه ڏئي سگهن ته رات جو ٻي کا به مصروفيت نه رکن ڪجهه ڪلاڪ هڪ ٻئي کي ٽائيم ڏين پنهنجو حال اورين، ڪڏهن ماضي جا قصا چيڑين، ته ڪڏهن پيار محبت جو اظهار ڪن، ته ڪڏهن وري پيش ايندڙ ڪنهن پريشاني تي ڪچهري ڪن، هڪ ٻئي تي ائين پروسو رکن جيئن چيو ويو آهي ته "زال مڙس هڪ ٻئي جو لباس آهن." جڏهن هو ماضي جا قصا چيڑي هڪ ٻئي کي پنهنجي ماضي کان باخبر هوندا ته ماضي جو ڪو واقعو هنن جي وچ جي ديوار نه ٽڪندو. جڏهن هو هڪ ٻئي سان پيار جو اظهار ڪندا ته محبت وڌندي، اعتماد ۾ پروسو مضبوط ٿيندو هو پنهنجي زندگي مان مطمئن رهندا ته ڪنهن ٻئي ٽائيم پاس ڪرڻ واري جي جاءِ نه بچندي هنن جي وچ ۾.

جڏهن هو پاڻ سان پيش ايندڙ ڪنهن پريشاني جو ذڪر ڪندا ته هڪ ٻئي جو سهارو ٽڪندا ۽ بي خوف ٿي ڪنهن به پريشانيءَ مان آزادي اختيار ڪري وٺندا. هڪ ٻئي سان هر ڳالهه شيئر ڪرڻ جا عادي هوندا ته ٻن جي ٻڌي ۾ محبت جي طاقت ايتري هوندي جو ڪنهن بليڪ ميلر کي موقعو نه ملندو. اگر هو ائين ڪن ٿا اعتماد ۾ محبت قائم رکن ته يقينن اهڙي ڪنهن حادثي جي اذيت کان بچي وڃن، جيڪي هن ڪتاب جي انٽرويوز ۾ شادي شده فرد ڀوڳي چڪا آهن. اهڙو اثر ٻارن تي به پوي ٿو ان لاءِ جڏهن اوهان جو ٻار ان کان نون سالن جو ٿئي ته هن سان دوستي جو رشتو قائم ڪيو. واندڪائيءَ جي وقت ساڻس هر موضوع تي ڪُلي ڪچهري ڪيو جيئن ان جي جاڻ ۾ اضافو ٿئي، سندس سياڻ رکي ان جي نفسيات کي سمجهو ڇو ته جيڪي غلط رستي تي هلي پون ٿا، ضرورت صرف توهان جي توجه جي هوندي آهي ائين نه ٿئي توهان جو اولاد اڳتي هلي، ڪنهن جي بربادي جو سبب ٿئي يا وري توهان جي معصوم دل

رکندڙ ڪنهن بکي بگهڙ جي ور چڙهي ويو. جيڪي واقعا اسان وٽ روز جو معمول آهن، اگر توهان جي مصروفيت اهڙي آهي جو توهان کي اولاد سان وقت گذارڻ جيترو ٽائيم ناهي، تہ هار لکڻ پڙهڻ جيترو ٽئي يا وري ڪجهہ سمجهي ۽ سمجهائي تہ توهان کي گهرجي، ان کي هڪ نوٽ بڪ وٺي ڏيو پيار محبت سان ان جا ناز نخرا لکي، هن جي ذهن ۾ ڳالهہ ويهاريو تہ رات جو سمهڻ کان پهرين هن نوٽ بڪ تي پوري ڏينهن جي ڪيل مشغولي کي لکو تہ توهان صبح جو اٺڻ سان چا کاڏو ڪاڏي ويئُو ڪنهن سان مليئُو؟ چا محسوس ڪيو؟ اڄ ڪهڙي نئين ڳالهہ اوهان جي ذهن ۾ آئي؟ جيئن اهو هار ان پاسي ڏيان سان رهي. توهان ان جي لکيل نوٽ بڪ تان ان جي نفسيات ۽ احساس پڙهي ان جي ڪٽل پاسي جي تعمير ڪندا اچو. اگر ان نوٽ بڪ تي ڪا نامناسب حرڪت ڏسو جيڪا اڳتي هلي هار کي غلط راهہ تي هلائي تہ ڦورن ان کي دڙڪو دهمان نہ ڏيو نہ وري سخت رويو اختيار ڪيو بلڪ پيار ۽ محبت سان ان کي سمجهايو. هن جاءِ تي هئين نہ ٽئي ها، اگر هيئن ٽي ها، تہ وڌيڪ بهتر هجي ها. پوءِ ان جو غلط هجڻ جا سبب سمجهائي اڳتي پيش ايندڙ حادثي کان آگاهي ڏيجي، تہ هار ڪنهن وڏي حادثي کان بچي ويندو يا ڪڏهن بہ ڪا مشڪل پيش اچڻ تي توهان سان ان معاملي تي ڳالهائي سگهندو.

خدا نخواستہ جي ڪنهن سان اهو واقعو پيش اچي ٽو جنهن جو معصوم انسان ڪنهن درندي صفت جي حوس جو شڪار بڻجي ويو ٽو مرد هجي چاهي عورت. جڏهن هن کي خبر پوندي آهي تہ هن سان چا ٽيو آهي؟ ان ئي وقت هن تي موت جي ڪيفيت طاري ٽي ويندي آهي. جيڪا ڪير بہ نٽو سمجهي سگهي، سواءِ ان جي جنهن اهڙي ڪيفيت جي سختي کي برداشت ڪيو هجي، اهڙي صورت ۾ هن گهايل انسان کي گهاو ڏيڻ لاءِ اهو سماج ئي گهٽ ناهي هوندو جنهن ۾ ڪيترائي خود شڪاري هوندا آهن.

پر ان فرد جا گهر ٻاتي جن جي ان ٽائيم ان زخمي کي سخت ضرورت هوندي آهي، اهي به منهن ڦيرين ته هن مٽان ڇا گذري ٽي، اهو لکڻ لاءِ کو به لفظ ناهي مون وٽ. گهر جا ٻاتي کاوڙ کن جن جو هنن کي حق آهي، پر نفرت جي باه سان ان جو اندر نه ساڙين، جيڪو اڳئي ئي سڙي خاک ٽي چڪو هجي. غلطي جي معافي ڏين ٿا ان کي جيئڻ جو حوصلو ڏين، انسان خطاکار آهي، اهو سمجهڻ ٿا ان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏين. اڳي جيان خوشگوار ته هو رهي نه سگهندو پر پنهنجي زخمن مٽان لوڻ هرکڻ جو درد محسوس نه کندا. متاثر فرد آئيني اڳيان بيهي روح جون هيانءَ ڏارينڊڙ رڙيون کجهه گهٽ محسوس کندا، ٿهڪ نه ڏئي سگهن ته به گهر ٻاتين جي ساڻ سان هلکو مسڪرائي ضرور سگهندا.

ايترو سمجهو توهان جي گهر جو ٻاتي آهي، پوءِ به توهان کي ايتري تڪليف ٽي پهچي، پر هن مٽان ته گذري آهي، جنهن جو توهان جيئڻ جنجال تا بڻايو. مدهوش مير هن کتاب ۾ سٽي محنت کئي آهي، هن جي پڙهڻ سان شايد کو گهر اجڙڻ کان بچي ويي، کا نياڻي پنهنجي عزت نيلام کرڻ کان بچائي ونٽي، کو شڪاري هٿين سکڻو رهجي ويي، کو بيرحم هن کتاب ۾ گهايل انسان جا سڏکا ٻڌي رحم دل ٻڌجي ويي. آخر ۾ مدهوش مير لاءِ نيڪ تمنائون هن جو هي کتاب هن معاشري ۾ پنهنجو الڳ مقام قائم کندو.

ـــ پروفيسر شيرين

هن مقدمي جو مقصد

انساني جسم جي حڪومت هلائڻ وارو دماغ آهي ته دل کي دماغي حساسيت سان مشابهت آهي، ان ڪري دل محبت جي معاملي ۾ گادي جو هنڌ آهي، انساني جسم جو هڪ اهڙو تخت گاهه جتي ننڍڙي ڏوهه جي وڏي سزا ملندي آهي، جنهن سان مِترتا، اخلاص، همدردي، سڃڻپائي هجي. اهو اوهان جي ڪري، اوهان اڳيان روئي! دل جي راجائي ۾ اهو ڏوهه ناقابل برداشت آهي. جنهن جي سزا پوڳڙ ائين آهي، جيئن عقاب کي سمنڊ جي ٻئي پاسي جي ڏس ۾ اڏاري ڇڏجي، جيئن پکهر ڳوڙهن وانگر وهي ۽ ڳوڙها رت ڳڙن وانگر ۽ رت پاڻي وانگر... ته باقي ڇا بچيو؟ ڦٽ مٽان ٻڌل ڪچي ڪڙيءَ کي رانيوٽن سان روڙي پٽڻ جهڙي تڪليف به تمام ننڍڙي آهي. جڏهن اوهان ڪنهن کي هر وقت مسڪرائيندي ڏسڻ جي حسرت ۾ هجو ۽ اهو فرد اوهان جي ڪري اوهان اڳيان روئي ويهي ته محبتُ جو مجرم اهڙيون سزائون محسوس ڪندو آهي. جڙ ان جي وات ۾ هٿ وجهي سڪل وڻ جي پاڙن جيان آندن کي چڪي ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي، اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ۽ ان کي محسوس ٿيندو آهي، جڏهن ڪو انسان محبت جي پرم کي سڃاڻي ٿو مڪاري ۽ فريبي محبت لاءِ اها دل جي سلطنت سيناگيٽ يا تارابل جيان صرف سڙيل شهر جي خاڪ جي ڍير مثل آهي، مقصد جسم جي بادشاهي ۾ دل اها راڄڌاني آهي، جتي محبت جي پرم لاءِ حوصلي جو تاج پائي داخل ٿيجي. اسان وٽ اڪثر ڏهن محبت جي نالي تي پاڻ کي رسوا ڪري وڃن ٿا، ڪين خبر ناهي هوندي ته هر نظام جو پنهنجو نظم و ضبط هوندو آهي، ڪاٿي قاتل ڪپڙا فيشن، ڪٿي زبون ڪپڙا ذوق جو سبب ته ڪاٿي اگهاڙي انگ

وٽ اڙانگي زندگي جو طور سينا جبل جيڏو ڏک ڏسڻ وٺان ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ مون موجود دور جو اهو پاسو بيان ڪيو آهي، جتي محبت بدنامي جي بازار ۾ وڪامندي آهي. اُتي چند ڏينهن جي محبت ۾ مليل اڻ مئي مسرت معصوم ۽ حسين زندگي کي آخر موت جو موقعو ڏيڻ سان گڏ ذلت، رسوائي، پنهنجن جا مهڻا ۽ ملامتون، مائٽن جا مڻي پيشاب جهڙا زهريلا روپا پرڻ ڏيندي آهي. دوست جيڪي انساني اوگهڙ ۽ عيب ڏسڻ جو اهجاڻ هوندا آهن، انهن پاران اگهاڙي انگن کي ڏسڻ جون فرمائشون ٿيندیون آهن. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ان دلدل ۾ ڪو انسان ڦاسندو آهي، پوءِ يا ته مٿان بينل فلاحي ماڻهو به فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا آهن يا وري دنيا جا سڀ عيب برايون بيهي اوهان جي مشڪل زده ان وقت تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي نظر ايندیون آهن.

رامائڻ ۾ راوڻ جو ڪردار ولين وارو آهي، جيڪو سيتا ماتا جي اپارڻ تان شروع ٿي، لنڪا جي خاڪ ٿيڻ تي ختم آهي، پوءِ به راوڻ جي پوڄا لاءِ انديا ۾ ڪيترائي مندر قائم ٿيل آهن، جتي جئي لنڪيش جي راوڻ بابا جا نعرا لڳندا آهن. نٽشي فيڊرڪ، سنزيلا ۽ ڊولازا سميت ڪيترين ئي عورتن سان رنگين راتيون گذاري به عورت جي وڏي پيماني تي مخالفت ڪئي آهي، پوءِ به هو عظيم فلاسافر طور پڙهيو لکيو وڃي ٿو. هٽلر رت سان سڃي جرمني سميت دنيا کي تاراج ڪيو پوءِ به ڪيترائي آرٽسٽ مصوري جي ڪري هٽلر کي مهان مڃن ٿا. دنيا ۾ کوڙ سارا متضاد ڪردار رهيا آهن، جن الٽي اک سان ڏٺو ته هيهاڻيان جيان انهن جون اکيون ڪيڀي ڪانون کي ڏنيون ويون پر پوءِ به اهي ڪردار زنده آهن، سبب ته هنن چرپر ڪئي زندگي تحرڪ جو نالو آهي خاموشي موت آهي، آوازن جي دنيا جا مالڪ جيڪي ڳائن ته وڻ به جهومي پون پوءِ به اهي گوشانشين آهن ۽ معشوق شر اسڪرين

تي چانيل آهي. فطرت هر انسان ۾ ڪا خوبي رکي آهي، ان کي اجاگر ڪيو اهو اوهان جو ڪم آهي. ڪردار منفي آهي يا سُوچڻ اهو فيصلو وقت تي چڏي ڏيو. منهنجي ذهني حالت ٺيڪ ناهي جنهن کي معاشرو ناپسند ڪري ٿو مان ان ناپسنديگي جا پاسا تلاشڻ ۾ سکون محسوس ڪندو آهيان. هن ڪتاب ۾ مون انهن ماڻهن کان انٽرويوز ڪيا آهن، جيڪي سائبر سيڪس جا متاثر آهن. اهي ڪيئن ڦاٽا ۽ پوءِ چا ٿيو؟ آخري نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ ان سڄي سلسلي ۾ مون ڏاڍو محتاط ٿي ڪم ڪيو آهي. مون پهريان ڪوشش ڪئي هئي ته هي ڪن ڪهاڻين يا ناول جي صورت ۾ لکجي پوءِ خيال آيو ته هي قصا سولو پلي ڊرامن جيان لکان بجاءِ انهن سيني خيالن کي چڏي بس انهن انسانن جا فرضي نالا لکيا آهن، جن جا ڪيس بلڪل حقيقت تي مبني آهن. ۽ ڪوشش ڪري بس نتيجو ڏسيو آهي ۽ اهو ڪم مون لاءِ ايڏو ڏکيو هيو جو ڪوبہ ماڻهو پنهنجو عيب پڌائڻ لاءِ تيار نہ هو نتيجن هڪ هڪ فرد وٽ پنهنجو اعتماد بحال ڪرڻ ۾ ڪافي ٽائيم ورتو ۽ اهي ٽئل شخص ايترو جلدي ڪنهن تي اعتبار ڪيئن ڪن، بس مون ڪوشش ڪري هن ڪتاب جو مقصد چاڻايو آهي ته جيئن ايندڙ وقت ۾ نوجوان ذهن سبق حاصل ڪري پنهنجي جان ۽ عزت جو تحفظ ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن.

انهن انٽرويوز دوران منهنجي دل ۾ رني ڪاڪڙي ۾ ڦاٽل. سڏڪي جو سور پيو ٻائيان ايتري تڪليف ٿئي سوچم هي ڪم نہ ڪجي پر صحافين جي صحبت جو اثر شايد مون تي اڃان آهي. پوءِ همڪلامي ٿيس ته فارسٽ جبل تان پهرين پرواز مائيڪل نہ ڪري سگهي هان جڏهن جولي ايڊيسن نہ هجي هان اينا ڪرينا ناول ليو ٽالسٽاءِ نہ لکي سگهي هان. جڏهن Sophia نہ هجي هان. جاپاني شاعر Matsuo Bashō رت سان اهو نظم ڇو لکي هان ته "مان تنهنجي ڪري آهيان ۽

تنهنجي احسانن پليو آهيان." Ivan Krylov ائين ڪٽي چيو هو تہ روس نابين آهي، پر هن تہ ائين چيو هو تہ ماسڪو روس جون اکيون آهن. مارٽن لوٿر جي خاندان ۾ باھ کان بچي نڪتل سنزا محبوب جي انهن لفظن ۾ سڙي مري ويو تہ "ناراضگي جو آهي" چرچل جي موت کان پوءِ شيليٽ کي خبر پئي هئي تہ مان چرچل جي ڪري هئس ۽ اهو سڀ ڪجھ پنهنجي حياتي ۾ ئي قبوليان ٿو تہ مان اڄ جيڪو ڪجھ آهيان اهو پنهنجي قلمي ڪرت جي ڪري ئي آهيان. سو اپري سيري حال آهر هن ڪتاب ۾ جيڪو مقصد ڏنو آهي. جيڪڏهن ڪو هڪڙو بہ انسان هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ اهڙي ڪنهن مونجھ مان نڪري ويو تہ يقينن مان پنهنجي هن محنت تي فخر محسوس ڪندس. جن ماڻهن جا انترويوز ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ شامل آهن آخر ۾ مان انهن جو مشڪور آهيان جن مون تي اعتماد ڪري پنهنجي درد ڪهاڻي جو دڳ عوام کي ڏسي اها مهرباني ڪئي آهي تہ جنهن گذرگاھ تان اوهان سفر ڪيو تا ان لنگھ تان گذرندي اڳتي هلي هي در بہ اڇي سگهي تہ جتان اوهان کي خيال سان گذر ڪرڻو آهي، هن ڪتاب ۾ خاص ڪري سادي ٻولي وڏي احتياط سان لکي وئي آهي جيئن اسان جون نياڻيون بہ پڙهي هن ڪرائيم کان بچي سگهن.

ـــ مدهوش مير

باب پهريون:

سائبر سيڪس ڇا آهي؟

سائبر سيڪس آن لائن جنسي مشغولي کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ جنس مجازي قربت حاصل ڪري ٿي. پوري دنيا اندر سائبر سيڪس کي نارمل ۽ جوڙن جي اسرار توڙي رازداري سان ڪيو ويندو آهي. لاتعداد ويب سائيٽس موجود آهن. جتي ڪيترائي ماڻهو جنسي تسڪين لاءِ گڏ ٿي هڪٻئي جي جنسي جذبن جي مسرت ۾ موهجي سڪون وٺن ٿا ۽ بنهي ڌرين پاران مشت زني ڪري ذهني تنگي کي هلڪو ڪرڻ بعد پاڻ کي آنند جي آغوش ۾ محسوس ڪن ٿا. ڪافي شادي شده جوڙا جيڪي هڪٻئي کان پري رهڻ ڪري پڻ هڪٻئي جي جنسي تسڪين جي پوراءَ لاءِ سائبر سيڪس جو سهارو وٺندا آهن.

سائبرسيڪس جي مختلف طريقن ۾ هڪ لکت وارو اصلاح به آهي. جنهن کي Sexting پڻ چيو وڃي ٿو جنهن ۾ فرد ٻئي فرد جي جنسي جذبن کي ايارڻ لاءِ لکت ۾ ميسيج ڪري رومانوي ڳالهين سان جنسي لاڳاپي جي احساس کي جوش ۾ آڻي ٿو ٻيو آهي ويب ڪيم جنهن سان پڻ فرد هڪ ٻئي کي آمهون سامهون ڏسي جنسي سرگرمي ڪن ٿا اشارتن پهريان هو ان جذبي کي وڌيڪ پرجوش ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کي اشارن کان ويندي جنسي تسڪين جون ڳالهيون ڪري متحرڪ ڪن ٿا. ان کان علاوه وائس سيڪس چيٽ ايپ جون سهولتون وائس ايپ کان ويندي ٻين ڊجيٽل ايپس تي مشتمل آهن. اتي پڻ هڪٻئي کي ڳجهيون ڳالهيون ڪري ساڳي مسرت ۾ مگن ٿيڻ لاءِ آوازن واري مشق ڪن ٿا. تنهن ۾ گيف سيڪس به شامل آهي جنهن ۾ جوڙا هڪٻئي کي گيف پيڪچرز موڪلي جنسي لطف وٺن ٿا. اهو پڻ هن وقت وائس ايپ تي عام آهي.

ويب ڪيم سائبر سيڪس رابطي کي وڌيڪ بصري سطح تي ڪٽي وڃڻ وارو عمل آهي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن کي وڊيو اسٽريمنگ ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي حقيقي وقت ۾ هڪ ٻئي کي ڏسڻ جي اجازت هوندي آهي. هي مجازي قربت جو اهڙو عنصر آهي، جنهن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جي ردِ عمل ۽ اظهار جو مشاهدو ڪندا آهن. ويب ڪيم ۽ سائبر سيڪس جو ذريعو ٿي سگهي ٿي. سادو مثال voyeuristic تجربن کان وٺي وڌيڪ انٽرايڪٽو مرحلن تائين جن ۾ باهمي مشت زني يا ڪئميرا تي ڪيل جنسي عمل شامل آهي، ائين ورچوئل ريئلٽي (VR)ٽيڪنالاجي سائبر سيڪس لاءِ نئون امڪان متعارف ڪرايو آهي جنهن ۾ دلچسپ ڊجيٽل ماحول پيدا ڪري صارفين کي هڪ ٻئي سان لهه وچڑ ۾ اڇي سگهڙ جو ماحول ملي ٿو ۽ VR جنهن ۾ جنسي راندين ماڻهن کي مجازي قربت ڏانهن مشغول ڪرڻ لاءِ پورٽريٽ، مصوري، آرٽ ايڪشن سميت ويڊيوز پوئيٽري گيمز انسانن کي جنسي تسڪين واري عمل جي اجازت ڏين ٿيون. جنسي سرگرمي جي ڪنهن به شڪل وانگر سائبر سيڪس به جنسي ڳولا لاءِ هڪ محفوظ ۽ رضامندي واري جاءِ فراهم ڪندڙ پليٽ فارم جي اصلاح طور استعمال ٿيل آهي، جيڪو ماڻهن کي اجازت ڏئي ٿو ته هو پنهنجي تصورن ۽ خواهشن کي بغير ڪنهن جسماني فرد يا داغ جي خوف، چرڪ ۽ حجاب جي، اهو پڻ ڊگهي فاصلي جي رشتن ۾ قربت کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ تجربو ڪرڻ لاءِ جوڙيل جوڙن جي جنسي زندگين کي بهتر بڻائي سگهي ٿو.

سائبر سيڪس، اسمگلنگ، جبري جنسي عملن يا ريپ جي لائيو اسٽريمنگ لاءِ به استعمال ٿي ٿو مثال متاثرين کي اغوا ڪيو وڃي ٿو ڏمڪايو وڃي ٿو يا ڪِبو وڃي ٿو ۽ 'سائبرسيڪس ڊينس' ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ مجرم سوشل ميڊيا نيٽ ورڪ، وڊيو ڪانفرنسون، فحش وڊيو شيئرنگ، ويب سائيٽون، آن لائين چيٽ روم، ايپس، ڊارڪ

ويب سائيٽون ۾ ٻيا پليٽ فارم جيڪي آن لائن ادائگي جي نظام هيٺ آهن تن جو استعمال ڪن ٿا ۽ cryptocurrencies پنهنجي سيڙپ لڪائڻ لاءِ واقعن جون لکين رپورٽون هر سال اختيارين کي موڪليون ويندیون آهن. سائوٽ چائنا مارننگ پوسٽ بيان ڪيو آهي ته هن قسم جي سائبر سيڪس ڪرائيم کي مُنهن ڏيڻ لاءِ نوان قانون ۽ پوليس جي طريقيڪارن جي ضرورت آهي. بين الاقوامي بل ۾ ان کي سائبر سيڪس ريپ ڪري لکيو ويو آهي، مثال ۾ Bjorn نالي هڪ شخص کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪو انٽرنيٽ ذريعي سائبر سيڪس ريپ جي الزام ۾ گرفتار ٿيو هو اهو ئي سبب هو جو Bjorn هڪ موبائيل ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ تي جنسي عمل ڪرڻ لاءِ نابالغ ٻارن، عورتن، ۽ شاگردياڻين کي بليڪ ميل ڪندو هو. پهرين انهن کي اعتماد ۾ وٺي انهن جا فوٽوز ويڊيوز هٿ ڪري پوءِ انهن متاثرن کي مجبور ڪندو هو ته ويڊيو ڪال تي مون سان سيڪس ڪيو پوءِ اهو گرفتار ٿيو ۽ قانون موجب هن کي سائبر سيڪس ريپ جي قانون طور سزا ملي ته اوهان ڪنهن کي ڌمڪائي، ڊيڄاري يا مجبور ڪري اهڙو عمل ڪيو آهي.

دنيا ۾ سائبر سيڪس هڪ عام ۽ جوڙن جي جسماني دوري واري عمل کي گهٽائڻ ۽ رومانس جو اظهار وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ساڳي ريت ڪجهه ٻين ملڪن جيان اسان وٽ عمومن سائبر سيڪس ريپيسٽن جو انگ گهٽو آهي، جيڪو پهريان انٽرنيٽ تي ڪنهن جو اعتماد بحال ڪري ۽ پوءِ ان کي بليڪ ميل ڪري ٿو ان کري گڏيل قومن جي قانون جي تجارتي تجويز ڪندڙ پاران صارفين کي هوشيار ڪيو ويو آهي ته سائبر سڪس جي ڪري ڪجهه چئلينج ۽ خدشات پيدا ٿي ٻيا آهن، جنهن ۾ رازداري ۽ سيڪيورٽي اهم مسئلا آهن. جيئن شرڪت ڪندڙ انهن جي ذاتي معلومات کي ظاهر ڪرڻ يا هيڪنگ آن لائن حراسمينٽ جو شڪار ٿيڻ واري پريشاني وڌي آهي. تنهن ۾

استحصال ۾ ڏاڍڏلي جو خطرو درپيش آهي، خاص طور تي جڏهن نابالغ ڏهن، شاگرد، شاگردياڻيون ۾ پاڻنر پاران ٽائيم نہ ڏيڻ يا جنسي خواهش پوري نہ ڪندڙ ان بليڪ ميلنگ ۾ ملوث ٿي وڃن ٿا، تنهن ڪري سائبر سيڪس جي منظوري اٽنٽر ترقي ڪندي رهي ٿي ۽ نيون جدتون جهڙوڪ هيپٽڪ فيڊ بيڪ ڊوائيسز ۽ مصنوعي ذهانت آن لائن جنسي سرگرمين لاءِ شامل ڪيون ويون آهن ان ڪري پهريان پاڻ کي ۽ پنهنجي پيارن کي ان عمل کان آگاهه ضرور ڪيو.

Reference:

- Green, Matthew (2002). "Sex on the Internet: A Legal Click or an Illicit Trick?". California Western Law Review. 38. Retrieved 23 October 2022.
- Bulk Alexa rank checker". BulkSeoTools.com. Bulk Alexa Rank Checker. 27 April 2016. Retrieved 27 April 2016
- the Word Teledildonics Come From?". Future of Sex. 2016-08-19. Retrieved
- Hahn, Harley (1996). The Internet Complete Reference (2nd ed.). Osborne McGraw-Hill. p. 570. ISBN 0-07-882138-X. To be blunt, most mud sex is also accompanied by the people sexually gratifying themselves in real life at the same time.
- Green, Matthew (2002). "Sex on the Internet: A Legal Click or an Illicit Trick?". California Western Law Review. 38. Retrieved 23 October 2022.
- "IJM Seeks to End Cybersex Trafficking of Children and Restart Freedom this Cyber Monday and Giving Tuesday". PR Newswire. November 28, 2016.
- "Cybersex Trafficking". IJM. 2020.
- "Cyber-sex trafficking: A 21st century scourge". CNN. July 18, 2013.
- Cole, Samantha (December 2017). "In a First, a Man Is Charged for Rape Over the Internet". Retrieved 3 December 2022.

باب ٻيو:

سائبر سيڪس، ڪيس، قانون ۽ سالياني رپورٽ

جديد ٽيڪنالاجي جو اپار انساني رابطي لاءِ هڪ نئون طول و عرض کڻي آيو آهي. سائبر سيڪس جي هن رجحان ۾ اهي ماڻهو شامل آهن، جيڪي جنسي سرگرمين ۾ مشغول آهن يا ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي واضح گفتگو ڪن ٿا جهڙوڪ چيٽ روم، سوشل ميڊيا، يا وڊيو ڪالز. جڏهن ته سائبر سيڪس گمنام فردن کان ويندي سڃاڻپ واري شخصيتن تائين رسائي جو احساس مهيا ڪري ٿو اهو پڻ قانوني، اخلاقي، ۽ نفسياتي اثرن جي سنگم ۾ ڦاٿل آهي.

سائبر سيڪس جي سالياني رپورٽ ۾ هر سال ڪيترين ئي جانين سائبر سيڪس جي اثر ۾ وڃائجي وڃن ٿيون، ڪيترين ئي خودڪشيون ٿين ٿيون، ڪيترائي گهر اجڙي وڃن ٿا ۽ ڪيترن ئي نوجوانن جا مستقبل تباهه ٿين ٿا. ڪرائيم ويب جي سالياني رپورٽ موجب دنيا جي سڀني ملڪن کان وڌيڪ روس ۾ سائبر ڪرائيم ٿئي ٿو انهن ملڪن جي ليسٽ ۾ پاڪستان جي بلخوص سنڌ صوبي ۾ 2023 جي رجسٽرڊ ڪيسن ۾ 5 هزار کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيا جڏهن ته غير رجسٽرڊ ڪيسن جو انگ پڻ لکن ۾ آهي، جيڪي ماڻهو ڪو به قانوني رستو اختيار ڪرڻ بجاءِ خاموش ٿي وڃن ٿا. پنهنجي عزت، جان، مال ۽ خاندان جي ڪري هو انهن ڪيسن ۾ ملوث ٿيڻ کان ڪيهائن ٿا. سال 2023ع ۾ انٽرنيٽ تي مليل معلومات موجب 40 نوجوان ڇوڪريون سائبر سيڪس جي ڪري زندگي تا هٿ کڻي ويون ۽ 58 ڇوڪريون پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺون، تن مان انهن جو انگ تمام گهٽو آهي، جيڪي هن وقت تائين بليڪ ميل ٿين پيون پر هاڻ هاهر ڪيڻ لاءِ تيار ناهن. سال 2023ع ۾ 60 سالن کان مٿي عمر وارا ماڻهو آمريڪا ۾ رڪارڊ ٿيل سائبر سيڪس متاثرن جي سڀ کان وڌيڪ تعداد ۾ شامل هئا. انهن انگن اکرن موجب سال ۾ 104,068 کان

وڌيڪ ماڻهن سائبر سيڪس ڏوهن جي رپورٽ ڪئي. ٻئي نمبر تي 30 کان 39 سالن جي عمر وارن ماڻهن کي نشانو بڻايو ويو جن ۾ 88 هزار کان وڌيڪ شڪايتون درج ٿيون. پاڪستان ۾ سائبر سيڪس جي زمري ۾ هارن جي جنسي زيادتي بابت ڪجھ معلومات ملي. اها هن ريت ملي آهي ته سال 2023ع ۾ پاڪستان ۾ هارن سان جنسي زيادتي جا 4,213 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. رپورٽ ٿيل ڪيسن مان 53 سيڪڙو متاثرين ڇوڪريون ۽ 47 سيڪڙو ڇوڪرا آهن. هارن سان جنسي زيادتي جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس پنجاب ۾ ٿيا. ان کان پوءِ سنڌ ۾ 6_15 سالن جي وچ ۾ هار زيادتي جو شڪار ٿيا. ۽ 0_5 سالن جي هارن کي پڻ جنسي طور تي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو. رپورٽ موجب انهن سموري ڪيسن جي شروعات سائبر سيڪس کان ٿي. انٽرنيٽ ذريعي ننڍي عمر جي هارڙن سان ويجهو ٿي ۽ بعد ۾ انهن کي زيادتي جو نشانو بڻائي ماريو ويو.

نه رڳو اهو پر نيشنل سينٽر فار مسنگ اينڈ ايڪسپلائيٽڈ چلڊرن (NCMEC) جي 2020ع جي رپورٽ موجب، رڳو آمريڪا ۾ آن لائن لالچ ۽ استحصال جا 0.5 ملين کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ۽ Pew Research Center پيو ريسرچ سينٽر پاران 2019ع جي هڪ سروي ۾ معلوم ٿيو آهي ته 54 سيڪڙو آمريڪي بالغن ڪنهن نه ڪنهن قسم جي آن لائن حراساني جو تجربو ڪيو آهي، جنهن ۾ جنسي خواهشون يا واضح مواد شامل آهي. گم ٿيل ۽ استحصالي هارن لاءِ انٽرنيشنل سينٽر (ICMEC) اندازو لڳايو آهي ته 1 ملين کان وڌيڪ هار هر سال عالمي تجارتي جنسي واپار ۾ استحصال جو نشانو ٿين ٿا. ڪيترن ئي ڪيسن ۾ آن لائن سرگرميون شامل آهن. cybersecurity company Kaspersky سائبر سيڪيورٽي ڪمپني، ڪاسپرسڪي پاران 2020ع جي هڪ رپورٽ ۾ معلوم ٿيو ته سڄي دنيا ۾ 5 بالغن مان 1 (22٪) آن لائن سرگرمين ۾ مصروف آهن، جن کي خطرناڪ يا نامناسب حالتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو.

قانوني منظرنامي موجب سائبر سيڪس جي ڪيسن دنيا جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڌيان ڇڪايو آهي، انهن جي پيچيده نوعيت ۽ استحصال جي اثر هيٺ ڪيترين ئي اختيارين ۾ سائبر سيڪس جي ڪري نابالغ ذهن ان سنگين جرم جو شڪار ٿي وڃن ٿا. اڪثر ڪري چائلڈ پورنوگرافي يا آن لائن گرومنگ جي طور تي درجه بندي ڪئي وئي ته هاڻ پروفائيل ڪيسن ۾ متاثر خاندانن تي انهن ڌوهن جي تباهي واري اثر کي نمايان ڪيو ويو تنهن ڪري پڻ بين الاقوامي سطح تي سخت قانون لاڳو ڪرڻ وارا قدم کنيا ويا آهن. سائبر سيڪس قانون ۾ سزائن جي دائري ۾ هتي ڪجھ ملڪن جي قانونن ۾ ڏنڊن جو هڪ عام جائزو پڌرو ڪجي ٿو. آمريڪا 18 يو ايس سي s 2251: ٻارن جي فحش مواد پيدا ڪرڻ، ورهائڻ يا رکڻ جي سزا ۾ 15_30 سالن جي قيد سزا شامل آهي. 18 يو ايس سي s 2425: نابالغ کي آن لائن لالچ ڏيڻ جي سزا ۾ 10_30 سالن جو قيد شامل آهي. يورپي يونين جي هدايت تي جنسي بدسلوڪي ۽ استحصال خلاف رياستن ۾ قانونن کي هموار ڪري ٿو ٻارن جي جنسي بدسلوڪي ۽ استحصال لاءِ قيد ۽ ڏنڊ وانگر سزائون لاڳو ڪري ٿو. آسٽريليا ۾ ڪرمنل ڪوڊ ايڪٽ 1995 (Cth): آن لائين ٻارن جي استحصال جي سزا ۾ 15_25 سالن جي قيد شامل آهي. ڪينيڈا جي فوجداري ڪوڊ ۾ ٻارن جي فحش نگاري ۽ آن لائن استحصال جي سزا ۾ 5_10 سالن جو قيد شامل آهي. پارت انفارميشن ٽيڪنالاجي ايڪٽ (2000): مطابق فحش مواد شايع ڪرڻ يا منتقل ڪرڻ جي سزا ۾ 5 سالن جو قيد شامل آهي. جنسي ڌوهن کان ٻارن جو تحفظ ايڪٽ (2012): ٻارن جي جنسي زيادتي ۽ استحصال جي سزا ۾ 5_7 سالن جو قيد شامل آهي. پاڪستان اليڪٽرانڪ ڏوهن جي روڪٿام ايڪٽ (2016): سائبر ڪرائمز جي سزا، بشمول چائلڈ پورنوگرافي ۽ آن لائن استحصال ۾ 5_10 سالن جي قيد ۽ ڏنڊ شامل آهي. برطانيہ جنسي ڏوهن جو ايڪٽ 2003: آن لائين جنسي ڏوهن جي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سزا، بشمول گرومنگ ۽ هارن جي جنسي زيادتي، 5_10 سال قيد جي سزا شامل آهي. سائبر سيڪس ڪيس هڪ پيچيده ۽ گهڻ رخي مسئلي جي نمائندگي ڪن ٿا. جيڪي فردن، خاندانن ۽ مجموعي طور تي سماج لاءِ پري تائين پهچ وارا اثر آهن. جڏهن ته ٽيڪنالاجي جنسي اظهار ۽ رابطي جي نئين شڪلن کي آسان بڻائي چڏيو آهي، اهو پڻ استحصال ۽ نقصان جا موقعا پيدا ڪرڻ جو سبب به بڻي آهي. سائبر سيڪس جي قانوني، اخلاقي، ۽ نفسياتي طول و عرض کي سمجهڻ سان اسان محفوظ آن لائن ماحول پيدا ڪرڻ ۽ ڪمزور ماڻهن کي نقصان کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪري سگهون ٿا. جنهن لاءِ آگاهي جي سخت ضرورت آهي.

Reference:

- Where Did the Word Teledildonics Come From?". Future of Sex. 2016-08-19. Retrieved
- Steele, James (17 March 2021). "Pandemic Causes Boom in Virtual Reality Cybersex Tech". Audacy FM 101.9. Retrieved 29 October 2022
- Bologna, Caroline (2 June 2021). "19 Expert-Backed Tips For Keeping Your Long-Distance Sex Life Hot". Retrieved 23 October 2022.
- Döring, Nicola (2000). "Feminist Views of Cybersex: Victimization, Liberation, and Empowerment". CyberPsychology & Behavior. 3 (5): 863–884.
- Hahn, Harley (1996). The Internet Complete Reference (2nd ed.). Osborne McGraw-Hill. p. 570. ISBN 0-07-882138-X. The goal of mud sex is the same as the goal of regular sex (without the babies): to bond temporarily in a way that is physically and emotionally satisfying. To do so, two people will exchange messages so as to lead one another into a high level of sexual arousal, culminating in a well-defined resolution
- Cole, Samantha (December 2017). "In a First, a Man Is Charged for Rape Over the Internet". Retrieved 3 December 2022.

انٽرويوز:
ڪيس 01,

۽ پوءِ ماهين جي ننڍي عمر ۾ شادي ٿي

[ماهين پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو ته چار ڏينهن جو پيار بدنامي جي بازار جي زينت بٽيو، ڪوڙا واعدا قول قرار سڀ جسم جي حاصلات جا هربا هٿ، جڏهن اها حوس پوري ٿي ته منهنجي زندگي جا سڀ سڪ، پنهنجن جو پيار، ابي جي عزت به ختم ٿي وئي، هن سماج ۾ مرد ننڍي عمر ۾ ڪچو گوشت ڪائيندڙ معصوم جانور آهي. جڏهن هو وڏو ٿئي ٿو ته وڏي گوشت جي لذت ۾ آدمخور ٿي وڃي ٿو. جديد دور ۾ اسان جي ماحول ۾ عورتون شڪار آهن ۽ مرد شڪاري آهن، ڪٿي شڪار سينگارجي شڪاري اکيان اچي ٿو، ته ڪٿي شڪاري سينگارجي شڪار اکيان اچي ٿو ۽ شڪار پنهنجو بليدان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. هي ڪهاڻي آهي. ان ماهين جي جنهن جسماني مسرت خاطر پنهنجي تعليم وڃائي، پنهنجا رشتا وڃايا، پنهنجا پيارا ڪاوڙايا ۽ پوءِ سڄي عمر جو سڪ وڃائي هڪ معذور سان مڪمل محتاجيءَ واري زندگي گذارڻ لڳي.]

ماهين ٻڌايو ته مان ڪنهن پوسٽ تي ڪمينٽ ڪيو ۽ ان منحوس اڇي مون کي جواب ڏنو پرائي پوسٽ تي، جنهن کي هن وقت مان منحوس چوان ٿي، ان جو پهريون ڪمينٽ پڙهي مان هن کي اهل علم ۽ باذوق سمجهو ۽ فورن ڪمينٽ کان پوءِ، هن جي فرينڊ ريڪيسٽ مون وٽ پهتي، مان ڪنفرم ڪئي، ۽ هن ميسيج ڪيو مان تورائتو آهيان اوهان جو ۽ پوءِ اسان جي ڪچهرين جو سلسلو هليو.

نه رات جي خبر پوندي هئي، نه ڏينهن جي، مان سمجهندي هئس هو صرف هر وقت آن لائين منهنجي انتظار ۾ ويٺو آهي، اسان جي ڪچهري کي مهينو گذريو هن مون کي چيو ڪافي ڏينهن کان توکي ڏسڻ جي خواهش آهي، مان ناز انداز ڪندي رهيس مون کي به اها گالهه پسند هئي ته ڪو هر هر منهنجي وهي تعريف ڪري ۽ هو بلڪل ائين ئي ڪندو هو پوءِ نيٽ هڪ ڏينهن مون هن کي پنهنجي

تصوير موڪلي ۽ هو ٿي ڏينهن ان تصوير تي تعريف جا ترانا پڙهندو رهيو مان به صفا هن جي ويجهو ٿي ويس.

هڪ ڏينهن ضد ڪيائين ويڊيو ڪال تي اوهان کي ڏسندس، مان چيو نہ مون کي ويڊيو ڪال تي ڳالهائڻ نہ ايندو آهي، هن ضد ڪيو چيائين تون صرف چپ ڪري ويهجان خاموشي سان مان رڳو توهان کي ڏسندس ۽ پوءِ گهٽي منٽ ميڙ بعد مان ويڊيو ڪال تي آيس هن به مون کي شرارتي نظرن سان ڏٺو. 30 سيڪنڊ کان پوءِ مان ڪال ڪٽي ويس ۽ وري هو چار پنج ڏينهن منهنجي حسن جي واکاڻ ڪندي نہ ٿيو ٿڪجي. ڪجهہ ڏينهن مس گذريا وري چيائين نہ ڏٺو آهي اوهان کي جڙ ورهين گذري ويا آهن، منهنجي دل ۾ به شوخي پيدا ٿي پئي، نيٺ هو ساڳيو ضد ڪرڻ لڳو ۽ اها ويڊيو ڪال منٽ هلي، جنهن ۾ اسان صرف ٿوروئي ڳالهايوسين ۽ گهٽو هڪٻئي کي ڏسي پئي مسڪرايوسين.

نيٺ اهو ويڊيو ڪال وارو سلسلو روز جو معمول ٿي ويو ۽ ڪڇري به ساڳئي. هڪ ڏينهن هن چيو اوهان جي بريزر ظاهر ٿئي پئي، مان شرارتي لهجي ۾ هن کي چيو هي ڇا ٿو ڏسين ويڊيو ڪال تي تنهنجي نظر ايڏانهن ڪيئن وئي؟ هن مسڪرائي چيو تون سراپا سونهن آهين جتي ڏسان ٿو نظر هٽي ئي نٽي. نيٺ ڳالهين ڳالهين ۾ منهنجا به ڪپڙا لهي ويا ۽ مان ان مليل مسرت ۾ مخمور ٿي اهڙو نشو محسوس ڪيو هو جو ڪال جي ايندڙ کان پوءِ مان فورن آرامي ٿي ويس ۽ ويڊيو ڪال تي گذريل پل مون اڳيان آڪاس ۾ اڏامندڙ پکين وانگر پئي ڦريا. ۽ پوءِ اهو سلسلو اسان جي معمول ۾ شامل ٿي ويو.

پوءِ هو آهستي آهستي جڙ مون کان پري ٿيڻ لڳو هو مان هن کان ڪيئي ڀيرا پڇيو تہ اهڙو ڇا ٿيو آهي؟ جو تون اڳ جهڙو ناهين رهيو ڪا خطا ٿي آهي؟ منهنجون اهڙيون ڳالهيون به جڙ هن کي نہ وٺڻ لڳيون. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا جواب ڏيندو هو جو آئون سوچيندي هئس جيڪو ماڻهو ماني به مون کان پڇي کائيندو هو اهو ماڻهو ڪيئن ٿو

مون کان پري ويڃي، جڏهن مان هن تي پنهنجي محبت جي پاڻور تي هڪ ڏينهن تمام گهٽو زور پريو تہ هو تلخ لهجي ۾ ناشائستا لفظ ڳالهائي ويٺو. ويڊيو ڪالز جو طويل سلسلو جنهن ۾ انگ انگ جو نالو ڪٽي هو چمڙ جا اشارا ڪندو هو هاڻي اچانڪ مان هن کي ايتري خراب لڳس جيڪو پهريان چوندو هو اوهان ڳالهايو ٿا تہ ڄڻ گلاب جا گُل نِڙي پون ٿا. اڄ اهو ماڻهو ائين ڪيئن ٿو چوي تہ بڪواس نہ ڪر.

نيٺ اهڙو ڏينهن بہ آيو جنهن ڏينهن منهنجي پيرن هيٺان ڌرتي کسڪي وئي ۽ مون محسوس ڪيو تہ ڪو جبل منهنجي مٿان ڪريو آهي. پل پر لاءِ پانيم تہ ڄڻ هي جبل جيڏي منهنجي قبر آهي. جڏهن هن مون کي چيو تہ ماهين تنهنجي ڪلاس ميٽ مون کي ڏاڍي وٽي ٿي، ان جو مون کي نمبر بہ ڏيو ۽ ان کي پارٽ ڪيو منهنجي. اهو ٻڌي منهنجو باغبان جهڙو من هڪ دم تتل صحراءَ جي ريت جهڙو ٿي ويو مان هن کي سمجهايو تہ ڇا اوهان جي مون سان محبت صرف جنسي لذت جي خاطر هئي. اوهان مون کي ڇڏي منهنجي دوست جو نمبر ٿا گهرو مون کان ڪهڙي ڪمي رهجي وئي هئي. هن چيو ماهين مان ان کي صرف اوهان جي دانهن ڏيندس مان ڪيس وري چيو تہ شڪوا شڪايت محبت جو حصو آهن. اوهان مون سان بيان ڪيو ڪاوڙ ڪيو ڏڙڪا ڏيو پر هن هڪ نہ ٻڌي ضد تي ٻيٺو رهيو مان هن کي نيٺ پنهنجي دوست ليلا جو واٽس ايپ نمبر موڪلي ڏنو. ۽ پوءِ هن ائين ساڳيو ورتاءُ مُنهنجي سهيلي ليلا سان بہ ڪيو ۽ هڪ ڏينهن ليلا کي ڇيائين توهان جي سهيلي عافيہ وٽي ٿي ان جو نمبر ڏيو ليلا جذباتي بہ هئي ۽ هن فريبي سان عشق بہ ڪري ويٺي هئي.

هن وحشيءَ ڇا ڪيو جو ليلا جا نازيبہ ويڊيو ريڪارڊ ڪري مون ڏانهن موڪليائين ۽ منهنجا نازيبہ ويڊيو ليلا ڏانهن موڪلي ڇيائين تہ اوهان ٻنهي جا مون وٽ ثبوت آهن. جيڪر اوهان ٻنهي گڏجي پنهنجي سهيلي عافيہ کي مون ڏانهن متوجهہ نہ ڪيو تہ مان اوهان

ٻنهي جا هي ويڊيو انٽرنيٽ تي وائرل ڪندس. ان پريشاني ليلا جي ۽ منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏي. ڏينهن رات اسان پريشان ٿيڻ لڳاسين نہ پڑهائي ۾ ڪا دلچسپي رهي نہ گهر جي ڪنهن ڪم ڪار ۾ نہ ئي گهر وارن سان ڳالهائڻ تي دل چوي پئي. ان سوچ ۾ ماهين ڇيو مان سخت بيمار بہ ٿي پئي هئس ۽ مان ڏهني ولوڙ ۾ پاڻ کي پل پل ڪنهن نئين عذاب جي منهن ۾ ڏئو اها پيڙاءَ، سُور ڏک ۽ پريشاني ٻن مهينن تائين روز ليلا کي ۽ مون کي ڪنهن سخت عذاب جهڙو موت ڏيندي هئي ۽ هو وقتن بہ وقتن اسان کي ڏهني ٽارچر ڪندو رهندو هو.

نيٺ اسان ٻنهي گڏجي صلاح ڪئي تہ پلا عافيہ کي راضي ڪيون ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڪالیج کانپوءِ اسان عافيہ سان گڏجي ان جي گهر وياسين ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ ٽائيم گذري ويو پر اسان عافيہ سان اها ڳالهہ نہ پيا ڪري سگهون . آخرڪار عافيہ خود پڇيوا! هو وڏي چالاڪ چست ۽ ذهني طور بالغ هئي فورن چيائين اوهان پريشان آهيو ڪا ڳالهہ آهي اوهان مون کان لڪايو ٿيون. ان ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ ماهين ٻڌايو تہ منهنجي منهن تي هڪ مشڪوڪ مُرڪ تري آئي هئي ۽ عافيہ فورن پڇيو هاڻي ضرور ٻڌايو ڇا معاملو آهي ۽ پوءِ مان آهستي آهستي خوف ۾ ڊڄندي ڳالهہ ڪرڻ شروع ڪئي عافيہ بہ ليلا ۽ منهنجو ڳالهين ۾ سات ڏيندي رهي، جيئن اسان کلي ڳالهہ ڪري سگهون. عافيہ اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي چيو تہ اوهان حد درجي جون بيوقوف آهيو. پاڻ سان گڏ اوهان ڪيترن ئي شاگردياڻين جي زندگي تباهہ ڪندئو. توهان پريشان نہ ٿيو مون تي اعتماد ڪيو مان اوهان جي ان مسئلي مان جان آجي ڪرائي سگهان ٿي.

عافيہ روبرو وڃي هن منحوس سان ملي ۽ چيائين تہ تون ڪلاس جي ننڍڙين ڇوڪرين کي خراب ٿو ڪرين اهو عمل ستو ناهي نتيجي ۾ هو تپي باهہ ٿي ويو ۽ اندر ۾ اڇي خوف ويٺس متان ڪو مون کي برو ڀلو چوي خوف ۾ وڃي ماهين ۽ سندس سهيلي جون اهي ويڊيوز انٽرنيٽ جي فيڪ اڪائونٽ ذريعي وائرل ڪري ڇڏيائين. ٿوري ئي ٽائيم ۾

اهي هر ڪنهن جي گيلري ۾ اچي ويون. پوءِ ماهين ٻڌايو تہ منهنجي ءِ ليلا جي مالڪن طرفان پڙهائي بند ٿي وئي، موبائيل فون کسيا ويا ماهين وڌيڪ ٻڌايو پوءِ انهن ئي ڏينهن ۾ پنهنجي هڪ سئوٽ سان منهنجي شادي ڪرائي وئي، جيڪو پوليو سبب هڪ ٽنگ کان معذور هيو پر ڳالهہ ڳالهہ تي هو مون کي گاريون ءِ غلاظت ٻريا جملا ڳالهائيندو هو تہ تون بدڪردار آهين. ماهين ٻڌايو مڙس ءِ ساهرن پاران روز طعنا مهٽا ٻڌي ٻہ چڪر خودڪشي جي ڪوشش ڪئي، پر بچي وئيس ءِ اسپتال ۾ پيءُ پائر پچا ٻہ ڪونہ ڪرڻ آيا سواءِ ماءُ کان.

ماهين غم ۾ ٻڏل آواز ءِ اکين ۾ تري آيل نمي کي لڪائيندي چيو تہ منهنجي تہ عمر ننڍي هئي جواني جو جوش هو ڪو پتو نہ پيو تہ پڙهائي واري عمر ۾ ئي شادي ٿي ويندي ءِ اهڙو پيءُ ماءُ جو سندر گهر ڇڏي هتي اچي مال جي واڻن جي صفائي ڪندیس. ان سڄي عمل ۾ ڪنهن جو ٻہ ڏوهہ ناهي سواءِ منهنجي ناداني جي. مان هت ٻڌي ننڍي عمر جي ڇوڪرين ءِ شاگردياڻين کي گذارش ڪندیس تہ خدا جي واسطي پنهنجي عزتن سان نہ کيڏو نياڻي جي عزت پيءُ جو پٽڪو ءِ ياءُ جو شان هوندي آهي، پر جڏهن کا نياڻي اهڙو ڪريل عمل ڪري ٿي تہ معاشري ۾ پيءُ جو پٽڪو ءِ ياءُ جي عزت داغدار ٿئي ٿي، پاڻ کي ءِ پنهنجي هم عمر سهيلن کي سمجهايو تہ خدا پاران مليل ايڏي خوبصورت زندگي کي رسوائي جي تندور حوالي نہ ڪيو پنهنجو ءِ پنهنجي پيارن جي عزتن جو خيال ڪيو.

◈

مان پنهنجي پيءُ جي قاتل آهيان

[هي اها ٿمرين آهي، جيڪا پنهنجي گهر جي خوشي هوندي هئي، ۽ تر جي گئي سوءِ چوڻون ڪائي جي لحاظ ڪان هن وقت ٿمرين سڄي گهر لاءِ غم جي علامت بڻيل آهي. هو روز رات جو مري، صبح جو عذاب سهڻ لاءِ زنده ٿئي ٿي، هڪ خوشحال گهر اجڙي ويو، جتي رونقون مذاق، مستيون ۽ ٽهڪ هن گهر ڪان رسي ويا آهن ۽ اتي اچي غم پريشاني پيڙاءَ هن گهر جو در سنڀاليو آهي. ٿمرين ٻڌايو ته منهنجو روح ٽڙيل نازڪ گل جهڙو هيو، جيڪو هاڻي بي حسيءَ جي وزن ۾ لتاڙجي ويو آهي، عورت بہ پنهنجي مزاجن ۾ بيوقوف آهي، جو ته هو هڪ احمق مرد سان محبت ڪري ٿي، جيڪڏهن دنيا عورتن جي محبت تي بندش وجهي ته مرد برپٽن ڏي منهن ڪري پٺ جي دور ۾ وڃن لاءِ واجهائيندو.]

فيس بڪ پيج تي هڪ سنڌي نوجوان ليڊيز ڊريس ۽ سياري جي حوالي سان سوئيٽر ۽ گرم ڪپڙن جي ايڊورٽائيز رکي، ان پوسٽ متان سنڌي ۾ وڏو ڪيپشن لکيل هو ته... اچو ته سنڌي گڏجي هڪٻئي جي ڪاروبار جي سپورٽ ڪيون، خير ان پوسٽ تي ڏنل هڪ سويٽر مون کي وٽيو مان آرڊر ڪيو ۽ پارسل مون کي ملي ويو ۽ هو ڇوڪرو ڏاڍو سٻاجهڙو نيڪ ۽ طبيعتن ڏاڍو معصوم لڳي پيو مون کي ڪجهہ وقت کان پوءِ واٽس ايپ تي ميسيج ڪيائين ته باجي مان غريب آهيان، اوهان پنهنجي دوستن ۽ فيملي جي گروپن ۾ اسان جي ڪاروبار جي ايڊورٽائيز رکو اوهان جي صدقي اسان کي ڪو آرڊر ملندو ته اسان جو پلو ٽي پوندو. ۽ ڇوڪري کان مان نالو پڇيو چيائين جبران مان جبران جي اخلاق ۽ ڳالهين مان ڏاڍي متاثر ٿي پيس هو ڏاڍو شريف ۽ سلجهيل پيو لڳي.

۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي هيلو هاءِ ٿيندي هئي مان ڪجهہ آرڊرز بہ ونڊي ڏنا ۽ مون سوچو ته نيڪ نوجوان آهي. مخلص ۽ اخلاق وارو آهي، پلي هن جو پلو ٽٽي. جبران جي ڳالهين منهنجي اندر ۾ ڏاڍي همدردي پيدا ڪئي، مان هن کان پڇيو اوهان هر وقت جڏهن مان

ميسيج ڪيان ٿي آن لائين ويٺا آهيو چيائين منهنجو آن لائين ڪاروبار آهي، ان ڪري هر وقت ويٺو هوندو آهيان، ڪيڏي مهل ب ڪو آرڊر اچي سگهي ٿو خير ڳالهين ۾ منهنجي جبران سان سڀي هم آهنگي ٿيندي وئي ۽ اسان جي ڪچهرين جو سلسلو جاري ٿي ويو پر ڪڏهن ب مان نوٽ نہ ڪيو تہ ٻاهران همدرد ڏيڪ ڏيندڙ جبران اندر جو ايڏو جابر هوندو اسان جون ڪچهريون راتين ۽ ڏينهن ۾ تبديل ٿي ويون، مان ب جبران جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويس، پتو ئي نہ پيو اسان ايڏو ويجهو ٿي وياسين.

هڪ رات جو ڳالهين ڳالهين ۾ جبران ويڊيو ڪال ٿي چيو مان اوهان لاءِ هٽ جي هنر وارو گرم سويٽر ٺاهرايان ٿو پر مون وٽ اوهان جي ماپ ئي ناهي جيڪڏهن اوهان ٿورو اٿي بيهو رئو لاهي تہ مان اوهان کي مڪمل ڏسي سگهان. اها سياري جي رات هئي مان ب همدردي ۽ اعتماد جي مضبوط ڏارا ۾ هئس مان چيو ها ڇو نہ.... تون ڪو پرائو آهين ڇا؟ ڏسي سگهو ٿا ۽ ائين ڪچهري ڪچهري ۾ منهنجو رئو جيئڪيٽ چولو بريزر لهي ويو مدهوشي ۾ مون کي ڪا خبر ئي نہ پئي، ۽ ڊسمبر جي اها رات اسان چار بجي تائين رومانوي انداز ۾ گذاري تہ ويتر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جبران مون تي وڌيڪ موهجڻ لڳو ۽ مان ب مڪمل طور تي فدا ٿي پئي هئس ۽ هر رات اسان جي جواني جي جوش ۾ گذرندي هئي. اسان جي وچ ۾ هاٽي ڪو ب پردو نہ رهيو هو.

هڪ ڏينهن مون کي جبران چيو اوهان منهنجي آفيس اچو منهنجي دل چوي ٿي گڏجي چانهہ پيئون ۽ جبران جي گهٽي اسرار بعد مان نيٽ جبران جي آفيس ويس اتي اسان چانهہ پيتي. ڪچهري دوران جبران منهنجي هٽ تي هٽ رکي چيو جڏهن کان اوهان منهنجي زندگي ۾ آيا آهيو منهنجي بي رنگ زندگي ۾ انڊلٽ جهڙا

خوبصورت رنگ پرجي ويا آهن، ۽ پيار پريون ڳالهيون ڪندي اسان هڪبئي جي ويجهو ٿي وياسين جواني جي جذبن اسان کي لوڙهي ڇڏيو مان گهر واپس اچي ان عمل بابت پاڻ کي برو پلو چوڻ کان عاري ٿي وڏي اطمينان سان خوشي محسوس ڪندي رهيس، جڏ هو منهنجي ڪائنات جو ديوتا بڻجي ويو هو مان ان ملاقات کان پوءِ هن کي پنهنجي سر جو مالڪ سمجهو ، مون سمجهو منهنجي ڪل ڪائنات جبران آهي، هو جان، مال، تن، تونس، سڪ ۽ ساهه جو وارث آهي.

جبران منهنجو اعتبار بڻجي ويو هو مون سوچيو جبران کان پوءِ منهنجي ڪا به منزل، ماڳ ۽ مقام ناهي، ان ملاقات کان پوءِ اسان جڏهن دل گهريو هن سنسار جي بدنظر کان لڪي ملندا هئاسين، پر ڪجهه وقت کانپوءِ جبران جو رويو مون کي ٿورو بدليل لڳو هڪ ڏينهن مان جبران کي چيو تون بدلجي ويو آهين ائين پهريان ته نه هئين. منهنجو ائين چوڻ شايد جبران کي اصل فساد جو بهانو ملي ويو. ايترو چڙي ۽ تلخ لهجي ۾ ڳالهايائين جو مان روئي پيس پوءِ هو بار بار مون کي فون ڪال ڪري ذليل ۽ رسوا ڪندو رهيو مان کوڙ دفعا جبران کان معافيون ورتيون ته آخر مون کان ڪهڙي خطا ٿي آهي. جو تون ائين ڏمرجي پيو آهين، تڏهن کيس دنيا جي هر آڏت دلاسو ڏنم ۽ پرچائڻ جي پرپور ڪوشش ڪيم منٽ ڪيم ضد ڇڏيو ڪاوڙ ختم ڪيو پر هو پنهنجي ڪاوڙ ۽ اجائي ضد تي قائم هيو مان روئندي رهيس پر هن کي ڪو به ڪهڪاءِ نه آيو.

هڪ ڏينهن اچانڪ پاڻ ڪال ڪيائين ۽ چيائين ته مان توسان ڪاوڙ ۽ ضد ختم ڪيو هاڻي تون سياڻي تيار ٿي اچجان جڏهن ڪان منهنجي دوست زيب توکي ڏٺو آهي هن جون راتيون ڏينهن بي آرام ٿي ويا آهن، اهي لفظ مون مٺان وڃ بڻجي ڪريا ۽ پل ۾ مان سڙي خاڪ ٿي ويس ۽ فون ڪال ڪٽي ڇڏي پاڻ کي اذيت ڏيندي رهيس ته جبران

هي ڇا ڇئي ويو مان سوچن جي ان کوھ ۾ ڀڏندي غوطا کائيندي رهيس ته وري کال کيائين. مان محبت ۾ خيانت قبول نه ڪندي جبران کي تمام گھٽو ڳالهايو جيڪو چوٽو هو دل کولي چيم ۽ پوءِ جبران به ڪاوڙ مان چيو تون پنهنجو واٽس ايپ چيڪ ڪر پوءِ مون سان گوڙ ڪجان. مون فورن کال ڪٽي واٽس ايپ چيڪ ڪيو ڪجھ به ڪو نه هيو فون رکي ته فورن ٻه ميسيج مليا.

مان يڪدم اهي ويڊيو ڊسڻ جي ڪوشش ڪئي ته اڌ ويڊيو مس هليو ته مان محسوس ڪيو جڙ ڪير منهنجي وات ۾ هٿ وجهي ڪنهن وڻ جي پاڙن جيان منهنجا آندا ڇڪي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي، دماغ سن ٿي ويو هٿ پير ڏڪڻ لڳا اکين اڳيان اونداهه ٿي وئي، هيٺ زمين تي ويهي رهيس ۽ محسوس ڪيم دنيا جا سڀ ڏوهه بيڙا ڪم برائيون مون متان ييهي وڌا وڌا ٽهڪ ڏئي رهيون آهن. مان پنهنجا هٿ ڪنن تي رکي، نڙي ۾ ڦاٽل سڏڪي کي ڪنڊي وانگر محسوس ڪندي پنهنجون ريهون دٻايون ته متان منهنجي رڙ ڪمري کان ٻاهر نه وڃي، اکڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون. ۽ مان بيڊ تي اوندي منهن روئيندي روئيندي سمهي پيس. اهي ٻه ويڊيوز تڏهن جا هئا جڏهن اسان ويڊيو ڪال تي بنا ڪپڙن جي هڪٻئي جي روبرو ٿيا هئاسين ۽ جڏهن مليا سين ته جبران وٽ سي سي ٿي وي لڳل هئي، جتي اهو لمحو قيد ٿيل هو.

اک ڪلي جبران جا ٻيا ميسيج ٻه لڳل هئا ته جيڪر ضد ڪري تون منهنجي دوست سان نه ملندئين ته مان هي ويڊيو انٽرنيٽ تي ڏيندس توکي ڪير ٻه پنهنجو نه ڪندو اهو لمحو مون لاءِ قيامت خيز هيو مون منٿون ڪيون الله جا واسطا وڌا پر هو نه مڙيو منهنجي انڪار تي هن اهي ويڊيوز انٽرنيٽ تي آئوٽ ڪري ڇڏيون ۽ منهنجي زندگي خراب ٿي وئي. مان هن وقت نه پاڙي ۾ وجي سگهان ٿي، نه مائٽن کي منهن ڏيڪارڻ لائق رهي آهيان، منهنجي مالڪن مون کان موبائيل ڦري

مون تي بيرحماڻو تشدد ڪيو ۽ منهنجي ٻانهن ٻه ڀيڻ ۽ ڏن، هن وقت معذوري واري عذاب سان گڏ ڏهني پوڻنا ۾ روز مري رهي آهيان. مائٽن ۾ ڪو شادي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سڀ مائٽ منهنجي ڪري اسان جي گهر کي ئي خراب سمجهن ٿا. منهنجي ڪري منهنجي ٻين ڀينرن جا رشتا ٻه ٽُٽي ويا. منهنجو رشتو منهنجي سئوٽ سان ٿيل هو. ان اسان جي گهر اچي بابا جي بيعزتي ڪئي، جنهن ڪري بابا کي دل جو دورو پيو ۽ اهو منهنجي ڪري دنيا ڇڏي ويو. مان ٿوري اعتبار جي ڪري جبران کي دنيا سمجهيو پر هن راڪاس منهنجي دنيا اجاڙي ڇڏي ۽ اهو پل محسوس ڪندي پل پل مرندي آهيان ته مان پنهنجي پيءُ جي قاتل آهيان. شريف گهراڻو هئاسين، نه قانوني رستو اختيار ڪيوسين نه ڪو داد فرياد ٿيو مان گهر جي باغ بهار هئس، پر هن وقت سڄي گهر تي بار آهيان.



شادي جو آسرو ڏئي، زندگي عذاب ڪري ويو

[هڪڙيون ڪيفيتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي اظهار لاءِ عام لفظ ۽ سون جي ٻاونا رکندا آهن. رسول ميمڻ جي ڳالهه جيان ته 'سون ڪيڏو به سستو هجي، پر هوندو مهانگو آهي' محبت روح جو اهو گل آهي، جيڪو خاموشي ۾ ڦٽندو آهي. ان جي اظهار لاءِ لفظن جو فصل پوکڻ اجايو آهي، پر زندگي جو سڀ کان وڏو ٻيانڪ ۽ افسوسناڪ المیو اهو به آهي ته اوهان جنهن سان پيار ڪندا آهيو ان کي خبر ئي ناهي هوندي ته ڪو منهنجي چاهت ۾ آسمانن کي چهيڙ رهيو آهي. نتيجي ۾ اهو ماڻهو مايوس ٿي پنهنجي اندر ۾ هڪ قبرستان قائم ڪري ڇڏيندو آهي. جتي روز پنهنجي سندر سپنن کي ڪنوار جيان سجائي سينگاري ۽ 'سَتِي جَتِي' ڪري دفنائيندو آهي، يا وري پنهنجي ابهم احساسن کي انتظار جي صليب تي عيسيٰ جيان ٽنگي ۽ رت کان آجو ڪري تعبيرن جي ڪفن بنا خوابن کي دفن ڪندو آهي. ته ڪڏهن وري پنهنجن جذبن کي گلي بجاءِ پيرن کان مڏي ڪاتي سان ذبحُ ڪري تدفين جي روئداد تائين رودَنُ ڪندو رهجي ويندو آهي. هي ڪهاڻي آهي. اهڙي بردبار عورت جي جنهن وٽ هر وقت مرڪ ٽهڪ، مذاق، مستي ۽ انسان دوستي وارو جذبو هيو. سماجي قانون مطابق عورت کي هڪ ڏينهن مڪمل ٽيڻ لاءِ ڪنهن مرد جي چوند يا والدين پاران ڏسيل خواهش جي احترام ۾ ها ڪرڻي پوي ٿي، پر هن ڪيس ۾ 30 سالا نصرت شادي واري رشتي جي چڪر ۾ پنهنجي عزت جو جنازو نڪرندي ڏٺو ۽ پوءِ بيوجه رسوائي ۽ ذلت ڏيندڙ شخص خلاف ميدان جنگ ۾ لهي آئي ۽ هوءَ ڪيتري وقت کان قانوني طور پنهنجو ۽ ٻين متاثر نياڻين جو ڪيس ڪٽي، راهه حق ۾ پاڻ ملهائي رهي آهي.]

نصرت ٻڌايو ته: منهنجو ڪافي ماڻهن سان سٺو دوستاڻو رويو رهيو آهي. سدائين کل ٻوڙ مذاق مستي مان ڪڏهن به مايوسي يا مونجهارو ڪٽي ٻين کي پريشان ناهي ڪيو مان چاهيندي آهيان. منهنجا ڏک مون سان ئي هجن، منهنجي ڪري ٻيو ڪير پريشان ڇو ٿئي، منهنجي سوچ هوندي آهي. سڀني سان حسن اخلاق طور پيش اچجي ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ مون کي ڪافي دلي سڪون ملندو آهي. سوشل ميڊيا تي به ڪافي سارا ماڻهو ويچارا مونجهاري جو شڪار هوندا آهن، پوسٽون ايندين آهن ڀلائي جي مدد ڪيو وغيره وغيره.... سوشل ميڊيا تي هزارين ماڻهن اجايو رابطو ڪرڻ جي به ڪوشش

ڪندا رهيا، پر مان سڀني کي حاصل مقصد طور جواب ڏيندي هئس، پر هڪ شخص جا روز لاتعداد ميسيج ايندا هئا، ۽ ميسيجز پڙهي مون کي هو انسان دوست لڳو جنهن سان ڪچهري ڪري محسوس ٿيو ته سڀ ۽ نيڪ انسان آهي، پر هو جانور کان به بدترين شخص نڪتو انساني روپ ۾ بگهڙ صفت ماڻهو نڪتو.

اسان جي ڪچهرين جو سلسلو هليو اسان هڪٻئي جو اعتماد ڪٽي ورتو ۽ هن مون کي شادي جي آفر ڪئي مون سميت منهنجي فيملي کي به هن اعتماد ۾ ورتو ۽ ايتري قدر اسان جي شادي کان پهريان مڱڻي ۽ نڪاح جون تاريخون به طئي ٿي ويون، ان کان پهريان هن شخص مون کي چيو ته بس هاڻي پاڻ ٻئي ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ ٿي ويندا سين تون منهنجي زال آهين، مون کي به نيٽ شادي ڪرڻي هئي، ۽ راتين جون راتيون اسان جون ڪچهريون هلنديون رهيون نيٽ هڪ ڏينهن هن فورس ڪيو ته چا مان اوهان کي ڏسي سگهان ٿو ويڊيو ڪال تي هن جي گهڻي اسرار تي مان ها ڪئي، ۽ هن مون سان بلڪل اهڙو رويو رکيو جيئن زال مڙس جو جسم هڪٻئي جي امانت هوندو آهي، مان ائين هن جي امانت ٻڌجي ويس منهنجا خيال، سوچون، مستقبل سڀ ڪجهه اهو شخص ٻڌجي ويو جيڪو سر جو منهنجي ساهه جو مالڪ ٻڌجي ويو.

مان پاڻ هن شخص کي اربي ويٺيس. فڪر، فهم، نظم ضبط ۽ ايندڙ وقت جي خوشي سميت مان دل دماغ پنهنجي جسم جو مالڪ به هن شخص کي سمجهو ڇو ته هو منهنجو ٿيڻ وارو ور هيو. هو جيئن چوندو رهيو مان ڪندي رهيس چيائين اُٿي بيهه ته مان اٿي بيٺس چيائين ويهه ته مان ويهي رهيس، چيائين لباس لاهه ته مان لاهي ڇڏيو. چيائين پائي ته مان پائي ڇڏيو. مان پاڻ کي هڪ فرمانبردار زال جيان سڀني خوبيون کي اپنائي هن شخص کي وڃائڻ نه ٻئي چاهيان، هڪ ڏينهن هن چيو ڪجهه پئسا کپن ٿا مون کي سخت ضرورت آهي، مان پالر هلائڻ سان گڏ قانون جي شاگرديائي جي حيثيت طور ڪم

ڪندي هئس منهنجي VC رڪيل هئي. سچي وي سي مان هن شخص کي ڏني، جيڪو منهنجو مڙس هيو مان هن کي پنهنجو مڙس خيالي طور قبول ڪري چڪي هئس.

جڏهن شادي جون تاريخون ويجهون آيون. هو مسلسل بهانا ڪندو رهيو. مان پرديسي آهيان نٿو اچي سگهان ڪجهه پيسن جي ضرورت آهي وغيره وغيره. تيسين منهنجي مالڪن به چيو هي ڪهڙو انسان آهي. شادي مگٽي جي تاريخ ويجهو اچڻ واري آهي ۽ هو تنهنجي ڪري ايترو ڪجهه نٿو ڪري سگهي، نيٽ مان به ڪاوڙ۾ اچي هن کي چيو مڙس جي زبان هجڻ گهرجي بهانا ته ڪمزور عورتون ڪنديون آهن. مان اوهان لاءِ سر جو سانگو لاهڻ لاءِ تيار آهيان، اوهان منهنجي ڪري ٽڪيٽ نٿا وٺي سگهو خير هن کي گهٽي بحث کان پوءِ ٽڪيٽ جا پئسا به هٽ ڪري ڏنا پر هو دوکيباز نه آيو چوڻ لڳو ڏرتي ديس جي شهيدن جي رت جو قسم مان نٿو اچي سگهان مطلب هن بهانا ڪرڻ جا سڀ حربا استعمال ڪيا پوءِ به ڪتي پيو نفسياتي طور جڏهن انسان ڪٽي پوندو آهي ته پوءِ وجهه وٺي بهانا ڪري گوڙ گهمسان يا رڙيون دانهون ڪري گار گند ڪري فرار ٽيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پاڻ کي آجو ڪرڻ لاءِ هن شخص به ٺيڪ ائين ئي ڪيو ۽ مان جيڪو هن جي بدنصيب ڪنوار بڻجڻ واري هئس ۽ هن بهانا ڪري ڇٽائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪجهه ڏينهن گذريا مان هن کي پرچائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي مون گهٽو سمجهايو پر هو مختلف قسم جا بهانا ڪري مون سان نازيبا زبان استعمال ڪندو رهيو نيٽ اها تلخي آسان کي پري کٽي وئي، مان هن کي چيو مرد جو اهو شان ناهي ته ڪنهن عورت سان ايترو گهٽ وڌ ڳالهائي مان ته وري به اوهان جي زال ٽيڻ واري آهيان، تنهن تي هو اڃان وڌيڪ ڀڙڪي اٿيو ۽ الائي ڪهڙي قسم جو زهر اوڳاڻڻ لڳو ۽ منهنجي غيرت کي للڪارڻ مان وري منٽ ڪئي ته عورت وٽ هوندي عزت آهي تون عزت کي داغدار نه

ڪر. ان تي مڇرجي هن ڇيو هاڻي مون کي ڪجھ پيسا موڪل نہ تہ ٻئي صورت ۾ اوهان جا ويڊيو ليڪ ڪندس. مان هن اڳيان گھٽو ٻاڌايو ائين نہ ڪر.... ايترو ٻاڌايو منڻون ڪيون جو خدا اڳيان ڪيان هان تہ هو منهنجي زبان تي آيل هر خواهش پوري ڪري هان. مان توکي پنهنجي جسم جو حصو يعني مڙس سمجھو هو. توهان شادي پلي نہ ئي ڪيو پر مون کي رسوا نہ ڪجو تنهن تي هن شخص چيو تہ مان توکي ايترو رسوا خوار ۽ ذليل ڪندس جو ڪو بہ مرد توکي پنهنجو نہ ڪندو ۽ ائين چئي رات جو هن منهنجون اهي ويڊيوز وائرل ڪيون. جڏهن مان هن جي زال جي حيثيت سان گفتگو ڪئي هئي.

جڏهن ويڊيوز وائرل ٿيون تہ مان سوچيو خودڪشي ڪري ڇڏيان. پر ڪن انسان دوست مسيحا ۽ منهنجي رشتيدارن مون کي سمجھايو تہ ناحق خلاف وڙهبو آهي. غدار جي قانوني سزا آهي. دوکيبازي کي ان جي کيل ڪرتوتن جي سزا ڏجي. ڏوهہ هن ڪم ظرف ذليل شخص جو آهي. جيڪر اوهان خودڪشي ڪري ڇڏي تہ اوهان جو موت اسان جي خاندان مٿان هميشہ لاءِ بدنما داغ هوندو. ان ڪري هر محاذ تي اسان اوهان سان گڏ آهيون ۽ پوءِ مون کي اهڙو حوصلو مليو جو مان عزم ڪري ويٺس تہ زندگي جو فلحال مقصد هڪ ئي آهي. ان بي وڙي ماڻهو کي ڳولهي سماج کي لڳل ناسور ماڻهن کي ننگو ڪجي. ۽ پوءِ مان مسلسل ان ماڻهو جي ڳولا ۾ قانوني پاسا ڪورٽ ڪچهريون ايم بي سي توڙي هر لحاظ کان ڪوشش ڪري ان کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سرگرم آهيان. منهنجي اهڙي ردِعمل تي هو بکيو بگھڙ وڏيڪ مڇرجي مون کي ۽ منهنجي فيملي کي بدنام ڪرڻ لاءِ وسان نڪو گھٽائي پر مان تيسين ساهہ نہ کڻندس جيسين ان ڪريل ماڻهو کي کيل دغا جي سزا نہ ڏيارياں. ان ڳولا ۽ جانچ دوران مون کي پتو پيو تہ ان وحشي جانور الائي ڪيتريون زندگيون تباهہ ڪيون آهن.

جيئن جيئن مان جانچ ڪندي ويس، تيئن تيئن مون کي ان وچوڻ جون ڏنگيل الاهي معصوم عورتون مليون مان عهد ڪري انهن عورتن سان وچن ڪيو تہ اچو منهنجو ساڻ ڏيو ان وحشي جانور کي ڳچي ۾ پٽو وجهون. جي اوهان منهنجو ساڻ نہ ڏيندؤ تہ اهڙا رهزن انسان ايندڙ وقت ۾ اوهان جي ڇڻ جون عزتون بہ نيلام ڪندا. اڄ اسان متاثر آهيون ۽ خاموش رهياسين تہ سياڻي ڪا ٻئي نياڻي تباهہ ٿيندي ڪو ٻيو گهر اجڙي تباهہ ٿيندي نظر ايندو. ان ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان کي خاموش ناهي ويهڻو جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. انسان ماءُ جي پيٽان اگهاڙو آيو آهي وقت سان گڏ جسم جي نشونما ٿئي ٿي. جيڪڏهن ان پوزيشن ۾ ڪنهن اسان کي ڏسي ورتو تہ ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ خدا پاران مليل حسين زندگي جو ڏيئو اُجهائي ويهون. اچو تہ پاڻ سان ٿيل ناانصافي غلط بياني، ۽ وفا جي نالي تي مليل بدنامي جو توگ ان وحشي جانور جي ڳچي ۾ وجهون نہ تہ ايندڙ وقت ۾ ڪيترين ئي معصوم نياڻيون اهڙن بگهڙن هٿان چيرجي ويندين. منهنجي اهڙي خاطري کان پوءِ ڪافي خاموش چوڪرين بہ نڪري آيون، مان بدنام ٿيل هئس. سوشل ميڊيا جي نظر ۾ ان ڪري اهڙين چوڪرين مون کي جلدي ڳولهي ورتو ۽ ڪن کي مان ڳولهيو ڪن اعتراض ڪيو گڏ ٿي نہ بيٺيون تہ بس عزت وئي ڳالهائينداسين تہ اڄان بدنام ٿيندا سين. مان گهٽي ڪوشش بعد انهن متاثر عورتن جي ذهن سازي ڪري پنهنجي هڪ ٽيم ناهي آهي ۽ جلد مجرم قانون جي ڪٺهڑي ۾ هوندو اها اسان جي فتح هوندي.

◈

اهڙو ڏک جيڪو نه ختم، ٽيندو نه گهٽبو

[هي ڪهاڻي آهي هڪ حسين ڏهن رڪندڙ انتهائي شريف ۽ معصوم چوڪري 23 سالا نسيم جي جيڪا تمام چوڪرين کان گهٽو مختلف هئي. پر هوءَ عمر جي حوالي سان اُپرندڙ خيالن کي سختي سان قابو ڪرڻ باوجود به جنسي جذبن جي اُپار ۾ سرگردان ٿي وئي ۽ هاڻي هو ٻڌائي ٿي ته "مون سوچيو ته منهنجي محبت هميشه لاءِ آهي، پر جيڪو منهنجي زندگي ۾ آيو اهو هميشه لاءِ اهڙو ڏک ڏيڻ آيو هو، جيڪو ڏک ختم ٿيڻ ته پري پر گهٽ ٿيڻ لاءِ به تيار ناهي" نسيم جي والد ٻڌايو ته ڏيئ کي ايترو مجبور ۽ بيوس ڪيو ويو. جو هوءَ ذهني توازن وڃائي ويٺي ۽ ٻن سالن کان لاڏلي ڏيئ جي ذهني معذوري سبب سڄو گهر پريشاني ۾ مبتلا آهي. نسيم جو پيءُ ۽ نسيم سان ٽيل گفتگو جنهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هفتو لڳي ويو نسيم نفسياتي طور بار بار پنهنجو نالو ڪٽي ڇالهائي رهي هئي. جيڪا سائيڪالوجي ۾ انتهائي اذيت ۾ مبتلا مريض جي علامت آهي.]

نسيم ٻڌايو: منهنجي دوست نورين سدائين ان ڳالهه تي اختلاف ڪندي هئي ته نسيم تون شوم آهين، هر وقت ڪاوڙجڻ توکي ڏاجي ۾ ملي آهي، نورين منهنجي سڀني دوست هئي اسان جو جهيڙو به محبت جي علامت هوندو هيو هڪ ڏينهن نورين عيد جي ڏاڙڻ دوران پنهنجي موبائيل گهر رکي خريداري لاءِ ريشم گلي نڪري وئي اچانڪ مون وٽ واٽس ايپ تي ميسيج آيو هاڻي گهٽي دير ٿي وئي آهي گهر اچو اهڙو ميسيج ڏسي مان جواب ڏنو مان ته پنهنجي گهر آهيان اوهان ڪير آهيو؟ جواب آيو نسيم مان نورين جو ياءُ آهيان نورين کي وقت ٽيو آهي خريداري لاءِ نڪتي آهي پر هن وقت تائين گهر ناهي پهتي، مون سوچو اوهان سان گڏ هوندي ان ڪري اوهان کي ميسيج ڪيو نورين جي موبائيل به گهر رهجي وئي آهي. مان جواب ڏنو ته اوهان هن جا ياءُ آهيو هن جو خيال ڪيو ڇو ايڏي دير ٿي آهي، ماحول خراب آهي جلدي هن کي ڳولهي هٽ ڪيو.

هن ڏينهن کان پوءِ وري نورين جي ياءُ جواد ميسيج ڪيو ته نسيم مون کي معاف ڪجو ان ڏينهن نورين دير ڪئي مون کي وري اوهان تي

ڪاوڙ هئي مون سوچيو اوهان سان گڏ نڪتل آهي، پر اوهان منهنجون اکيون ڪولي ڇڏيون، اوهان جھڑبون ڇوڪريون هن سنسار جو خوبصورت ۽ حقيقي رنگ آهن، جن وٽ رشتن جو قدر آهي، محبت آهي، پيار آهي، احترام آهي، جيڪي پنهنجو ۽ پنهنجي پيارن جي عزت، جان ۽ مال جو فڪر ڪن ٿيون. جڏهن اوهان مون کي چيو ته نورين جو خيال ڪيو هن کي ڳولهي هٿ ڪيو اوهان جي انهن ڳالهين منهنجي دل جي دنيا فتح ڪري ورتي هئي، نسيم جواد کي جواب ڏنو ته عورت اڪيلي ناهي پيءُ جي پڳ ۽ پاءُ جي عظمت جون واڳون هر جوان ڪنواري نياڻي جي هٿ ۾ هونديون آهن. ان ڪري نورين نوجوان آهي مون کي هن جو فڪر رهندو آهي ته خيرن سان وڃي ۽ خيرن سان اچي. جواد جواب لکندي چيو ته نسيم توهان جو اخلاق سيرت ڏسي، مان اوهان جي حقيقي سونهن تي فدا ٿي ويو آهيان.

۽ پوءِ نسيم ٻڌايو ته اسان جون ڪچهريون هلنديون رهيون، جواد شاطر دماغ هيو اعتماد بحال ڪرڻ ۾ ۽ منهنجي دل کٽڻ ۾ دير ئي نه ڪيائين. ڳالهين ۾ نسيم کي ائين کڻي ورتائين، جيئن ڪو جوئاري داءُ ڪري ناڻو کٽيندو آهي. نسيم به جواد ۾ پاڻ جھڑا اخلاق ڏسي جواد جي قربت ۾ جڪڙجي وئي ۽ ڪچهرين جا سلسلا پئي هليا، ٿي مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن جواد ويڊيو ڪال ڪئي نسيم ٽن مهينن کان پوءِ به جواد جي ويڊيو ڪال رسيو نه ڪئي ۽ سخت پڇاڻو ڪيائينس ته اڄ اوهان ويڊيو ڪال ڇو ڪئي آهي؟ جواد بهانو ڪري نسيم کي چيو اهو ان ڪري ته اڄ منهنجي سالگره آهي منهنجي فيملي منهنجو ڪيڪ ڪٽي رهي هئي مان سوچو اوهان به اتي شريڪ هجو اهو سمورو ڊونگ هيو. جواد جو ويڊيو ڪال بحال ڪرڻ جو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ پوءِ جواد جڏهن ڪنهن هئي شهر يا ڪنهن قديمي ۽ تفريحي جڳهه تي ويندو هو ته ويڊيو ڪال ڪري مون کي اهي منظر ڏسيندو هو. آخرڪار مان به ويڊيو ڪال جو خوف وڃائي ويٺس ۽ پوءِ اسان ويڊيو ڪال تي ڪچهريون

شروع ڪيون ٿئي نوجوان هڪاسين، جيئن جيئن ٽائيم وڌيو تيئن تيئن اسان جو هڪٻئي مٿان وڏو اعتماد ٿي ويو.

هڪ ڏينهن واش روم ۾ وڃي بهاني سان جواد وڊيو ڪال ڪري مون کي چيو هي ڏس پاڻي جي حالت لائين ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري هتي اسان وٽ پاڻي ساوڻ جي مينهن جيان وسي هليو ٿو وڃي ان دوران ڳالهيون ڪندي ڪندي جواد واش روم کان ٻاهر آيو. سال کان مٿي جو واسطو هو اسان کي هڪٻئي تي پورو پورو يقين به هيو روز ساڳئي ڪچهري بجاءِ جواد کي ڪجهه نئون ڪپي پيو ۽ هو مون سان رومانوي ڳالهيون ڪرڻ لڳو ڪنهن سان شادي ڪندؤ اوهان کي خبر آهي شادي کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي وغيره وغيره. ائين اسان ڳالهين جي خمارن ۾ هڪٻئي کي ويڊيو ڪال تي اتساهيوسين ۽ اهو پهريون دفعو هو جو مان سمجهو ڪائنات کيڏي حسين آهي. واقعي خدا مرد عورت کي هڪٻئي جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ٺاهيو آهي.

پوءِ اسان جي حجاب جا پردا هٽي ويا. اسان ويڊيو ڪال تي هڪٻئي جا ٿي وياسين، نيٽ اهو سلسلو به ڪجهه وقت تائين هليو ۽ پوءِ جواد مون کي چيو نسيم ڪڏهن اسان روبرو ملنداسين اوهان منهنجي چانهه پيئو مان انڪار ڪيو نه اسان نه ملنداسين، نوجوان چوڪرو چوڪري اڪيلا ملندا ته ڪا خطا ٿي پوندي جواد تيز ذهن رکندڙ بڪئي شيهن جيان بس رڳو شڪار ڦاسڻ لاءِ پئي جتن ڪيا، جيڪي مون کي پوءِ سمجهه آيا پهريان ته مان به جواد جي محبت واري گرفت ۾ اچي وئي هئس. نيٽ جواد ضد ڪيو ته اڄ اسان جي گهر ڪير ڪونهي سڀ شادي تي نڪتل آهن اڄ اچو اهڙو ڪجهه به نه ٿيندو اوهان ڏجو نه جواد جي ڳالهين ۾ مون کي پيار نظر آيو ۽ هن جي منٽ ۾ جڙ منهنجي سڪ جا ڪي لڙڪ هيا.

مون ها ڪئي نيٽ جواد جي گهر وڃڻ ٽيبو هن تمام بندوبست ڪري رکيو هو. مان گهر ۾ اندر داخل ٿيس ته هن مون مٿان گل نڇاور ڪيا. مان ڏاڍو خوش ٿيس چانهه پيتي ڪجهه دير ويٺيس موڪلائڻ جي

ڪيم تہ جواد منهنجو هٿ پڪڑي چيو نسيم جي اجازت هجي تہ مان اوهان جو هٿ چمان. اهو ٻڌي ۽ اهڙو رويو ڏسي مون کي سخت ڪاوڙ لڳي مان نڪري ويس ۽ پويان جواد ڏاڍا سڏ ڪيا مگر مان نہ مڙي ڏٺو سڌو گهر هلي آيس ۽ ميسيج ڪري جواد کي تمام گهٽو ڳالهايو جواد خاموشي سان ٻڌي مون کي چيو مان اوهان جي گهٽي عزت ڪئي مگر اوهان عزت جي لائق ناهيو. هاڻي ڏسجان مان توکي ڪيئن ٿو ذليل ۽ خوار ڪيان هي سڄو سنسار تنهنجي پاڪدامني ۽ شرافت تي ٿهڪ ڏيندو. ائين چئي هن مون کي اهي ويڊيوز موڪليا. جڏهن مان ويڊيو ڪال تي جواد جي پيار ۾ سڀ حدون اورانگهيون هيون، اهي ويڊيوز ڏسي منهنجو ساهہ نڙي ۾ اٽڪي پيو ۽ پيرن هيٺان ڌرتي ڇڻ ٿرامي جيان تتل لڳي مان بي حال ٿي زمين تي گوڏن پر ويهي رهيس.

جواد کي منٿون ڪيون ايلاز ڪيا، قرآن شريف جون تصويرون موڪليون تہ هن جي صدقي منهنجي عزت سان نہ کيڏجان جواد صاف لفظن ۾ چيو تون صرف هڪ ڪلاڪ پاڻ کي منهنجي حوالي ڪر پوءِ مان هي سڀ ڪجهہ ڊليٽ ڪري ڇڏيندس. مان فورن انڪار ڪيو چيائين سوچ وري بہ ائين چئي ڪال ڪٽي ويو پر مون سوچيو بہ نہ هو تہ مان ائين پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جي حوالي ڇو ڪيان؟ آخرڪار مان مجبور ٿي پنهنجي دوست نورين کي اهو سڄو لقاءَ ٻڌايو تہ هو ڪلڻ لڳي ۽ چيائين تون تہ وڏي شريف زادي ٿيڻ جي دعويدار هئينءَ، پوءِ هي ڇا ڪيئي؟ هاڻي بهتر اٿئي، جواد جيڪو چوندو آهي، ائين ڪندو آهي. ڪلاڪ لاءِ هن سان ملندؤ تہ ڪهڙو ڏوهہ ٿي پوندو. مان هن وقت تائين الائي ڪيترن ڇوڪرن سان ملي آهيان منهنجي ٻاءُ کي خبر آهي ان ۾ ڪو عيب ناهي اوهان ضد ڇڏيو اچي جواد سان ملو مان اوهان سان واعدو ٿي ڪيان تہ جواد جي موبائيل ڪٽي اوهان جي هٿ ۾ ڏيندیس اهي ويڊيو توهان پاڻ ڊليٽ ڪجو.

نسيم کان اهو سڀ کجھ برداشت نہ ٿيو اهي لفظ نسيم لاءِ موت جو پيغام کٹي آيا. نسيم هڪ سنجيده ۽ عزتدار هئي هن کان جيڪو کجھ ٿيو پر هو عزت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي ۽ جواد مسلسل نسيم کي تنگ کندو رهيو ۽ نسيم ذهني دوري سبب بيهوش ٿي وئي. والدين هن کي کافي ڊاکٽرن کي ڏيکاريو پر نسيم جي طبيعت ٺيڪ نہ ٿي. هڪ سائيڪاٽرسٽ سان ملڻ کان پوءِ ان نسيم جي والدين کي ٻڌايو تہ اوهان جي ننڍڙي کي گھرو صدمو رسيو آهي. ان کري هو ذهني توازن وڃائي ويٺي آهي. هاڻي ہن سالن کان نسيم ذهني حالت خراب هجڻ کري کڏهن کڏهن وڌيون دانهون کري بيهوش ٿي ويندي آهي. هن کي اسکرين کان نفرت ٿي وئي آهي. ٿي وي. شيشو ۽ موبائيل هاڻي اسان جي گھر ۾ هوندي بہ ناهن نسيم اهي شيون ڏسي ويتر آپي مان نکري وڃي ٿي.



محبت جي موت ۾ ملیل ذلت

[هي ڪهاڻي آهي ورشا جي جنهن وٽ همدردي هئي. انسانيت سان پيار هو، الفت جو اعليٰ معراج هو، هوءَ محبت جي ڏنن ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي وينِي آهي، ورشا جي ڀالهين مان ائين محسوس ٿي رهيو هو. جڏ شمشان گهاٽ ۾ زنده سڙندڙ انسان جو داستان ۽ ڏانهون ڏڏي رهيو آهيان. ورشا ڏڏايو ته مان انتشار جي ازدهه بلا جي پيٽ ۾ گهجي وئي آهيان، مان بيسڪوني جي سمنڊ ۾ گم ٿي وئي آهيان، اداسي، ڪاوڙ ۽ خيانت جي موج ۾ غرق ٿي وئي آهيان. منهنجو دماغ سوالن پويان ڊوڙندو آهي ۽ منهنجي دل جوابن لاءِ رڙيون ڪندي آهي. وشال توهان ڪيئن ڪري سگهو ٿا؟ ائين مونسان، ڇا مان تنهنجي ٻڪيءَ جي راند ۾ فقط هڪ راندِيڪو هئس؟ ورشا جا ڳوڙها بند نه ٿيا، درد نه گهٽيو. سندس روح زبح ٿيل تڙپ جي ڪيفيت ۾ مليو.]

فيس بڪ هڪ اهڙو پليٽفارم آهي، جتي انسان پنهنجا ويچار وندي پنهنجي شخصيت جو علمي مظاهرو ڪندو آهي، ٽڪ ٽوڪ هڪ اهڙو پليٽ فارم آهي، جتي ماڻهو ايڪٽ ڪري پنهنجي لڪيل صلاحيت کي اجاگر ڪندو آهي، انسٽاگرام تي ۽ فيس بڪ تي وري ماڻهو پنهنجا لٽا لباس اٽڻ ويهڻ جو الڳ رنگ ڏنگ ڏسيندا آهن، سنيپ چيٽ رازداري واري ڪچهري جو ڪمرو ۽ ٽوئيٽر خيالن جو پيپر جتي هر ماڻهو اخبار آهي. ائين فيسبڪ تي هڪ اڪائونٽ نالي وشال مون کي انڪري وٽندو هو جو هن جي شيئر ٽيل سليڪشن ڏاڍي پلي هوندي هئي. ڏسي ڪري هو مون کي اهل علم انسان دوست ۽ طبيعتن نيڪ نوجوان لڳندو هو. ڪيترن سالن کان اسان هڪٻئي جا فيسبڪ تي دوست هئاسين پر ڪڏهن به اسان جي هيلو هاءِ نه ٿي، بس ڪڏهن مان هن جي پوسٽ تي ڪمينٽ ڪندي هئس.

هڪ ڏينهن مون کي ڪجهه پيسن جي ضرورت هئي مان وشال کي ميسيج ڪري مختصر دعا سلام کانپوءِ هن کي چيو مون کي ڪجهه

پيسا کپن ٿا. وشال چيو مون کي ايتري پڪ آهي ته هي اڪائونٽ ڪنهن Boy جو آهي. پر خير اوهان مون کي عرض ڪيو آهي، مان ضرور اوهان جي مدد ڪندس ۽ جيڪا مون کي ضرورت هئي هن ايترا پيسا موڪليا ۽ پوءِ ڪڏهن هن پيسا زبان تي نه آندا هن جي اها همدردي ڏسي ويتر وشال منهنجي نظر ۾ هڪ مهان انسان بڻجي ويو. وشال جو اهڙو ذڪر مان پنهنجي دوست شيرين سان ڪيو هو ان چيو دنيا ۾ ايڏا اهڙا ماڻهو پيا آهن. سو خير ان عمل کان پوءِ مان وشال سان ڪچهري ڪندي رهيس ۽ ڪڏهن به هن کا اهڙي ڳالهه نه ڪئي جنهن سان منهنجو وشال جي ڪردار تي ڪو شڪ ٿئي.

پوءِ مان هڪ ڏينهن وشال کي چيو اوهان جي مهرباني اوهان مون کي ڏکي ٽائيم ۾ ڪم آيا مان پيسا واپس ڪرڻ ٿي چاهيان. پنهنجو اڪائونٽ نمبر موڪليو ۽ پوءِ مون پيسا واپس ڪيا ۽ وشال کي چيو اوهان کي خبر به آهي ته هي اڪائونٽ کو چوڪرِ ۾ استعمال ڪري ٿو پوءِ به اوهان پيسا چو موڪليا؟ وشال وراٽيو فيسبڪ تي هزارين چوڪرا چوڪرين جي نالي سان اڪائونٽ ٺاهي ماڻهن کان ائين پيسا ڦريندا آهن پر مان اوهان جي ميسيج ۾ ايترو سمجهيو ته ڪافي وقت کان ايڊ آهي. خاموش فيسبڪ يوزر آهي پلي چوڪرو هجي ڪوڙو فيڪ اڪائونٽ هجي، پر هي مجبوري حقيقي آهي، ان ڪري مان پيسا موڪليا. وشال جي انهن ڳالهين مون کي وشال جو ديوانو ڪري ڇڏيو ۽ مان وشال جي ٿوري احسان جي ڪري ۽ وشال جي اعليٰ اخلاق کي ڏسي دل ئي دل ۾ وشال وٽ پاڻ کي گروي رکي ڇڏيو.

ڪاش! مون کي خبر هجي ها ته هر همدردي پويان هڪ مفاد لڪيل هوندو آهي ته مان اهڙي همدردي کي ٽڏي ڇڏيان ها. خير وشال منهنجي هٿن جي ريکا ۾ تقدير جي علامت بڻجي ويو. مان

ڏينهون ڏينهون هن جي ويجهي ٿيندي رهئس. ۽ هو مون سان ٺورو گهٽ وچڙندو هو اهو انداز ۽ هن جو پيارو هو دراصل هن جو اهو پراڻو تجربو هو جيڪا مون کي بعد ۾ خبر پئي پهريان نفسياتي طور عورت کي جيڪو وٽندو آهي ۽ اهو من پسند شخص جڏهن ڪنارا ڪشي ڪندو آهي، تڏهن عورت کي ايان وڌيڪ وٽندو آهي، منهنجي چاهت ۽ ليکي کان لنگهي وئي، هڪ رات وشال مون کي ويڊيو ڪال ڪئي مان پنهنجي روم ۾ اڪيلي آرامي هئس. يڪدم هن جي ڪال ريسو ڪئي ۽ تڙ تڪڙ ۾ پنهنجا ڪپڑا ۽ روئو مٽي تي رکيو ته وشال پنهنجي ڳالهين جي سحر ۾ جڪڙي ورتو ڇا مونتي پروسو نه اٽئي جو ائين لکين ٽي مان تنهنجا زلف ڏسڻ لاءِ توکي ڪال ڪئي تنهنجي ڳچي ۾ ٻڌل ڪارو ڏاڳو ڏسڻ لاءِ توهان کي ڪال ڪئي. توهان ته سڀ ڪجهه لکايو پيا ائين ته اوهان جون کوڙ تصويرون فيسبڪ تي پيل آهن. اوهان ڏٺل آهيو پر مان صرف ان مقصد لاءِ ڪال ڪئي جيڪو اوهان کي ٻڌايم. وشال اها ورندي ڏني ۽ مان رهي نه سگهيس.

مان چيو اهڙي ڪا ب ڳالهه ناهي، ڏسي سگهو ٿا. اوهان منهنجي خيالن تصورن جا شهزادا آهيو مان سڃي اوهان جي آهيان، اوهان کان پاڻ لکائي نه سگهنديس ائين ڳالهين ۾ اسان جي رات گذري وئي صبح ٽيڻ وارو هو جو وشال چيو هاڻي آرام ڪيو اها رات مون لاءِ زخمي سپاهي هٿان فتح ڪيل جنگ جي خوشي مثل هئي، اها رات صدين کان صحراءَ ۾ سفر ڪندڙ ڪنهن ٻٽڪيل مسافر کي مليل منزل جي خوشي جهڙي هئي. مان وشال کي پنهنجي تصور ۾ محبت جا تاج پارائي آرامي ٽي پيس ۽ پوءِ اهو سلسلو وري ڪجهه وقت گهٽجي ويو. مان رهندو بيتاب رهڻ لڳس اها اصل ۾ وشال جي

نفسياتي گيم هئي، جيڪا مان سمجهي نه پئي سگهان، پوءِ مان ايان وڌيڪ وشال جي چاهه ۾ ڇُور ڇُور ٿي ويئس.

هڪ ڏينهن وشال ڪال ڪري چيو اڇو مان توهان سان ملڻ ٿو چاهيان، پوءِ بنا سوچڻ جي ها ڪئي ۽ وشال ٽائيم سيٽ ڪري لائيو لوڪيشن موڪلي اسان مليا سين ۽ پوءِ ان ملاقات دوران اسان جي وچ ۾ ڪا به وٽي نه بچي، ڪجهه وقت کان پوءِ وري مليا سين، نيٺ آهستي آهستي اهي ملاقاتون ۽ محبتون گهٽجندي ويون مان رهندو پريشان رهڻ لڳيس. هڪ ڏينهن ضد ڪري چيم وشال تون ڇو ائين مون کان پري ٿي ويو آهين. وشال اجايو ڳالهائڻ ختم ڪري ويو ۽ هڪ اهڙو منحوس ڏينهن آيو وشال جا ميسيج آيا ۽ هو ڳالهائڻ جو وڏو ماسٽر مائينڈ هيو چيائين "عورت پنهنجي جسم جي خيرات جيتري وڌيڪ ڪندي اوتري وڌيڪ ڪشش پيدا ٿيندس". ائين ڳالهين ڳالهين ۾ مون کي چيائين محبوبائون به قربانيون ڏيندي ون آهن، مون کي اشد ضرورت آهي، ڪنهن ڇوڪريءَ سان ملڻ جي اگر ڪا اوهان جي دوست آهي ته ان کي وٽي اچو. مان نفسياتي طور هڪ اهڙي مرض ۾ ورتل آهيان، جڏهن مان ڪنهن ٻئي ڇوڪري سان ملندس ته وري اوهان سان منهنجو ساڳيو پيار بحال ٿي ويندو مان مسلسل انڪري چپ هئس اوهان کي ائين چئي نه پيو سگهان متان اوهان کي برو لڳي.

مان اهو سڀ ڪجهه ٻڌي حيرت جي کوهه ۾ ٻڏڻ لڳس ته هي ڪهڙي بيماري آهي. خير مان پاڻ کي سمجهايو ته مان ائين ڪئين ٿي ڪري سگهان جو ٻئي ڪنهن ڇوڪري کي وشال حوالي ڪيان، مان صبر ڪري ويهي رهيس ڪجهه ڏينهن کانپوءِ وري وشال رابطي ۾ آيو چيائين ڇا سوچيو اٿئي، مان وراڻيو ڇا سوچيندس جنهن انسان کي

پنهنجو تن، من، سر بہ اڇي هن جي هٿ تي رکيو پر هن قدر نہ ڪيو ان تي وشال بگڙي ويو ۽ گھٽو ڪجھ نازيبا لفظ ڳالهائي ڪال ڪٽي ويو ۽ مختلف قسم جا فيڪ اڪائونٽ ٺاهي اهي ويڊيوز وائرل ڪيائين. جڏهن مان هن جي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪيو هو ان ذلت کي ڏسي منهنجي گھر وارا، دوست، عزيز ۽ مائٽ سڀ رڙا. بابا پوليس ۾ آفيسر هيو مون کان سڀي ڳالھ اڇي پڇيائين ۽ مون نہ ٻڌايو ڇو تہ مون کي اڃا يقين هو وشال مون ڏي وري ايندو پر ائين نہ ٿيو مان سوچيندي سوچيندي بيمار ٿيس پيس ۽ منهنجو ذهن ٿورو گھٽ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ وقت سان گڏوگڏ مون کي ذهني دورا پوڻ شروع ٿي ويا. مان بس بس ڪري ڪنن تي هٿ ڏئي رڙيون ڪندي بيهوش ٿي ويندي هئس، ۽ بابا جي اڪيلي دادلي ڏيءُ هئس هن مون کي سڀي سائيڪاٽرسٽ کي ڏيکاريو هاڻي پنجون سال آهي. مان ذهني توازن کي بهتر ڪرڻ جي علاج هيٺ ميڊيسن ونان ٿي.

◈

مڙس طلاق ڏني ڏيءَ نفرت ڪرڻ لڳي

[پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي نسرين جي ڪيفيت ايڏي ڏکائيندڙ هئي جو مان ڪيس هن جي اکين ۾ نہ پيو نهاري سگهان. هوءَ هيسايل هرڻي جيئن ڏکي پئي تہ وري ڪنهن مهل نانگ جيان سجي زهر ۾ ڀري پئي وڃي ۽ اهو زهر هن جي لفظ مان پيو نڪري. درد ۾ جڙ هن جو دم گهٽجي رهيو هو. ۽ ساهه ڪڍ وقت جڙ هن جي ڦڦڙن ۾ شيشي جا ٽڪر ٽڪرا پيا هجن ۽ هو هر ساهه وڏي جدوجهد سان ڪڍي رهي هئي. هي هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي مڙس طلاق ڏني سکيو ستابو گهر اجڙي ويئس سندس ڏيءَ نفرت ڪرڻ لڳيس ۽ هاڻي نسرين پرائي گهر ۾ ٽانوَ ٻهاري ڪري پنهنجو پيٽ پالينديِ آهي، اهڙي واقعي کان پوءِ پاڻرن بہ ڪيس پنهنجو نہ ڪيو ۽ هن کي گهران ڪڍي ڇڏين.]

منهنجو مڙس سعودي ۾ رهندو هو گهر ۾ مان ۽ منهنجي 20 سالا ڏيءُ نمرا رهندا هئاسين. گهر جي ڪم ڪار لاءِ پڻ ڏکيائي ٿيندي هئي، منهنجي مڙس پنهنجي سئوٽ جي پٽ رضوان کي چيو اوهان مسواڙ تي رهڻ بجاءِ منهنجي گهر ويجي رهو ۽ گهر جو ڪجهہ ڪم ڪار بہ ٿئي ٿو ان لاءِ پڻ ڏکيائي آهي. رضوان ڏاڍو نيڪ ۽ شريف چوڪرو هيو هو يونيورسٽي جو شاگرد هيو هاسٽل ڇڏي اچي اسان جي گهر رهڻ لڳو. گهر ۾ پڻ رونق اچي وئي رضوان خوش اخلاق ۽ ذهني طور بالغ ۽ هر وقت تفريح مذاق مستي مزاج وارو ڳيرو جسم ۾ پريل پرڪشش نوجوان هيو. هن جو اسان جي گهر ۾ رهڻ سان گهر جو ماحول خوشگوار ۽ بهتر ٿي ويو.

رضوان اسان جي گهر ۾ رهڻ بعد ڪجهہ وقت کان پوءِ رات جو گهر دير سان ايندو هو مون پڇيو تہ تون دير ڇو ٿو ڪرين هن کو بہ جواب نہ ڏنو خاموشي سان پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ وري هو خاموش خاموش رهڻ لڳو مان کوڙ دفعا پڇڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڪڍهن بہ نہ ٻڌايو ان خاموشي ۽ دير سان اچڻ جو راز. مون چيو

رضوان تون اڳ ائين نہ هئين. هاڻي رات جو دير سان اچڻ، وري سڄي سڄي رات وائس ايپ تي آن لائين ڇا ٿو ڪندو وتين ؟ پڙهائي ڏي ۽ هاڻي تنهنجو اهو ڏيان نٿي ڏسان. رضوان مسڪرائي چيو رات ان جو جواب ڏيندس معمول موجب دير سان آيو پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ مون کي وائس ايپ تي ميسيج ڪيائين آپي نسرين توکي خبر آهي؟ مان اڄ ڪالهہ ڏاڍو پريشان ٿو رهان. مان هن کي آڻت ڏئي پڇو ڇا جي ڪري پريشان آهين؟ خير اسان جي ڪڇري سڄي رات هلي مون کي هو واقعي پريشان ۽ منجهل لڳو مون کيس گهٽو سمجهايو.

پوءِ رضوان رات جو گهر سويل اچڻ لڳو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هو ۽ مون سان وائس ايپ تي ڪڇري ڪندو هو رضوان کي اسان جي گهر ۾ رهندي ٽي مهينا ٿي ويا هئا، اسان جي ڪڇري ۽ ٽي مهينا هلي، هڪ رات رضوان ٻڌايو مان گهٽو پريشان انڪري آهيان جو جواني مون کي ستائي ٿي. مان اهو ٻڌي هن کي وڌيڪ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن جي دماغ ۾ جيڪو هيو ڳالهين ۾ چيائين پريل جواني جڏهن منهنجو روز در کولي استقبال ڪري ۽ مان پوءِ ۽ محروم هجان تہ مون جهڙو ڪو بدنصيب ٻيو آهي ڇا؟؟ مان سمجهي تہ ويس پر ڳالهين کي ناريندي رهيس، ۽ ان رات اهڙي اظهار کانپوءِ جڏ رضوان جي دل وڌي وئي. هو رومانوي فوٽو ويڊيوز ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ مون سان پنهنجي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪندو رهيو ۽ مان ۽ اڪيلي هئس هڪ رات مان ۽ انڌي ٿي پيس ۽ رضوان کي پيار جي موٽ ۾ پيار پريا جواب ڏيندي رهيس، اها وائس ايپ تي اسان جي ڪڇري معمول کان هٽي هڪٻئي جي جنسي جذبات جي موضوع تي ٽيڙ لڳي.

اهو سلسلو هلڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن رضوان چيو مون کي اجازت ڏيو مان اوهان جي روم ۾ اچان مون کي ڏاڍي اڄ لڳي آهي، مان

سمجهي ويس اهو رضوان جو بهانو هو وري به مان چيو اوهان جي روم ۾ واٽر ڪولر جو آهي. رضوان چيو اڄ ان ۾ پاڻي موجود ناهي، نمرا شايد پاڻي ناهي رکيو... مان چيو مان اچان ٿي اوهان ڏي پاڻي ڪڍي. مان جئين ئي رضوان جو در کوليو ته مدهوشي جي عالم ۾ مون کي خماريل اکين سان ڏسڻ لڳو. مان واٽر ڪولر وٽ ويس ته ان ۾ پاڻي موجود هيو مان رضوان کي مسڪرائي چيو پاڻي ته هن ۾ آهي، رضوان چيو اهو پاڻي منهنجي اڄ نٿو لاهي ۽ ائين ڳالهين ڳالهين ۾ مان به رضوان جي پر ۾ ويهي رهئس سياري جي آڌي رات کان پوءِ جڏهن اک کلي ته مان رضوان جي روم مان اتي اچي پنهنجي روم ۾ سمهي پيس.

ان رات جي خوشي منهنجي من ۾ محبت جو اهڙو مڇ ٻاريو جو مان پنهنجي بدن مان رضوان جي خوشبو محسوس ڪندي رهيس، ۽ پوءِ اهو سلسلو ڇهن مهينن کان مٿي هليو ۽ رضوان به آهستي آهستي جڙ مون کان پري ٿيڻ لڳو مان پڇيو رضوان وري تون پريشان ٿو لڳين رضوان چيو پڙهائي جا امتحان ويجهو آهن. انڪري بس پڙهائي ڏي ڏيان آهي، مان به سوچيو پلي پڙهائي ڪندو رهي مان به ٿوري وٽي رکي پر رضوان جهڙو معصوم هو تهڙو ئي اندر جو راکاس هو هڪ رات جو دير سان مان پنهنجي روم مان اتي اچي ڏٺو ته هو نمرا جي روم ۾ دري کان اندر جهاتي پائي رهيو هو. مان اهو منظر ڏسي ڪنهن نانگڙ جيان سڄي زهر ۾ پرجي ويئس ۽ رضوان کي ٻانهن کان وٺي نمرا جي ڪمري کان ٻورو سائيڊ تي ڪري ۽ رضوان کي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي ته ڪم ظرف انسان هي تنهنجي ڪهڙي حرڪت آهي؟

ان تي رضوان به مون کي هڪ ٻڌڙ وهائي ڪڍيو ۽ ڇيائين بدڪار عورت... تون ڇا ايڏي شريف آهين ؟ مان ڏسندس توکي ائين ڇڏي رضوان پنهنجي ڪمري جو در لاڪ ڪري ڇڏيو. صبح جو مون کي

منهنجي واٽس ايپ واري ڪچهري جا ڪجهه اسڪرين شارٽس موڪلي چيائين هي مان موڪليان ٿو سئوٽ ڏي ته تنهنجي گهر واري آپي نسرين مون ڏي هيڙي قسم جا ميسيج موڪلي مون کي تنگ ڪري ٿي ۽ مان هاٽي اوهان جي گهر نه رهندس..... نسرين اها ڪهاڻي ايستائين ٻڌي هنجون هاري آسمان وانگر وسي پئي. ٿوري دير ۾ رضوان سگريٽ دکائي ٻاهر آيو. نسرين ٻڌايو ته پوءِ مان رضوان کي رب جا واسطا ڏئي رئو پوتي لاهي رضوان جي پيرن تي رکي خدا جي واسطي ائين ڪندي ته منهنجو گهر اجڙي ويندو مان تباهه ٿي ويندیس.

رضوان کي منهنجي منٽن جو ڪو به ڪهڪاءَ نه پيو. پڇاڙي جو مون وٽ پيو ڪو رستو نه هو. پنهنجي روم مان قرآن پاڪ ڪڍي اڇي رضوان جي اڳيان رکيو. هن جي صدقي تون اهڙو ڪم نه ڪجان. رضوان ڪلام پاڪ منهنجي هٿن مان وٺي سنيالي پنهنجي ڪٻٽ مٿان رکيو ۽ چيائين هاٽي ٻڌ جيئن تون چونديءَ ائين ٿيندو پر ان لاءِ منهنجو هڪ شرط مڃ، مان چيو مان هر ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار آهيان. رضوان مسڪرائي چيو ته بس اڄ رات نمرا کي راضي ڪر بس پوءِ مان خاموشي سان صبح جو هتان لڏو ڪنيو هليو ويندس. مان اهو ٻڌي نه سگهيس اکين مان باهه جا اُلا نڪتا هٿ ڏڪيا جسم ۾ زلزلو پيدا ٿي ويو ۽ ڇڪي رضوان کي منهن ۾ رانپوٽو هنيو ۽ مان هن کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي،..... گوڙ ٿي نمرا به نڪري آئي اهو سڀ ڪجهه ڏسي وات تي هٿ ڏئي اڌ رڙ دٻائي فرش تي ويهي رهي. رضوان نمرا کي اٺارڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته مان وري پڇي وڃي رضوان کي پويان پٺي ۾ قميص واري ڪالر مان جهليو ائين محسوس ٿيو جڙ هو واڳون نمرا کي ڳيهي ويندو.

رضوان ان ئي رات پنهنجو ٽيلهو پيڪ ڪندي نمرا کي چئي ويو ته آپي نسرين مون سان زوري جنسي لاڳاپا رکڻ پئي چاهيا مان انڪار ڪيو ان تي هو ڪاوڙ ۾ مون مٿان ڏمرجي پئي آهي. رضوان ائين چئي

ڪري نڪري ويو ۽ اهي اسڪرين شارٽس منهنجي مڙس ڏي موڪلي چيائينس ته سئوٽ ان سبب جي ڪري مان گهر ڇڏيو ٿو وڃان.... نسرين اها ڳالهه ڪندي سڏڪا ڀريندي خاموش ٿي وئي. مون ڪيس پاڻي جو گلاس پري ڏنو ۽ وري سگريٽ دکائي پچيم ته اڳتي چا ٿيو نسرين چيو مان سڄو هفتو پنهنجي مڙس کي فون ڪال ميسيج ڪندي رهيس نه هو مون کي جواب پيو ڏئي نه نمرا کي ان ئي هفتي سعودي مان موٽي آيو مون کي سموري ملڪيت مان بيدخل ڪري طلاق ڏئي ڇڏيائين مون چيو نمرا تون مون سان هل نمرا چيو تو جهڙي ماءُ کان مان يتيم بهتر آهيان. ۽ پوءِ منهنجي مڙس ٻي شادي ڪري ڇڏي.



پئسا ڏيندي رهيس انڪار تي عذاب نازل ٿيو

[حنا پنهنجي انترويو ۾ ٻڌايو ته منهنجو نالو حنا آهي، مگر هن وقت بي نگ مايوس ۽ غم واري زندگي گهاري رهي آهيان، مون جيڪا خطا ڪئي آهي، شايد مون کي خدا ته معاف ڪري ڇڏي ها، پر هن ظالم مون کي معاف نه ڪيو ۽ منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏيائين. مان جيڪو هن اڳيان ٻاڌايو ۽ ليلهٽ ڪيا، پر هن کي مون تي ٽڪي جو رحم نه آيو منهنجي احساسن جذبن جا پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. هاڻي چوان ٿي انسان ذات کي اکين نه ڏسان ماڻهن کان نفرت ٿي وئي آهي. مدد ۽ همدردي جهڙا لفظ نفرت جو ٻيو روپ ٿي پائيان، ڪنهن به اجنبيءَ کي ائين ڪڏهن به پنهنجو نه ڪجو، ڪنهن تي به اعتبار نه ڪيو، جيسين توهان جو پاڻ تي پختو يقين ناهي: حنا]

حنا ٻڌايو ته منهنجو خاندان يعني ساهرا مذهبي گهراڻي سان تعلق رکن پيا، ۽ منهنجو اباڻو خاندان غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيو هو ۽ منهنجو مڙس انتهائي شريف ۽ زنده دل انسان هو. سکيو ستابو گهر هيو. مان لوڊو گيم کيڏڻ دوران جنيد نامي شخص سان دوستي ڪري وينس، اسان سنا دوست بڻجي وياسين، هن منهنجو ايترو اعتماد بحال ڪيو جو مان هن کي حقيقي انسان سمجهي ويٺيس، مون وٽ ڪنهن به قسم جي ڪا ڪوٽ نه هئي، پيسو. گهر، عزت ۽ مان مرتبو سڀ خاندان، نوڪر چاڪر مان ڪنهن راڻي جيان زندگي گذاري رهي هيس، جنيد عمر ۾ مون کان 5 سال ننڍو هيو پر هن جو دماغ مون کان 10 سال وڏو هيو جنيد هڪ ڏينهن چيو ته حنا مون کي 50 هزار جي ضرورت آهي، مان هن کان ائين به نه پڇيو ته ڪاڏي ڪندي بس هن کي ضرورت هئي مان ڏنا ۽ اسان جو واسطو ٿي سال پراڻو هيو مان هن ۾ سڀ سٽيون خوبيون ڏٺيون ۽ مون کي انتهائي نفيس ۽ نيڪ دل انسان لڳو. مان سوچيو ڀلا ڪنهن جو ڀلو ٿيندو اها سڀي ڳالهه آهي، ڪنهن جي مدد ڪرڻ سان خدا به راضي ٿيندو آهي.

مهيني کان پوءِ بنا چوڙ جي جيند مون کي پيسا واپس ڪيا. ۽ ٻڌايائين ته مان ننڍڙو ڪاروبار شروع ڪيو آهي، اوهان جي مهرباني سان منهنجي گهر جي چلهه هاڻي بهتر ٻري ٿي مان ڏاڍو خوش ٿي هئس. اچانڪ هڪ ڏينهن منهنجي طبعيت خراب ٿي پئي ۽ منهنجي اسڪين تي ڳاڙهو داٽا نڪري پيا. جن ۾ ڏاڍي جلن محسوس ٿيندي هئي. تڪليف جي ڪري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ علاج ۽ ڪرايو ۽ فرحت ٿي. پر نشان اڃان هئا. بيماري جي ڪري مان جنيد سان ۽ بلڪل رابطي کان ڪٽجي ويئس جنيد جا روز ميسيج ڪالز پيون ايندیون هيون. صحت بهتر ٿيڻ کان پوءِ مان جنيد کي ڪال ڪئي ته جنيد روئي ڏنو مان اڃان سست ٿئي پيس ته روئين ڇو ٿو؟ ڇيائين توکي خبر ناهي تون مون لاءِ ڇا آهين.؟ مان تو کان سواءِ هڪ منٽ ۽ رهي نٿو سگهان. تو ايترا ڏينهن رابطو ڪٽيو مان ائين محسوس ڪيو جڙ ڪائنات مون کان رسي وئي آهي.

مان هڪ هڪ پل ڪيڏو ڏکيو گذاريو منهنجي وجود ۾ بنا پاڻي جي مڇي واري تڙپ هئي. مان جنيد جون اهي ڳالهيون ٻڌي نروس ٿي ويئس. مان هن کي پرچايو ۽ هن جو ڏک گهٽائڻ لاءِ چيم چريا روءِ نه ويڊيو ڪال ڪري مان هن کي پنهنجي جسم جا اهي نشان ڏسيا ۽ هو اهڙي ڏک واري ڊرامائي ڪيفيت ۾ مون کاُن پڇندو رهيو داغ ڪاٽي ڪاٽي آهن. نشان مان سڏيندي ويئس ۽ پوءِ منهنجي بيماري جو ڏسي ٻڌي جڙ پوءِ مون سان هن همدردي جو اظهار ڪندي پاڻ کي گهٽ ڪيو. اسان جي دوستي ايڏي گهري هئي جو مان جنيد کي پنهنجو سچو سڏو ۽ صاف دوست تسليم ڪيو هو ڪجهه وقت کانپوءِ جنيد جيڪو مون کي ٽائيم ڏيندو هو اهو ڏيڻ گهٽ ڪري ويو ويڙو ۽ آن لائين هوندو هيو هن جا واٽس ايپ تي اسٽيٽس ۽ ڪجهه ٻيا هئا ضرور منهنجو هن سان پراڻو واسطو هيو مان چڱي ريت هن کي جاڻي پئي سگهيس.

نيٽ هڪ ڏينهن مان جنيد کي چيو چو ايترا ڏينهن ٽي ويا آهن، تون پري پري آهين؟ هن چيو مان ڪاروبار ۾ پوئتي ٽي پيو آهيان، انڪري ڏهني طور پريشان آهيان، مان هن کي چيو توکي ڪاروبار سنپالڻ لاءِ گهٽن پئيسن جي ضرورت آهي. هن چيو گهٽ ۾ گهٽ پنج لک ڪپندا ۽ مان چيو الله تي رک ڪوشش ڪيون ٿا. ڪجهه اوهان هٿ پير هڻو ڪجهه مان ڪوشش ڪيان ٿي، ۽ پوءِ مان پنهنجو سونو هار ڪپائي جنيد کي پيسا ڏنا جنيد چيو مان اوهان جو احسان مند رهندس هي پيسا اوهان کي واپس ڪندس، ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ جنيد جو ڦل ۾ هڪ ويڊيو مون ڏي اچي ويو رات جا 2 پيا ٿين مان ڏٺو ته جنيد نشي جي حالت ۾ ڪجهه ڇوڪرن سان گڏ ڪنهن ڊانس پارٽي ۾ هيو هڪ ڇوڪري ڊانس ڪري رهي هئي ۽ پيا سڀ نشي ۾ هٿا اها ويڊيو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو جنيد ايترن سالن ۾ ڪڏهن به پنهنجو اهو چهرو مون کي نه ڏسيو هو ۽ مان تڏهن پڪ سمجهي ته هي ڦل ۾ جنيد کان Send ٿي ويو آهي.

مان صبح جو جنيد سان ان معاملي تي ڳالهيو ته جنيد جي وات ۾ جڙ مگ هٿا، هن اهو ڪوڙ لڪائڻ لاءِ پيا ڪيترا ڪوڙ هنيا ۽ انهن ڪوڙن منهنجو شڪ اڃان وڌائي ڇڏيو. مان جنيد کي چيو مان توکي شريف انسان سمجهي تنهنجي مدد ڪئي ۽ تون عياشيون ڪندو رهين ٿو. ۽ پوءِ جنيد گهٽو مون کي پرچايو معافيون ورتيون پر منهنجي دل ٽٽي چڪي هئي، ڪجهه وقت کان پوءِ مان جنيد کي چيو زندگي ۾ پاڻ کي هڪ مضبوط انسان ڪر، ائين نه تون پاڻ کي پنهنجي گهر کي ڏس، اهو عمل سٺو ناهي، جيڪو تون ڪرين پيو ان تي جنيد ڪاوڙجي پيو ۽ مون کي گارگند ڪيائين ۽ هڏايائين ته مان شراب پيئندو آهيان، پيئندس ۽ پيئندو رهندس تون ڪير ٿيندي آهين؟ جو

ان موضوع کي مهيني کان ولوڙيندي اچين ٿي، مان ڏک مان ڪال ڪٽي ۽ رات جو جنيد وري ڪال ڪئي.

نشي جي حالت ۾ هڏل هيو مون کان روئي معافي ورتائين ۽ مان هن کي دل سان معاف ڪيو ان شرط تي ته تون اڳتي شراب نه پيئندين، هن چيو ڪاروبار ٽٽي پيو آهي، ان پريشاني ۾ هئس امڙ بيمار آهي، مان هڪڙو ڪمڙن مسئلن کي منهن ڏيان، مون حيرت مان پڇو امڙ کي ڇا ٿيو آهي چيائين ان جو آپريشن آهي، جنهن جو ٽوٽل خرچ 10 لک روپيا آهي، منهنجو پلاٽ پيو آهي، جيڪو هن وقت وڪرو نه پيو ٿئي جي پلاٽ وڪرو ٿي ويي هان ته مان امڙ جو علاج ڪرائي سگهان هان، مان هن کي دلجاءِ ڏئي پنهنجي مڙس کان ڏهه لک روپيا ورتا. اهو چئي ته منهنجي سهيلي جو مڙس بيمار آهي، ان کي ڪپن ٿا اهي پيسا اسان کي هو واپس ڪندا. منهنجي مڙس مون کي پيسا ڏنا ۽ مان جنيد کي ماءُ جي علاج لاءِ ڏنا. هڪ ڏينهن منهنجي بابا جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ مان ان ئي اسپتال ويئس جتي جنيد ٻڌايو هو ته منهنجي امڙ ايڊميٽ آهي، مهيني کان مان اسپتال ۾ ئي بابا وٽ ويني هئس جنيد کي ڪال ڪري چيم اوهان هن وقت ڪاٽي آهيو چيائين اسپتال مان چيو مان به اسپتال آهيان اوهان ڪهڙي وارڊ ۾ آهيو؟ اهو ٻڌي جنيد کان جڙ ڇرڪ نڪري ويو. چيائين تون ڇو آئي آهين، ڇا لاءِ ڪنهن چيو توکي سوالن جا انبار لڳائي ڏنائين ۽ آخر ۾ ڪال ڪٽي ويو. مون سوچيو جنيد شايد منهنجا وڏيڪ احسان ڪٽڻ کان شرمائي ٿو مان اسپتال انتظاميا کان جانچ ورتي ته ڀلاڻي نالي سان عورت هن ڪيس واري ڪهڙي وارڊ ۾ آهي، هنن پنهنجي ڪمپيوٽرائزڊ لسٽ چيڪ ڪري ٻڌايو ته هن نالي سان يا ان بيماري جي حوالي سان اسان وٽ ڪوبه پيشنٽ داخل ناهي مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

هن ڏينهن کان پوءِ جنيد کال ڪري چيو تہ تون منهنجي جاسوسي ٿي ڪَرين چا؟ مان ڪوڙو آهيان، تہ پوءِ ٻڌ ها مان ڪوڙو آهيان. منهنجي امڙ کي دنيا ڇڏيندي ڏهہ سال ٿي ويا، مان توکي ڏسي رهندس تہ تون منهنجو پيڇو ڇو ٿي ڪرين، حنا اها قصو ٻڌائيندي روئي ڏنو ۽ ٻڌايائين تہ مان روئي جنيد کي چيو خدا ڏسي ٿو منهنجو بابا بيمار هو مان ان حوالي سان آيل هيس، دل چيو اوهان جي امڙ کان خيرت پڇان مان اهي بابا جا فوٽو بہ جنيد کي موڪليا اسپتال وارا تڏهن بہ هن کي يقين نہ آيو سپ ڳالهيون ختم ڪري سالن جو واسطو ترڪ ڪري مون کي گاريون ڏيندي کال ڪٽي ويو

هڪ رات هن مون کي اها ويڊيو موڪلي جنهن ۾ مان پنهنجي جسم جي بيماري وارا داغ جنيد کي ڏسيا پئي اها ويڊيو ڏسي منهنجو ساهہ اچي نڙي ۾ اٽڪي پيو ۽ مان جنيد کي چيو هي چا آهي؟ ايڏو اعتماد ايڏو پرم ايڏو تعلق ان جو توهان مون کي هي سلو ٿا ڏيو جنيد شوم ٿي تلخ لهجي ۾ چيو هفتي جي اندر مون کي 10 لک روپيا کپن نہ تہ هي ويڊيو انٽرنيٽ تي وائرل ٿيندي تہ قلاٽي نيڪ مرد شهر جي معزز ڪاروباري جي زال جا ڪرتوت هي آهن.

مان اهو سپ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي پنهنجي جسم مٽان تتل سيهو هارجندي محسوس ڪيم، اکين ۾ رت پرجي آيو ۽ دل ۾ جڙ ڪنهن سيخ هٽي ان کي باهہ تي رکيو هجي، ڏرتي ڏهندي محسوس ٿي. مان پنهنجا پئي هٿ وارن ۾ وجهي گوڏن پر ويڄي زمين تي ڪريس، وٺي رڙيون ڪيون نوڪرياڻي ڪمري اندر داخل ٿي، منهنجي اهڙي حالت ڏسي منهنجي مڙس کي فون ڪيائين هو آيو فورن مون کي اسپتال وٺي ويو گهٽو پڇيائين چا ٿيو آهي؟ مان سمجهو منهنجي زبان ڏنيل آهي جيڪا وات ۾ چوريندي بہ عذاب محسوس پيو ٿئي. پر دل دماغ ۾ رڙيون ڪري مڙس کي ٻڌايائين تہ مان هڪ اجنبي سان سچائي همدردي ۽

انسان دوستي جي پرم ۾ ٽڻي پئي آهيان... اي منهنجا وَرا تون مون کي معاف ڪر. پر اهي لفظ منهنجي زبان تي نہ پيا اچي سگهن. هفتي کان پوءِ جڙ ڏکي علالت بعد اسپتال مان گهر آيس ۽ موبائيل ڪنيم تہ جنيد جو ميسيج لڳل هو هفتو پورو ٿي ويو هاڻي ڏسو مان چا ٿو ڪيان. اهو ميسيج ڏسي وري مان بيهوش ٿي وبس.

جڏهن اک کلي تہ پنهنجي ڪائن گهرن ۾ هئس پاڻ پيرائيندي کان بيهي روئندو رهيو مان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي وڏي حوصلي سان پاڻ کان پڇيو مان هتي ڪئين آيس؟ پاڻ ٻڌايو تنهنجو مڙس توکي نيم بيهوشي ۾ ڪٽي آيو هو ۽ تنهنجي موبائيل ۾ سائڊ هئس. ان ۾ هڪ ويڊيو بابا کي ڏسيائين بابا بيمار هو. اڳ ئي دل جو عارضو هئس. بابا کي سور پيو اسان فورن ان کي ڪٽائي اسپتال لاءِ نڪرون پيا تہ تنهنجي مڙس هي ڪاغذ ڏنا ۽ چيائين توهان جي ٻيڙ مون سان رهڻ لائق ناهي. مان هن کي طلاق ٿو ڏيان ۽ بابا اسپتال ۾ ئي دل جي عارضي کانپوءِ اڌ رنگ ۾ ونجي ويو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي مون کي پنهنجي زندگي خزان ۾ چٽيل ڦڪن پنن جيان هر ڪنهن جي پيرن هيٺان لتاڙجندي محسوس ٿي.

◈

ويڊيو ڪال تي جسم فروشي

[شمع ٻڌايو ته انگلش ڊپارٽمينٽ مان پاس آئوٽ هئس، وارث شادي ڊاڪٽر سان ڪرائڻ پيا، اهو منهنجو سئوٽ هيو، ان کان پهريان مان پنهنجي دوست وليد کي ٻڌايو مان شادي ٿي ڪيان. هن کي غصو آيو، مان گهٽو ان کي سمجهايو، جيڪي ڏينهن گڏ رهياسين پلا مون کي شادي ٻه ته ڪرڻي آهي نه.؟ اوهان شادي ٻه نڪا ڪيو ۽ مون کي ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ ٻه نڪا ڏيو. ڇا سڄي زندگي مان ائين گذاريندیس؟ وليد پنهنجي ڳالهين تي قائم هيو، منهنجي هڪ ٻه نه ٻڌائين، منهنجي شادي جون تياريون پرپور هيون وليد انتقام ونڻ لاءِ منهنجون ويڊيو ڪالز انٽرنيٽ تي وائرل ڪري ڇڏيون، پوءِ منهنجي شادي ٻه نه ٿي ۽ گهر وارا ٻه سخت ناراض ٿي ويا. هو مون کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته تو اسان جي عزت سان کلواڙ ڪيو آهي. مان هاٿي ائين محسوس ٿي ڪيان ته مرد اهو واپاري آهي، جيڪو پيسا، پيار، ٽائيم، پروسو ڏئي عورت جو لمس خريدي ٿو. دنيا جا ڪافي مرد وڪائو آهن، عورت اهڙو هٽ آهي، جتي هر قسم جو مرد پاڻ وڪامڻ لاءِ پهچي ٿو. مارگيٽ جو قول ٻڌائيدي شمع ڪلي ته مرد بيوقوف آهن، عورت انهن جي بيوقوفي تي ڪلي ٽهڪ ناهي ڏنو، ان خوف کان ته متان مرد ماري وجهي.]

مان مجبور ٿي گهران نڪري پيس، ۽ سوچيم دنيا ايڏي وسيع آهي، سر ڍڪڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو پر ڪاٿي ٻه ڪو ڪم نه پيو ملي. ڪنهن دفتر ۾ ڪو رکڻ لاءِ تيار نه هو ڪنهن جي گهر ۾ ملازمت نه ٻئي ڪري سگهان، آخرڪار رات هڪ ڪار واري جيڪو انساني روپ ۾ فرشتو هو مون کي فٽ پاٿ تي ڏسي اچي گاڏي بيهاري پڇيائين هو ڪنهن ٻئي نيٽ سان بيٺو هو. پر منهنجو چهرو ڏسي چيائين ڇا اوهان کي ڪا تڪليف آهي؟ مان چيو ها تڪليف آهي، عورت ۽ مرد جي اٽبرابري تي هو ڪار وارو ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي مون کي چيائين هلو مون سان گڏ، منهنجي نه عزت رهي، نه گهر، نه گهاٽ، نه ڪجهه مون وٽ ڪجهه وڃائڻ لاءِ هيو ئي نه، ته خوف ڇا جو مان چيو هلو.

گاڏي ۾ ويٺيس ۽ هن نصرت فتح ئي جو اهو سر هلايو ته "کوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے". مان اهو ٻڌي کليس ته گاڏي واري چيو ڇو ٿا کلو؟ مان چيو ڏرتي جا معاملا ۽ زميني نظام ڏرتي وارا حل ڪندا. خدا ڪڏهن به هيٺ اچي ڪنهن جو مسئلو نه ٻڌو آهي نه حل ڪيو آهي! ته پوءِ نصرت فتح علي صاحب ڪئين ٿو چوي ته "وہی چلا رہا ہے نظامِ ہستی" اهو ٻڌي گاڏي واري چيو ائين نه چئو خدا ناراض ٿي پوندو. منهنجي من ۾ هڪ ڪروڌ هيو بدلي جي باھ مون کي هن نظام کان اهڙو باغي ڪري ڇڏيو جو مان هاڻي خاموشيءَ کي موت پئي سمجهان. گاڏي واري چيو هلو ميڊم ڪاڏي گهر ٿي ويئو. مان چيو انسان ڪڏهن ڪڏهن هجوم ۾ هوندي به پنهنجي اندر ۾ گهر ٿي ويندو آهي، خير اوهان جو نالو ڇا آهي. مان گاڏي واري کان پڇيو ڇيائين "چاند" مان کلي چيو هزارين چاند گڏجي پون پوءِ به هڪ سورج کي مات نٿا ڪرائي سگهن.

چاند گاڏي بيهاري ڇيائين لهو مان لٿس، چاند پنهنجي فليٽ تي وڃي آيو ڪچن ۾ وڃي ڪجهه ڪاڏي لاءِ کڻي آيو. مان جڙ سالن جي بکايل هئس. چاند جو حصو به کائي ويس، چاند چيو هاڻي فريش ٿي منهنجا ئي ڪپڑا پاءِ، شرٽ وغيره واش روم ۾ هوندي، چينج ڪري اچي آرام ڪيو. صبح ٿيو چاند صاحب مون کان اڳ اٿيل هو منهنجي اک کلي ته ناشتو چانهه اچي اڳيان رکيائين، ڇيائين مان آفيس ٿو وڃان اوهان جي دل چوي رهي پئو دل چوي وڃو. مان چيو هيڏي سنسار ۾ مان ڪاڏي وڃي سگهان ٿي.؟ چاند مسڪرائي چيو ايڏي سنسار ۾ سيني جي آخري منزل موت آهي، هرڪو دير سوير اوڏانهن ئي وڃي پيو. اوهان جي جيڪا مرضي مان وڏو ٿهڪ ڏنو ۽ ماني جو گرهه منهنجي نڙي ۾ اٽڪي پيو پر وڏا وڏا ٿهڪ ڏنا پل ۾ لاءِ ائين

لڳو جڙ سڄي دنيا مون فتح ڪئي آهي ۽ منهنجون ڪمزوريون ۽ منهنجا عيب مون کان ٻانهون ٻڌي معافي ونڊي رهيا آهن. مان انهن کي پنهنجي پيرن ۾ گڙگڙائيندي محسوس ڪيو.

چاند صاحب هڪ رات رهائي خودڪشي جي صلاح ٺا ڏيو؟ مان چيو. چاند چيو مون کي دير ٿئي ٿي. واپس اچي ملندس. چاند منجهند جو موٽي آيو ۽ مون پڇيو آفيس ٽائيم ڇا آهي، چيائين جيستائين دفتر جا آفيسر اٿي سڄي ڏينهن جو ٿڪ لاهڻ لاءِ رات جو انتظار ڪندا آهن. تڏهن منهنجي ڊيوٽي شروع ٿيندي آهي. مان پڇيو پوءِ ڏينهن جو تون آفيس ۾ ڇا ڪندو آهين؟ چيائين ڏينهن جو آفيس ٻاهران آفيسرن جي سکون جي تلاش ڪندو آهيان؟ مان چاند جون اهي مبهم ڳالهيون ابهم انداز ۾ سپ سمجهان پئي. مون چاند کي چيو اهو ڪم ڪڏهن کان ڪندو آهين؟ چاند چيو جڏهن کان انسان ۾ حوس ڄڻي آهي. مون چيو حوس ته فطري آهي. چيائين حوس فطري ناهي حوس فطرت جي چيڙڇاڙ آهي. خير. چاند سان رهندي مون کي ٽي سال گذري ويا.

چاند رات جو نڪري ويندو هو وڏن آفيسرن جو بستر گرم ڪرڻ لاءِ نرم جانيون ڳولهڻ. هڪ ڏينهن مان چاند کي چيو هتي انساني جسمن جي بازار لڳل آهي. پوءِ به ماڻهو معصومن سان ائين ڇو ٿا ڪن؟ چاند چيو بکيو جانور هميشہ پاڻ کي ڪمزور ننڍي ۽ ڪچي جانور کي چيري ڦاڙي کائي پنهنجي بک مٽائيندو آهي. وري مان سوال ڪيو ته چاند سالن کان مان اوهان سان گڏ رهي آهيان. اوهان کي ڪڏهن اهو خيال نہ آيو چاند چيو پريم سان ملڻ عبادت آهي. ڏاڍائي مجبوري يا زوري ته زنا ٿيندي آهي. مان چاند کي چيو پوءِ هي اسان وٽ سڄو معاشرو زنا جي پيداوار آهي. چاند چيو پوءِ اسان سپ هن ڪائنات جا حرامي ٻار ته آهيون. مان چيو خير سڀني ڳالهين کي

چڏيو ايڏي وقت کان اوهان مون کي ٻاهر نہ وڃي ويا آهيو مون کي کاڏي گهمائي اڇو چاند چيو مون سان گڏ هلندئو تہ معاشرو اوهان کي ٻئي نظر سان ڏسندو مان چيو اي ڪاش جي هن معاشري جو ماڻهو ٿئين اک سان ڏسي هان تہ هي سماج ڪيڏو نہ سهڻو اڏيل هجي ها.

منهنجي گهٽي ضد بعد نيٺ چاند چيو صبر ڪر هن ڏينهن کان پوءِ منهنجي هڪ بزنس مين دوست جي پٽ جي سالگرهہ پارٽي آهي، اتي سيني جون فيمليون ايندیون مان اوهان کيٚ وڃي هلندس. جڏهن اسان اتي وياسين تہ چاند مون کي ان بزنس مين سان ملايو جنهن جو نالو رميش هيو ۽ پوءِ چاند مون کي اتي چڏي دوستن سان رلجي ملجي ويو ۽ رميش مون کي ترشي نگاهن سان ڏسندو رهيو. مون کي بہ من ئي من ۾ هڙ تڙ پيدا ٿي مان وڃي رميش سان مليس اسان ڪچهري ڪندا ڪندا متين فلور تائين وڃي پهتاسين ۽ مان رميش کي پنهنجي ڪماڻي ٻڌائي وينيس آخر ۾ رميش مون کان نمبر بہ ورتو ۽ منع ڪيائين تہ چاند منهنجي پٽن جيان مون کي پيارو آهي، ان کي خبر نہ پوي. مان چاند کي موڪليندس دبئي پوءِ اوهان سان ڪچهري ڪري سگهندس، پروگرام پورو ٿي ويو.

مان ۽ چاند موٽياسين رستي ۾ سوناري جي دڪان تي چاند مون کي وڃي ويو ۽ ڪجهہ زيور خريد ڪيائين مان پڇيو هي ڪنهن لاءِ ۽ چو؟ چاند چيو مان شادي ٿو ڪيان خبر نہ اٿئي چا؟ مان حيران ٿي ويس پر ڪنهن سان؟ چاند چيو وقت اچڻ تي ٻڌائيندس، ۽ پوءِ گهر پهتاسين، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ رميش چاند جي دبئي وڃڻ جو سڄو بندوبست ڪيو جتي رميش چاند کي پنهنجو ڪاروبار سنيالڻ جو چيو هو چاند کي چيائين اوهان دبئي لاءِ تيار ٿيو چاند رميش کي چيو سر ڪجهہ ڏينهن ۾ منهنجي شادي آهي ، رميش زور ڀريو شمع چيو

مان بہ زور پريندي چاند کي وڃڻ لاءِ اتساهيو ڪجھ ڏينھن جي ئي تہ ڳالھ آھي. موٽي اچي شادي ڪجو. مان اوھان جي شادي ۾ ڊانس ڪنديس، چاند مسڪرائي وراڻيندي چيو اوھان ڪنوار جي وڳي ۾ هوندئو ڪيئن ڊانس ڪري سگھندؤ؟ شمع چيو مون وري بہ چاند کي ڳالھين ۾ ٽاري ڇڏيو آخر مجبور ٿي چاند ويو ۽ پويان سيٽ رميش ۽ مان شادي ڪري ڇڏي. چاند کي اھا خبر پئي تہ ھو وري دبئي مان موٽي نہ آيو. نہ وري رميش جو اتي ڪو ڪاروبار سنياليائين. شمع چيو تہ مون سان ڪو رابطو ڪيائين، ۽ پوءِ سيٽ رميش ڪجھ مھينا مون کي رھائي طلاق ڏئي ڇڏي ھاٿي مان ساڳي چاند جي فليٽ تي رھي، پيڊ ويڊيو ڪال ۽ جسم فروشي جو ڌنڌو ڪندي آھيان.

◈

روشني جنهن کي اونداهي ماري وڏو

[هڪ اهڙو ڪيس جنهن ۾ شڪ ۽ غلط فهمي جي اونداهي هڪ حسين روشني کي ڳيهي وئي، هي اهو واحد ڪيس هو، جيڪو ٻڌندي مان سگريٽن جي دونهين سان پنهنجي اندر کي سڙيندو رهيس. وڏو ٻيانڪ المیو آهي جو اسان چمڪندڙ خوبصورت ڏيئا اجهائڻ ۾ دير ئي ناهيون ڪندا. اسان ۾ چمڙن ۽ چهرن جو روح پيل آهي، تڏهن اسان کي اونداهه وٽي ٿي ۽ روشني کان نفرت آهي. روشني جي دوست رخسار روشني جي ڪهاڻي ٻڌائيندي سڏڪن کي اڻين ڳڙڪائي پئي، جيئن هار کي گرهه ڦاسندو آهي ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا اٿس. ٿن ڪلاڪن جي هن ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ مان ٿي ڏينهن پنهنجو پاڻ کان جڻ ناراض ٿي پيو هئس ته مان هن ڏرتي تي جا ڪرڻ آيو آهيان جا ڪري رهيو آهيان؟ هن وقت تائين ان ناراضگي جو منهنجي اندر جي احتسابي عدالت کو به فيصلو ناهي ڏنو.]

روشني ٽيهه ورهين جي نوجوان بت ۾ پريل ۽ حسين عورت هئي، صورت سان گڏ هي سيرت ۾ به باڪمال هئي، شادي کي سال ٽيو هئس پر هن محسوس ڪيو ته جڙ صدين کان منهنجو روح هن زندان ۾ قيدي آهي. مڙس جيڪو جاهل جواري ۽ خود غرض هيو سو اجايو بهانا ڪري پيو روشني کي روئارينديو ۽ مارينديو هو. مون يعني رخسار روشني کي ڇيو پلا مڙس کان طلاق وٺ، پلا هن جيئري جهنم مان ته آزادي ملندئي! رخسار ٻڌايو ته جڏهن مون روشني کي اهي لفظ چيا ته هوءَ زارو قطار رني هئي ۽ ڳوڙها اگهندي چيائين چا بابا وارا ائين ڪندا؟ هو ته منهنجي طلاق جو ٻڌي به مون تي ناراض ٿيندا. روشني ان ڏينهن ڏاڍو رني هئي. جڙ ڪڪرن وانگر هن جا ڳوڙها وسي پيا هئا، ۽ روئندي ئي چيائين، سياڻي وري ويندیس مڙس جي گهر، بابا وارن وٽ گهٽو رهڻ به بهتر ناهي.

رخسار ٻڌايو ته، روشني پاڻ کي پختو ڪري نيٺ مڙس کي آهستي آهستي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳي، ايستائين جو هو مڙس کي هڪ شهر مان ٻئي شهر ۾ رهڻ لاءِ پنهنجي

مقصد ۾ ڪامياب وئي. اتي هو سڀي زندگي گذارين پيا ۽ روشني کي زندگي هاڻي تمام گھٽو وٽڻ لڳي هئي. نيٽ هڪ ڏينهن مڙس روشني کي موبائيل ۾ وڻي ڏني تہ ڳولڻان متان بابا وارن جي فون اچي، ڳالھ ٻولھ لاءِ سھولت ٿيندي اها موبائيل گھر ۾ پئي هوندي هئي ۽ روشني ڏاڍو خوش هوندي هئي ڪڏهن ڪڏهن مون سان ڪال تي ڳالهائي حال احوال ڏيندي هئي. روشني ڪاليج کان منهنجي سڀي دوست هئي ٻيو تہ اسان هڪ شهر هڪ پاڙي جا ۾ هئاسين ان ڪري اسان جي دوستي کي 20 سالن کان مٿي جو عرصو ٿي ويو هو رخسار ٻڌايو.

هڪ ڏينهن روشني جي نمبر تي ڪال آئي روشني نئون نمبر نہ ڪٽندي هئي ۽ شام جو مڙس کي ٻڌائيندي هئي تہ ڦلاڻي نمبر تان ڪال آئي هئي. روشني جو مڙس ان نمبر تي بيئڪ رنگ ڪري احوال وٺندو هو پر اهڙا رانگ نمبر ڪڏهن ڪڏهن قسمت سان روشني ڏي ايندا هئا. پر روشني هر ڳالھ مڙس کي ٻڌائيندي هئي. هڪ ڏينهن روشني جي نمبر تي ڪيترين ئي ڪالز آيون هن ڪال نہ ڪئي تہ هڪ ميسيج آيو جيڪو روشني جي ڪلاس ميٽ جو هو ميسيج ۾ هن روشني کي پنهنجي عشق جو داستان ٻڌايو تہ تو شادي ڪري ڇڏي وڏي مشڪل سان تنهنجو نمبر هٿ ڪيو آهي. بس هڪ دفعو مون سان ڳالهاءِ. روشني ڪال ڪري پنهنجي پراڻي دوست کي سڀ ڪجھ ٻڌايو ۽ منٽ ڪيائنس. آئنده هن نمبر تي ڪال ميسيج نہ ڪجو منهنجو گھر تباھ ٿي ويندو.

پر هو وحشي انسان نہ مڙيو نيٽ ميسيج ڪندو رهيو ۽ پراڻي تعلقاتن جا قسم ڏيندي روشني جو اعتماد بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ۽ روشني ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪار کان آجي ٿي گھر ۾ اڪيلائپ جي ڪري کو ڪنهن ميسيج جو جواب ڏئي وٺندي هئي. جنهن ٿي سندس دوست جيڪو وحشي درندو هيو پر بگھڙ وانگر چپ

ڪري ويندو هو روشني کي ان ڏينهن گهٽو زور پريائين تہ مون سان نہ ڳالهيندئن يا ميسيج جو جواب نہ ايندو تہ مان سڀ ڪجهہ اڇي تنهنجي مڙس کي ٻڌائيندس. روشني خدا رسول جا واسطا ڏنا ائين ڪندين تہ منهنجي زندگي تباهہ ٿي ويندي. پر هو نہ مڙيو پنهنجي ڪرت جاري رکيائين ۽ پوءِ روشني ان کان بچڻ لاءِ موبائيل خراب ٿيڻ جو بهانو ڪري موبائيل بند ڪري رکي ڇڏي.

هڪ ڏينهن روشني جي مڙس کي ڳوٺ جو ماڻهو مليو ۽ چيائنس تہ اوهان جي بابا جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي، هن ڏينهن کان گهر ۾ آهي. فورن مڙسس وڃي ڳوٺ پهتو ۽ پيءُ کان حال احوال پڇيائين گهر وارن وٽي پٽڪو ڪيس ابا زال جي ڪري پيءُ ماءُ جو گهر ڇڏي وئين تنهنجي زال اسان لاءِ سياڳي نہ نڪتي. اهڙيون ڳالهيون ڪري پٽ جو زال خلاف ويهي غلط ڳالهين سان ذهن پريو ويو ۽ فون واري ڳالهہ بہ نڪتي تہ جڏهن کان تنهنجي پيءُ سان حادثو ٿيو تنهنجي گهر جو نمبر يڪو مصروف هيو ابا تون گهر ڇڏي ٿو وڃي زال جو خيال رک اهڙين ڳالهين روشني جي مڙس جو صفا دماغ خراب ڪري ڇڏيو ۽ هو ڪاوڙمان گهر آيو.

روشني کي چيائين موبائيل ڪاٿي آهي؟ ۽ تو چيو موبائيل خراب آهي گهر وارن چيو آهي تہ تنهنجو نمبر مصروف هوندو آهي. سڄو سڄو ڏينهن ڪنهن سان ڳالهائيندي آهين؟ روشني اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي مڙس اڳيان گڙگڙائيندي رهي تہ اهڙو ڪجهہ بہ ناهي خدا ڏسي ٿو تون ائين اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين. مڙس روشني کان موبائيل گهري ۽ روشني بند موبائيل ڪٽي اڇي مڙس کي ڏئي اهو قصو ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ اڃان ڳالهہ مس شروع ڪئي تہ مڙس موبائيل ڪٽي ٻاهر هليو وبو مسنري کي موبائيل ڏيندي چيائين هن کي ڏسو ڇا ٿيو آهي؟ مسنري جيئن موبائيل کولي ٿي چار ميسيج آيا ۽ روشني

جي مڙس موبائيل واري کان پڇو هي ڇا جا ۽ ڪنهن جا ميسيج آهن؟ مستري هن کي ميسيج پڙهي ٻڌايا ۽ مستري موبائيل چيڪ ڪري چيو موبائيل ٺيڪ آهي، هن ۾ ڪا به خرابي ناهي بس چارج گهٽ اٿس گهر وڃي چارج ۾ هٽوس بس.

روشني جو مڙس رات جو نشي جي حالت ۾ اچي پسٽل ڪڍي روشني کي چيو ته منهنجي گهر وارن صحيح چيو تون بهتر عورت ناهين. تنهنجي موبائيل ۾ تنهنجي يار جا ميسيج پڙهي آيو آهيان ۽ تي فائر ڪري روشني کي هميشه لاءِ اونداهه ۾ اڇلي ڇڏيائين، فورن پاڙي وارا گڏ ٿي ويا پوليس اچي وئي روشني جا ساهورا ۽ گهر وارا پهچي ويا روشني جو سهرو وٺي ٽاٽي تي پگهو پٽ سڄو قصو ٻڌايس ۽ پٽ کي ٽاٽي تان قانوني گهرجون پوريون ڪرائي گهر وٺي آيو ۽ روشني جي لاش تي سندس ساهرا ٽڪل سوئر جيان منهن لڙڪايو بيٺا هئا. ۽ صبح جو اخبارن ۾ خبرون هليون ته گهرو پريشانين کان تنگ اچي ٽيهه ورهين جي عورت روشني آپگهات ڪري ڇڏيو.

اهو سڄو قصو ٻڌائيندي رخسار روئي ويٺي ۽ منهنجي هڪ سوال جي جواب تي چيائين ته مان ۽ روشني ڪرمنالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندا هئاسين. مون کي هر معاملي جي ٽهه تائين پهچڻ جو شوق به هوندو هيو ۽ ته روشني به وڏي دل واري هئي، مان ان جي موت کي گهرائي سان ڏٺو سوچيو روشني جا ساهرا ۽ ماءُ پيءُ منهنجي پاڙي جا هئا ان ڪري ڪچهرين مان ۽ خون ڪٽوري لڪڻو آهي، ان ڪري مون کي خبر پئجي وئي ۽ مان ڪجهه به نه ڪري سگهيس.

◈

پنجن سالن تائين هر مهيني 50 هزار ڏيئڻا پيا

[هي قصو آهي پروفيسر ميزان جو، جيڪو سوشل فورم تي اهڙو قيد ٿي ويو، جو هر مهيني 50 هزار پنجن سالن تائين پنهنجي پگهار مان ڏيندو رهيو. پر تنهن باوجود جڏ هن جو ساهه ڪنهن منڊ ۾ قيد ڪري ورتو هو. جيئن ڏند ڪٿائن ۾ پڙهندا هئاسين تہ ڪلاڻي جادوگر ڪلاڻي عورت يا مرد جو ساهه طوطي ۾ قيد ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت هن ڪيس ۾ پروفيسر صاحب جي عزت سندس شاگردياڻي جي موبائيل ۾ قيد ٿيل هئي. جنهن جي وائرل ٿيڻ جي خوف ۾ پروفيسر دنيا جي هر خوشي هوندي بہ سالن کان نراس رهڻ لڳو، ڇهري تي مصنوعي مرڪ رکي مڙئي معاشري ۾ پيو خوف منجهان جيئندو هو ۽ ٻڌايائين تہ سالن تائين اهڙي ذهني پيڙاءَ مان گذرندي پنهنجي زندگي کي بي رنگ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي لڳندو آهي تہ "عورت اعتماد جي تقدس جي توهين ڪندڙ مجرم آهي ۽ سزا ۾ تل سيهي سان سندس پيشاني تي غدار لکڻ گهرجي" عورت مصيبت ئي اهڙي آهي، جو وفادار ٿئي تڏهن بہ مرد ماري هٽ ڪڍي بيوفا ٿئي تڏهن بہ ماري ڇڏي.]

پروفيسر ميزان سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين جو ان ڪري پسنديده استاد هيو جو هن ٻڌايو تہ مان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پنهنجو اولاد ڪري ڏسندو هئس، ۽ اسٽاف جا سڀ ماڻهو منهنجي گهر جا ياتي هئا. مان ننڍڙي هوندي کان عزت پري زندگي گذاري، نہ مان ڪنهن سان ڏاڍيان ڳالهايو نہ ئي ڪنهن مون سان نرڙ گهنجائي يا گوڙ ڪري ڳالهايو هجي، مان هڪ نفيس ۽ مزاجن خاموش طبيعت ۾ پنهنجو وقت گذاريو آهي، هن پنهنجي قصي کي اڳتي وڌائيندي چيو تہ پيپرن جي تياري دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين واٽس ايپ گروپ ٺاهيو اسٽڊي لاءِ ان گروپ ۾ ميل، في ميل سڀ استاد توڙي شاگرد ۽ شاگردياڻيون 150 ماڻهو جڙيل هئا. ان گروپ منجهان هڪ شاگردياڻي اڪثر مون کي پرسنل ميسج ڪندي هئي، تہ ڪڏهن صبح جو سلام تہ ڪڏهن شاعري وغيره موڪليندي هئي.

مان بہ کيس هن کي پنهنجو اولاد سمجهي رهلاءِ ڪندو هئس، اهو سلسلو اسان جي ڪچهرين ڏانهن وڌيو پر اها شاگرديائي جنهن کي مان ڪڏهن بہ بري نگاهہ سان نہ ڏٺو هو ڇو تہ مان شادي شده هئس، مون کي ٽي ٻار هڪ پٽ ہ نياڻيون هيون جيڪي بلڪل هن شاگرديائي جي عمر جون هيون. پروفيسر صاحب اهو چئي وري چڙ هن هيڏي سنسار ۾ بيگانيت ۾ گم ٿي ويو ۽ ڪجهہ پل خاموش رهي، وري مٿي منهن ڪندي آسمان ڏي نهاري چنڊ کي ڏسي مون کي چيائين اهو سگريٽ ڏيو. مان کيس سگريٽ ڏنو جيڪو کيس ڇڪڻ نہ آيو. ٿوڪ پرڻ سان پروفيسر کنگهڻ لڳو مان سمجهي ويس، هي سگريٽ ناهي چڪيندو پائپ پي وري هيٺ منهن ڪري سوچن جي گهري کوهہ ۾ ڏنديء محسوس ڪيائين مان ڇيو سائين ڪاڏي گم ٿي ويائو. پروفيسر ميزان پنهنجي ڳالهہ وڌائيندي ڇيو تہ مان هن هيڏي سنسار ۾ پاڻ وڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر جنهن کان لڪڻ پيو گهران اهو هر جڳهہ تي نظر پيو اچي.

ڳالهہ کي وڌائيندي چيائين تہ هو منهنجي ڏيءُ جيڏي شاگرديائي هڪ شام جو مون ڏي غمگين ۽ ڏک واري شاعري موڪليائين. مان کيس آٽت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هن هڪ ويڊيو موڪليو جنهن ۾ "چوڪري هڪ همراهہ جي سيني تي ستل هئي ۽ هو ان ڇوڪري جا وار سنواري رهيو هو" اها ويڊيو ڏسي مان ٺورو ڇرڪيس تہ فورن مٿان ٻيو ميسيج آيو تہ ميزان مون کي اهڙو سهارو ڏيو... ان ميسيج ۾ هن سر بہ نہ لکيو هو صرف ميزان ئي لکيائين، جنهن تي منهنجا ٻئي پڙ پاسا بنا توازن جي هيٺ مٿي ٽيڙ لڳا ۽ مان عجيب ڏٽر ۾ اچي ۽ منتشر ٿي موبائيل سائيڊ تي رکي ڇڏي.... ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ اها شاگرديائي شرارتي نظرن ڏانهن مون ڏي ڏسڻ لڳي، ان کانپوءِ بہ اسان جو وائس ايپ تي ڪچهريون بہ هلنديون رهيون.

مان بہ مرد هئس نيٺ آدم خطا جو گهر آهي. غلطيون ان جو ورثو آهن. مان بہ ان وهڪري ۾ وهي ويس. پوءِ راتين جون راتيون مون سان هن جون ڪچهريون هلنديون هيون. ان مون کي پنهنجي ڪچهري جو عادي موالي ڪري ڇڏيو. جنهن ٽائيم هن جو ميسيج نہ ايندو هو تہ مون کي عجيب خيال ۽ سوچون ايندیون هيون. اسان موبائيل فون واٽس ايپ جي انهن ڪچهرين ۾ ايترو هڪجهي جي ويجهو ٿي وياسين جيئن سرد راتين ۾ برسات پنل جسم هڪجهي کي ٻانهن جي گرمائش ۾ لڪائي وٺندا آهن. پوءِ اهو سلسلو ڏيڊ سال هليو هڪ ڏينهن ان شاگرديائي مون کي چيو ميزان مون کي ڪجهہ پيسن جي ضرورت آهي. مان هن کي ضرورت مطابق پيسا ڏنا ۽ پوءِ هلندي هلندي نيٺ هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ مون سان شادي ڪر.

هاڻي مان چرڪي ويس ۽ خوف مان چيو مون کي ٿي ٻار آهن. منهنجون ڏيئرون اوهان جي عمر جون آهن. تنهن تي هوءَ ٻاهہ ٿي وئي. چيائين جڏهن مان اوهان جي ڏيئرن جيڏي آهيان تہ اهو خيال اوهان کي رنگ رليون ڪندي چو نہ نظر آيو؟ هن جي ڳالهين ۾ اهڙو زهر هيو جيئن نانگڑ تپش ۾ زهر جي ڦوهار ڇڏيندي آهي! مان هن کي گهٽو سمجهايو شادي جي ضد تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن مون کي چيو تو مون سان اوهان گهٽو ڪجهہ ڪيو آهي. هاڻي مان ڪٽان جي ناهيان رهي. پنهنجي اندر ۾ شرمسار آهيان. هر هر مون کي رات جو اهي ويڊيوز ڪالز واريون يادون ڇرڪ پرائن ٿيون. مان بہ پريشان ٿي ويس. مان هن کي سمجهائڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي. آخرڪار مان هن کي چيو اوهان کي جيڪو گهرجي مان اوهان کي ڏيان بس شادي جو ضد ڇڏيو منهنجو گهر تباهہ ٿي ويندو.

هن ايموشنل ڪري ڊرامائي انداز ۾ مون کي ڏمڪائي چيو بس اوهان جي سزا اها آهي. جو اوهان مون کي 50 هزار هر مهيني ڏيو. نہ تہ

مان اهي ويڊيوز ڪڍي اوهان جي فيملي وٽ پهچنديس. مان اهو ٻڌي ڏکڻ لڳس، مان هن کي چيو ها بلڪل مان توکي هر مهيني پيسا ڏيندس. بس اهي ويڊيوز ڊليٽ ڪري ڇڏ. ميزان چيو مان سوچيو شايد ڪجھ مهينن کان پوءِ هي بہ پيسا وٺڻ ڇڏي ويندي، آخر ڪيترو ٽائيم وٺندي پر مان غلط هئس پنج سال ٿي ويا آهن، مان هر مهيني 50 هزار ڏيندو رهيس ۽ پوءِ جڏهن ان شاگرديائي جي شادي ٿي وئي، تڏهن منهنجي جند ڇٽي پر ڪڏهن ڪڏهن هن جا ميسيج ايجان ايندا آهن. دعا سلام درود Good Morning جيڪو پڙهي منهنجو سڄو ڏينهن خراب ٿي ويندو آهي. هن وقت تائين منهنجي ذهن ۾ ايجان اهو خوف سوار آهي.

◈

کيس 11،

ڪلينڪ ۾ هران لڪرايو عورت جو اچڻ منع آهي

[ڊاڪٽر عشرت شريف النفس انسان جنهن پنهنجي ڏيوٽي کي عبادت سمجهي نڀايو ۽ سڄي شهر ۾ هن ڊاڪٽر کي سڀ پنهنجو فيملي ڊاڪٽر ڪري سمجهندا هئا. اهڙو انسان پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي روئي ويٺو ۽ چيائين ته زندگي جا وڏا خواب هئا، مون سوچيو هو پنهنجي شاندار مستقبل جي جنگ فتح ڪري نيٽ ڪاميابي جو جهنڊو لهرائيندس، پر سڀ خواب پورا پورا ٽي ويا. خودڪشي ڏوهه آهي، جنهن سان وجود ختم نه ڪجي پر مان روز پنهنجي ضمير اڳيان مران ٿو ۽ ان ڏوهه جي سزا به سهان ٿو، پر وجود کي ماري ڏوهه کٽڻ نٿو چاهيان. اندران سڄو ختم ٿي ويو آهيان. ڊاڪٽر ماٺهو آهيان روز رات جو نند جي ٽيبليٽ کائي سمهان ٿو پر نند به پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڪيڏي مهل شوپنهار جو قول ياد ٿو اچي ته عورتون ڪتن وانگر آهن، جيسين انهن کي کارائيندائو تيسين توهان سان وفا ڪنديون.]

ڊاڪٽر عشرت جنهن ٻڌايو ته مون ڏي ايمرجنسي ۾ ڪال آئي، مان مريض ڏسڻ ان گهر ويس ان گهر جا مالڪ منهنجا ويجها دوست هئا. مان جيئن ئي ان ڏينهن اتي پهتس گهر ۾ ڪير نه هو سواءِ سيما جي، هوءَ بيڊ تي ستي پئي هئي. مان پهتس ته سيما جو بليڊ پريشر پنهنجي توازن ۾ نه هيو. مان هن کي علاج ڏنو ۽ پڇيم گهر وارا گاڏي ويا هن سيما چيو ادي جي شادي تي مان چيو وڏي تون آهين توکي ڇڏي ننڍي ادي جي شادي؟ ڪلي چيائين ڊاڪٽر صاحب هاڻي تون ته گهر جو ڀاتي آهين. سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو اهو سوال مون کي تڪليف ڏني. مان منهن جي مشابهت سان ڪلي سامان ۽ بيگ سنڀالي نڪري آيس.

رات جو وري سيما جو ميسيج آيو پنهنجا ڏڪ سور وڌڻ لڳي. مان هن کي سمجهائي آڻڻ ڏيندو رهيس نيٽ اسان جون اهي ڪچهريون ويڊيو ڪالز تائين پهتيون ۽ روز جو معمول بڻجي ويون. اسان هڪ ٻيني ۾ هڪٻئي جي جسم جا تر ۽ نشان به ڳڻي ورتا هئاسين. ڊاڪٽر ٻڌايو ته مان پنهنجي ڳالهه وڌائيندي سيما کي چيو ته ڇا اسان

شادي ڪري سگھون ٿا؟ سيما چيو مان گھر وارن کان پڇان ھنن جو اسرار ڏسان، ان وچ ۾ سيما ڪڏھن ڪڏھن مون کان پيسا ب ونندي رھي، نيٽ ھڪ ڏينھن سيما ب اسرار قبوليو تہ مان پاڻ سان ڳالھايو آھي، اسان شادي ڪنداسين، پر مان ھڪ شرط تي اوھان سان شادي ڪنديس اھا منھنجي پاڻ جي خواھش آھي، مان چيو ضرور جڏھن اسان جي شادي ٿئي ٿي تہ اسان ھڪٻئي جا وارث ھونداسين. نيٽ سيما جي پاڻ مون کي پنھنجي گھر گھرايو شادي جون ڳالھيون ٿيون.

جنھن ۾ شرط ھيو تہ ھي بنگلو سيما جي نالي ڪندي ڊاڪٽر چيو مون کي ڪو گمان ئي نہ جو مان شريف ماڻھو ھئس ھا ڪري ڇڏيم، ۽ پوءِ سادگي ۾ شادي ٿي وئي. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ، مان 40 سال زندگي جا ائين شرافت ۾ گذاريا مان ڪڏھن ڪو غلط ڪم نہ ڪيو ھو. ھر ماڻھو ۾ ھڪ سادگي ڏسي ان کي پنھنجو عزيز سمجھندو ھئس، جڏھن سيما جي پاڻ اھا ڊمانڊ ڪئي تہ مان ھا ڪئي ھاڻي سيما منھنجي ھوندي تہ ھي بنگلا مان ڪاڏي ڪندس، سڀ ڪجھ اتي پيو ھوندو ھڪ ڏينھن انسان ھليو ويندو مان اھو بنگلو لکي ڏنو اسان جي شادي کي ھفتو ب نہ گذريو سيما جو رويو صفا مٽجي ويو ھو چيڙاڪ طبيعت ۾ تيز ۽ روز اجايو جھيڙو ڪرڻ لڳي، مان ھن کي گھٽو پيار مان سمجھايو ۽ پوءِ نيٽ ھن پنھنجي دماغ جي ڳالھ ٻاھر ڪڍي مون کي طلاق ڪپي. مان سيما جي پاڻ سان ملي اھو احوال اوريم پر ھن ب منھنجي ھڪ نہ ٻڌي پيڙ جو پاسو ڪٽي بيھي رھيو.

نيٽ مان ب سوچيو روز جي شور کان پوءِ طلاق ئي بھتر رھندي ڊاڪٽر عشرت چيو تہ مان ان رات سيما جي پيراندي کان سمھي روئندو رھيس، پر ب ھن کي حياءَ يا رحم ب نہ آيو مون تي. نيٽ صبح جو بنگلي جا دستاويز ڏاج ۾ ڏيو سامان ڪٽي پاڻ سان نڪري وئي ڪجھ وقت کان پوءِ مون کي اھو بنگلو خالي ڪرڻو پيو ۽ مان

پنهنجي ڪلينڪ تي رهڻ لڳس. منهنجي زندگي جي اهڙي واقعي مون کي اندران صفا ڏرا ڏرا ڪري ڇڏيو هو. عورت ذات کان مون کي نفرت ٿيڻ لڳي ۽ هاڻي منهنجي ڪلينڪ ٻاهران بورڊ لڳل آهي ته عورت جو اندر اچڻ سخت منع آهي، مون کي عورت ذات کان نفرت ٿي وئي آهي، سيما سان مان بي پناهه پيار ڪيو هو.

هن انٽرويو دوران ڊاڪٽر اصل ڳالهه لڪائي هئي، پر منهنجي کوجنا جاري رهي. هفتي ڪانپوءِ جڏهن وري ڊاڪٽر سان ملاقات ٿي مان ڪجهه ڳالهيون ڇيڙيون ۽ پڇا ڪئي ته ڊاڪٽر پوءِ پلا اوهان شهر ڇو تبديل ڪيو؟ ڪچهري دوران مون کي پهرين ڏينهن خبر پئجي وئي هئي ته ڊاڪٽر جي ذهني حالت ٺيڪ ناهي خير ڊاڪٽر ٻڌايو ته سيما منهنجو سپ ڪجهه ڪٽي وئي. آخر ۾ طلاق ڪانپوءِ به مون کي بليڪ ميل ڪندي هئي، ته پيسا ڏئي مونکي. شادي کان پهريان واريون اسان جون ويڊيو ڪالز سيما وٽ محفوظ هيون ۽ هن شادي ڪانپوءِ زال مڙس جي ميلاپ وقت به ويڊيوز ٺاهيون هيون، طلاق کان پوءِ هن انهن ويڊيوز ۾ پاڻ کي لڪائي مون کي ظاهر ڪري مون کي چيو ته جيڪر منهنجي ڊماغ پوري نه ڪندي ته مان هي پاڙو ۽ شهر توکي ڇڏرائيندیس ۽ پوءِ سيما اهي ويڊيوز وائرل ڪيون. منهنجي ساک خراب ٿي. روزيه ڪلينڪ ۽ ڪريئر تي اثر پيو. پاڙي ۽ شهر وارا نفرت ڪرڻ لڳا ذهني طور مفلوج ٿي ويس تنهن ڪري مان اهو شهر ئي ڇڏي آيس.

◈

سڀ کجهه ويو پر ڏک اڃان ٻيئو آهي

[هي ڪهاڻي آهي اشرف جي، جيڪو هڪ استاد هيو، سلي گهر سان تعلق هئس، معاشري ۾ هر ماڻهو کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندو هئس ۽ اهڙي عمل کانپوءِ اشرف لاءِ ڌرتي تنل نامي جهڙي ٿي وئي هر ماڻهو کيس حقارت مان ڏسڻ لڳو. اشرف کي پنهنجي وجود مان نفرت ٿيڻ لڳي، اهڙو احوال ڪندي اشرف ڇيو هاڻي مون کي سماج جون سڀ عورتون ڏائڻ جي روپ ۾ نظر اچن ٿيون. جن مردن جا رت چوسي پنهنجا چپ ڳاڙها ڪيا آهن. هاڻي مون کي لڳي ٿو، عورت مظلوم ناهي، دنيا جون سڀئي عورتون پنهنجي گناهن جو وزن ڪنهن مرد جي ڪلهي تي رکي پاڻ کي بيقصور ثابت ڪن ٿيون ۽ ٻيو ذليل مرد اهڙي عورت جو پرجهلو ٿي، ان نانگن عورت کي ٻئي مرد جو رت پياري جيئدان ڏئي ٿو.]

اشرف ٻڌايو ته، مون کي ٽن سالن کان منهنجي سالي فون ڪال تي مختلف نمبرن تان تنگ ڪندي رهندي هئي، ان منهنجي زال کي ايترو ورغلايو جو هوءَ مون کي ڇڏي مائٽن ڏانهن هلي وئي، منهنجي سالي جي عمر 28 سال آهي ۽ نالو بشارت اٿس. ان جو هڪ دوست هيو جيڪو اسان جي گهر ٻاهران اچي بيهندو هو. مون کيس بشارت جي ان عاشق کي منع ڪئي ۽ بشارت کي سمجهايو تنهن تي بشارت سمجهي وئي ۽ منهنجا ٽورا ميڙندي رهي. پر هن مون سان اها ٻ ڳالهه ڪئي ته اشرف تون مون کي وٽندو آهين، اهو سلسلو هلندڙ هيو بشارت جا پائر يعني منهنجا سالا خوشحال هئا، ٽورا ڏنگا ٻ هئا. پوءِ ٻ مون انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته بشارت جي شادي ڪرايو خير منهنجي گهر واري جڏهن مائٽن ڏانهن هئي. تنهن وقت بشارت مون کي ڏاڍو تنگ ڪيو هو نيٽ مرد ته ميڙ بتي آهي، ماچس ته پري پر اس تي ٻ ڳري پوندو آهي، مان ٻ زال جي جدائي جا سور بشارت سان بيان ڪندو رهيس.

بشارت مون سان سياري جي ڏگهي راتين کي ويڊيو ڪال تي تمام ننڍڙو ڪري ڇڏيو هو مون بشارت کي چيو نيٽ الله ڪندو

تنهنجي شادي ٿي ويندي. تون پنهنجو گهر آباد ڪنديئن هن وقت منهنجي گهر واري يعني پنهنجي پيٽ کي راضي ڪر ته گهر اچي. اهو ٻڌي بشارت روئڻ لڳي ته نه هاڻي تون مون سان شادي ڪر. منهنجي پيٽ تو کان نفرت ڪري ٿي، مهينو سڄو بشارت منهنجي ذهن ۾ منهنجي زال خلاف نفرت جو بارود پريندي رهي، پر پوءِ به مون پنهنجي زال نه چڏي هڪ ڏينهن بشارت چيو مان هاڻي خودڪشي ڪيان ٿي تون مون کي ڪيڏانهن جو به ناهي چڏيو. بشارت جذباتي ۽ تيز طبيعت هئي مون کي به ڊپ ٿيو. متان خودڪشي نه ڪري مان هن کي ريجهائيندو ۽ پرچايندو رهيس، بشارت جو ضد هو ته مون سان شادي ڪر منهنجي پيٽ ان ڪري گهر آئي آهي ته جيئن مون کي طلاق ڏي مان پنهنجي پراڻي رشتي ۾ خوش آهيان. بشارت جي پيٽ جو رشتو؟ يعني اشرف چيو منهنجي زال اڳ ڪاتي منگيل هئي.

نيٺ اشرف بشارت جي ڳالهين ۾ اچي زال کي طلاق ڏني ۽ پوءِ مڪمل طور تي، اشرف ٻڌايو ته مان بشارت کي پنهنجو حال پائي تسليم ڪري وينس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ بشارت مون کي هر ڳالهه تي ٽوڪڻ سان گڏ منهنجي ڳالهين کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ نه فون تي ايترو ڳالهائي پئي. نه ويڊيو ڪال، نه ڪو ميسيج جڻ مون کان پري پري رهڻ لڳي. مان به ذهني طور ان نظراندازي کي ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيس، متان وري طلاق کان پوءِ به منهنجا سالا اچي روز مون سان گوڙ ڪندا هئا ته اسان جي پيٽ جو ڏاج ۽ ملڪيت ۾ زال ۽ هار جو حصو ڏي. هنن مون تي ڪيس به داخل ڪرايو معاملا ڏاڍا خراب ٿي ويا. مان رهندو پريشان رهڻ لڳس، متان بشارت به سات چڏي وئي منهنجي زال وئي، پٽ وبو ڳوٺ واري ٻني وئي، مون وٽ هاڻي صرف پنهنجو گهر بچيو هو.

بشارت کي مان الله رسول جا واسطا وجهي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ڪندو رهيس، بشارت چيو هاڻي مون کي اوهان مان خوف ٿو ٿئي مون

کي تحفظ ۾ اهو گهر لکي ڏي، مان بشارت کي سمجهايو شادي کانپوءِ اهو گهر به ته تنهنجو ئي آهي نه. ائين چو ٿو ڪرين؟ ان تي بشارت نفرت پري لهجي ۾ چيو نه ته مان اوهان جون ويڊيوز وائرل ڪنديس ته اشرف پنهنجي شاگرديائي سان ويڊيو ڪال تي رنگ رليون ڪري ٿو مون ڪيس هن کي گهٽو سمجهايو ائين نه ڪر ويڊيو ڪال تي بشارت اڪثر ماسڪ پائي ويهندي هئي پاڻ لڪائي مون کي خوف ٿيو منهن لڪيل اٿس متان ڪو سمجهي ته واقعي اشرف ڪنهن شاگرديائي سان ائين پيو ڪري ان خوف ۾ مان گهر بشارت کي لکي ڏنو پوءِ به هن اهي ويڊيوز وائرل ڪيون ۽ نتيجي ۾ مان جنهن سينٽر ۾ پڙهائيندو هوس انهن به مون کي ڪڍي ڇڏيو.

هاڻي مون وٽ ڪجهه ناهي بچيو. زال وئي، پٽ ويو ٻني وئي، ملڪيت وئي، گهر ويو شهر ڇڏڻو پيو هاڻي هتي مسواڙ واري ڪوارٽر ۾ رهان ٿو. 20 هزار مهينو پگهار تي ڪم ڪندو آهيان. اشرف روئيندي ٻڌايو ته عورت جو ويڑ تمام خراب آهي، جيڪو گهر مون کان بشارت لکرايو هاڻي ان ۾ هو پنهنجي پراڻي عاشق سان شادي ڪري وينِي آهي، جنهن کي مون جلهيو هو ته اسان جي گهٽي ۾ نه بيهندو ڪر. ان سڄي معاملي جي بشارت جي سڄي گهر کي خبر هئي، پر منهنجي هڙ ۾ هاڻي رڳو سور ئي سور آهن ٻچي اولاد جون يادون ۽ ڳوڙها قطارون ۽ سڏڪا هوندا آهن. جڏهن سار پوندي آهي ته.

◈

ڪتاب بابت ويچار:

ايندڙ نسل کي شڪارين کان بچايو

نوجوان ليکڪ مدهوش مير انهن نالن ۾ شامل آهي، جن سدائين منفرد موضوعن جي چونڊ ڪري انساني فلاح لاءِ پنهنجون قلمي صلاحيتون سرانجام ڏنيون آهن. مدهوش مير جي هن ڪتاب کي پڙهندڙ وٽان ستي موٽ ملندي هي آگاهي تي ٻڌل هڪ شاندار ڪتاب آهي جيڪو پاڻ ۾ پڙهو ۽ ٻين کي ۾ پڙهايو. جيئن اسان جو فرد هن سينواريل سماج جي خراب ڪمن کان بچي ۽ حسن اخلاق سان سينگاريل نظر اچي.

هاڻي ڳالهه ڪجي ته ادوار يا دور بدلجڻ سان انساني زندگي جا طور طريقا ۾ بدلجي ويا آهن. انسان مذهبي سختي ۽ انتها پسندي جي ڪري مذهبن کان پري ٿي ويو آهي، جنهن ڪري حياءَ ۽ لڄ حجاب وارو پاسو بري طرح متاثر ٿيو آهي. بلڪ ذري گهٽ ختم ٿي ويو آهي. اڄ جتي آسائش يا آرام ۽ ڪمن ۾ آساني ۽ ترقي ۾ تيزي جون شيون يا ٽيڪنالاجي زندگي آسان ڪئي آهي، اتي ان جو خطرناڪ پاسو پڻ نمودار ٿيو آهي، جنهن ڪري خاندان گهر رشتا ويجائجي ويا عورت جو قد ۽ رد ختم ٿي ويو عورت جي پردي پناه جو مسئلو بڻجي ويو عورت جڻ تماشو بڻجي وئي. عورت توڙي مرد مجموعي طور انسان ذهني مريض بڻجي ويا آهن.

هي اهو دور آهي جتي اعتبار پروسو انسان جو انسان لاءِ چگهائي وارو احساس مري چڪا آهن هڪڙا ته غلطي کي عادت بڻائي ڏيڻ ۾ ڦاسي ۾ مري ٿا وڃن ٻيا هلڪي لغزش يا لوڏي تي ۾ پاڻ کي زندگي ۽ معاف نٿا ڪري سگهن ڊپريشن ۾ هليا وڃن ٿا.

کي پاڪيٽ چور، کي اربن جا چور سو سيني جي سزا ساڳي نہ هجڻ گهرجي. پليو پلايو پير کي لوڏو اچي تہ ان جي رهنمائي ڪري ان کي دڳ لائجي، پر جي ڪو حوس جو مريض هجي تہ ان کي اسپتال داخل ڪرائجي ذهني جسماني علاج ڪرائجي جي نہ مجي تہ سوشل بائيڪاٽ ڪجي پر مان تہ اها بہ سزا مناسب نہ ٿي سمجهان ان جو ديني روحاني علاج ڪجي باقي جي نہ تہ پو اهو طئي آهي تہ انت آخرڪار تباهي آهي. ان سپ کان بچڻ لاءِ منهنجي نظر ۾ مذهبي ۽ اخلاقي تعليم آهي مايوس يا اداس انسانن کي بي غرض ٿي آٽت ڏيڻ آهي، پوئواري ڪرڻ آهي.

اڳي غم گهٽ ڪرڻ لاءِ ماڻهو شراب يا شباب جو پاسو ونندا هئا ۽ غم بہ ڪن ورلي ماڻهن کي هوندو هو. اڄ ٻچو ٻچو غم يا ذهني چڪتاڻ ۾ آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪو انهن کي آٽت ڏيندي مس گائيڊ ڪري ينڪائي چڏي وري متان بليڪ ميل ڪري تہ اها انسانيت جي ئي توهين آهي.

جيڪڏهن ايندڙ نسل شڪارين جي اهڙي ڊپي ۾ ڦاسندو رهيو تہ اڳتي هلي انساني نسل جي ختم ٿيڻ جو پين سببن سان گڏ اهو بہ سبب سر فهرست هوندو. بنيادي طور تي انسان معصوم ٿئي تو واقعات ۽ حالات هن کي گنهگار بڻائي چڏين ٿا، چو نہ انسانن کي تماشو بڻائڻ بجاءِ انهن جو همدرد ٿي انهن کي ڪنهن سهڻي دڳ لائجي.

نوجوان ليڪڪ مدهوش مير انتهائي حساس پر وقت جي ضرورت وارو موضوع چونڊي هڪ بهترين ڪم ڪيو آهي پر ان تي سوچڻ ضرور ڪپي تہ ان ويا مان ڪيئن املهہ ماڻڪ انسانن جي جند ڇڏائجي.

ــ **عين سحر** (شاعرہ)

⁂

اڇو ته هن آگاهي ۾ حصو ڳنڍيون

مدهوش مير جي هن ڪتاب کي پڙهڻ کانپوءِ سڀ کان پهريان مون کي بيلجيم جي سماجي اڳواڻ عورت Marguerite Coppin جو قول ياد اچي ويو جنهن چيو هو ته "اطلاع آگاهه ڪرڻ وارو انسان ڪنهن مسيحا کان گهٽ ناهي. اسان جو حقيقي ۽ همدرد اهو آهي، جيڪو اسان کي ايندڙ يا هلندڙ وقت جي ڏکين پيچيده حالتن کان واقف ڪرائي ٿو." هن ڪتاب ۾ نوجوان صحافي ۽ انتهائي سنجيده ليکڪ مدهوش مير جنهن انداز ۾ اسان کي آگاهي فراهم ڪئي آهي، حقيقتن جي روشني ۾ ڏسجي ته پل پر لاءِ محسوس ٿيو ته جڏ مدهوش مير ۾ نيڪ والد ۽ برجستي ماءُ سميت بردبار پاءُ جو روح لهي آيو آهي، جنهن هن سماج جي هر نياڻي شاگرد ياڻي کي هلندڙ وقت جي اونداهي رستي تي هلڻ کان وڏي آواز ۾ هڪل ڪري بيهاري ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن دور ۾ جتي سوشل ميڊيا ماڻهن کي سجاڳي ڏني آهي ٻئي طرف ان جو هڪ ٻيو ب ڏاڍو دکدائڪ پاسو آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي نياڻين مفلوج ٿي ويون آهن. خاص ڪري ننڍڙي عمر جون ڇوڪريون جيڪي ڇڻن ڏينهن جي چاهت ۾ انٽرنيٽ تي ڪنهن اجنبي انسان کي پاڻ اڀي ويهن ٿيون. نتيجي ۾ ان بدنيت انسان وٽان ان نياڻي کي ذلت ۽ رسوائي سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. ۽ ان سان گڏ ان نياڻي جي فيملي ب پريشان رهي ٿي. جيڪو عمل انسانيت جو شرم وچان ڪنڌ جهڪائيندڙ آهي.

ائين ب ناهي ته انٽرنيٽ جو اهو پاسو خراب آهي. ان سان ائين ب ٿيو آهي. ڪافي جوڙا ڏهني هم آهنگي بعد شاديون ب ڪن ٿا. جيڪي خبرون روز اخبارن جي زينت بڻجن ٿيون، پر اها اڪثريت ناهي. هتي ان سائبر سيڪس ڪرائيم وارو پاسو 80 سيڪڙو عام

آهي. ۽ ان ذلت کان بچڻ لاءِ ڪيترين ئي خوبصورت زندگيون مفلوج ٿي وڃن ٿيون. هجڻ ائين گهرجي ته سوشل ميڊيا جي ان پاسي کي اسان پنهنجي اولاد سميت هر اسرندڙ ذهن کي آگاهي طور هوشيار ڪيون ته جيئن هو سائبر سيڪس جهڙي مرض کان بچي سگهن. مدهوش ميرهن ڪتاب ۾ اهي قصا ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن. جيڪي پڙهي انسان جو روح روئي پوي ٿو ته ڪيئن انسان معصوم جانيون ڳڙڪائيندڙ جانور بڻجي ويو آهي، مان جس ڏيان ٿي مدهوش ميرکي جنهن ايڏي حساس موضوع تي ايڏي احتياط سان ڪم ڪري پنهنجي قلم جو حقيقيءَ حق ادا ڪيو آهي. اميد آهي ته مدهوش ميرجو هي ڪم پڙهندڙ وٽ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪرائيندو.

ـ **عذرا ميمڻ** (سماجي اڳواڻ)

***

خطا انساني ورثو آهي

هن دنيا ۾ انسان اگهاڙو آيو آهي. ويندو به اگهاڙو ٻن ٽڪرن ۾ سي به ٻيا پارائيندا، ڪفن جي صورت ۾. هي دنيا ڏاڍي حسين آهي، فطرت جو هر منظر انسان لاءِ خلقيو ويو آهي. ايڏي خوبصورت زندگي کي اسان هڪ خطا جي ڪري وڃائي ڇڏيندا آهيون.

مدهوش ميرهي جيڪو ڪتاب لکيو آهي مان خود ان ڪتاب جي هڪ ڪهاڻي آهيان. ڪافي دفعا خيال آيو ته خودڪشي ڪجي ۽ ڪوشش به ڪيم پوءِ خيال آيو ته ڇا انبياءَ اڪرام کان غلطيون نه ٿيون؟ ڇا آدم کان غلطي نه ٿئي؟ غور ڪري ڏٺم ته هي دنيا ئي غلطيءَ جي پيداوار لڳي. پوءِ ان دنيا جي ريتن رسمن جي مختلف پاسن کان جيڪر اسان کان ڪا غلطي خطا ٿئي ٿي ته اسان زندگي جو انت آڻي ڇڏيون؟ نه ڪڏهن به نه اها بزدلي آهي.

انسان دنيا جو هر دُک، سُور تڪليف، پيڙاءَ ۽ بک برداشت ڪري سگهي ٿو پر عزت تي وار ڪڍڻ برداشت ناهي ڪندو جيڪڏهن وري اهڙي خطا ڪا عورت کان ٿئي تہ ان جو جيئڻ جنجال ڪيو ويندو آهي. ڇو تہ انسان وٽ آهي ئي عزت پر خاص ڪري عورت جي عزت جيڪا خاندان جي چڪي مڙس جي پڳ ۾ ڏنل ور جهڙي هوندي آهي معني عورت کان ڪا اهڙي خطا ٿي تہ اهو هڪ عورت جو نہ پر پوري خاندان جي عزت جو مسئلو بڻجي ويندو آهي. جڏهن تہ خود ان غلطي جي پيداوار ئي مرد آهي. جيڪو عورت کي شادي، محبت، پيار ۽ اعتماد جو دلاسو ڏئي عورت جي سر جو مالڪ ٿي ۽ پوءِ ساڻئي عورت کي ڪنڊن جي سيج تي ويهاري سنسار اڳيان خوار ذليل ۽ رسوا ڪندو آهي.

مان سمجهندي آهيان تہ اڪابرن عورت کي ان ڪري بيوقوف لکيو آهي جو هو جلد ڪنهن تي اعتبار ڪري وڃندي آهي. ۽ ها عورت ايڏو جلدي ڪيئن ٿي ڪنهن جي گرفت ۾ اچي وڃي جو عورت صرف اهو ئي چاهيندي آهي تہ ڪو منهنجو هجي، مون کي ٽائيم ڏي، مون تي اعتبار ڪري، منهنجو خيال ڪري، مون کي چاهي، جڏهن بہ ڪنهن مرد وٽان عورت کي اهڙا اشارا ملندا آهن تہ جلد عورت ان کي پنهنجو ڪري وڃندي آهي جيڪا وڏي عظيم غلطي آهي، ۽ مردن عورت کي ڦاسائڻ جي PHD ڪري ورتي آهي ۽ شايد ان غلطي جو جز عورت جي فطرت ۾ شامل آهي، پر جڏهن مرد اهڙيون غلطيون ڪري تہ ان لاءِ ڪو بہ قانون ناهي نہ ئي معاشرو ان کي غلط سمجهي ٿو ڇو تہ هو مرد آهي معني ائين ڪٽي ڇڏجي تہ هر بچڙائي جو ٻيو نالو مرد آهي عورت کي ان راهہ تي هلڻ لاءِ مرد ئي ان جي چيچ پڪڙيندو آهي.

هن معاشري ۾ 80 سيڪڙو ماڻهو سائبر سيڪس ڪن ٿا تن مان ڪجهہ مرد جيڪي Serial Crimeer سيريل ڪرائيمر آهن. اهي ڪنهن بہ ڇوڪري کي ڦاسائي ان مان جنسي تسڪين وٺي وري ٻئي نياڻي لاءِ ڇار وڇائن ٿا ۽ اهڙا ئي مرد انهن ڪيسن کي وائرل ڪندا

آهن. ۽ پوءِ ڪافي معصوم ڇوڪريون خودڪشيون ڪري ڇڏيندڙيون آهن ۽ ڪافي ڇوڪريون پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهندڙيون آهن، ان سڄي عمل ۾ متاثر ڇوڪري جي ان غلطي جا پيرا ڪٽبا ته ان جي فيملي ڏانهن ويندا ڇو ته هر ڇوڪري ان عمل جو ذڪر ڪنهن نه ڪنهن فيملي ميمبر سان ڪندي آهي، فيملي ميمبر يا ان ڇوڪري جي ڪا سهيلي ان کي اها صلاح نه ڏني ويندي آهي ته هي غلط عمل آهي. معلوم ٿيو ته فيملي جي عدم دلچسپيءَ ۽ ان ڏوهه ۾ حصيدار آهي.

ڇو ته اسان کي پنهنجي نياڻين جو خيال رکڻ گهرجي. هن دور ۾ موبائيل فون هار لاءِ ۽ ڪير جيتري اهميت رکي ٿي هاڻي هار کي موبائيل ڪنهن ڏنوان فيملي ڏنو جڏهن هار وڏو ٿيو ته ان کي اها پرک ناهي ته سوشل ميڊيا تي 70 پرسنٽ ڪوڙ آهي. ان پرک نه هجڻ جي صورت ۾ گهٽ عمر ڇوڪريون اهڙي ڏارا ۾ وهي وڃن ٿيون، سڀ کان پهريان والدين کي سختي سان نظر رکڻ گهرجي پنهنجي اولاد تي، وري جڏهن ڪو اهڙو اسڪينڊل ٿئي ته ان متاثر معصوم ڇوڪري کي بجاءِ demotivate ڪرڻ جي ان ڇوڪري کي motivate ڪجي. جيڪي ڇوڪريون ان خيالن کان بي نياز آهن ۽ انهن سان جيڪر اهڙو حادثو ٿئي ٿو ته مڪمل طور تي ان حادثي سبب پيدا ڪيل حالتن سان وڙهڻ گهرجي. زندگي حسين ۽ خوشبودار آهي ان کي بدبودار ماڻهن کان بچايو.

سوشل ميڊيا جي هن پاسي کي چتائي ڏسجي ته سائبر سيڪس واري عمل ۾ هيٺيان خطرا شامل آهن. سائبر سيڪس انتهائي بيچين ڪندڙ مرض آهي، ذهني ۽ جسماني صحت، رشتي، ۽ روزاني زندگي تي منفي اثرات پيدا ڪندڙ آهي. سائبر سيڪس استحصال جو سبب بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ماڻهن کي زبردستي يا هٿرادو نقصانڪار يا غير رضامندي واري سرگرمين ۾ ملوث ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو. رازداري جا خطرا مباشرت جون تصويرون يا وڊيوز شيئر ڪرڻ سان

پرائيويسي جا خطرا درپيش آهن اهي بغير اجازت جي شيئر ڪري ڪنهن جي عزت نفس مجروح ڪرڻ آهي.

سائبرسڪس ذهني صحت جي مسئلن ۾ حصو وٺي ٿو جهڙوڪ ڊپريشن، پريشاني، ۽ گهٽ خود اعتمادي سائبر سيڪس سماجي اڪيلائي جو سبب بڻجي سگهي ٿو جيئن ماڻهو حقيقي زندگيءَ جي رابطن لاءِ آن لائين رابطي کي متبادل بڻائين ٿا. انهن سيني ڳالهين کي مدِنظر رکندي شعور وڌائڻ لاءِ هڪ صحت مند آن لائن ڪميونٽي ٺاهڻ لاءِ، سائبر سيڪس جي خطرن بابت آگاهي وڌائڻ جي ضرورت آهي. هتي ان جا منهنجي خيال موجب ڪجهه طريقا پيش ڪجن ٿا جنهن سان هر ڪنهن جو متفق هجڻ ضروري ڪونهي. سائبر سيڪس جي تعليم کي اسڪول جي نصاب ۾ ڪميونٽي پروگرامن ۾ شامل ڪيو وڃي. سپورٽ گروپ ٺاهڻ گهرجي جيڪو سائبر سيڪس جي مرض سان وڙهندڙ ماڻهن لاءِ سپورٽ گروپ مددگار طور قائم هجي. آن لائين وسيلا مدد طلب ڪرڻ وارن لاءِ آن لائين وسيلن ۾ هات لائڻ تائين رسائي فراهم ڪرڻ شامل هجي والدين جي شموليت ۾ والدين کي همٿايو وڃي ته هو پنهنجي ٻارن جي آن لائين سرگرمين جي نگراني ڪن ۾ سائبر سيڪس بابت کليل گفتگو ڪن. ڪميونٽي، مصروفيت ۾ شعور کي وڌائڻ ۾ صحتمند آن لائن رويي کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪميونٽي جي واقعن ۾ مهمن کي منظم ڪرڻ ۾ بهتري ٿيندي ۾ اهڙا ڪرائيم ضابطي ۾ ايندا مدهوش مير هن ڪتاب ۾ اهي سڀ ڳالهيون ڏاڍي بالغ انداز ۾ بيان ڪيون آهن انهن کي پڙهي ٻين تائين پهچائڻ گهرجي نه رڳو ڪتاب جي ٽائيٽل تي لفظ سيڪس ڏسي ۾ ان کي پنهنجي ٻارن فيملي کان دور ڪجي اها ناانصافي هوندي اميد آهي ته مدهوش مير جو هي ڪتاب موجوده دور جي هلندڙ هن وڏي مسئلي ۾ قائل ڪيترن ئي متاثر ڏهنن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو.

ـ نادیہ حسین چنہ (وکیل)

فيس بڪي چوراهي تي چڪي چڙهيل عورت

زندگي ڪيڏي نہ خوبصورت آهي ۽ جنهن سماج ۾ جيئڻ لاءِ ملي آهي، سو ڪيڏو نہ بدصورت آهي. جنهن ۾ ڪيترا لقاءَ آهن اُهي لقاءَ ڏسندي عقل دنگ رهجيو وڃي. ڪٿي شرم کان ڪنڌ جهڪيو وڃي تہ ڪٿي من ۾ ماتم برپا ٿيو پوي تہ ڪٿي انساني اندر بس هڪ روگ خانو بڻجيو پوي اهڙي بدبودار سماج ۾ ڪو انسانيت جي معراج تي پهتل خلق لاءِ ويچاريندڙ انسان پنهنجي سرهي سوچ سان سامهون اچي بيهي تہ پل کن لاءِ خوف ۾ ورتل زندگي ڪيڏي ٿانيڪي تي پوندي آهي.

اهڙي سگهاري ۽ خوشبودار سوچ جو ڌڻي مدهوش مير جنهن جو تازو لکيل ڪتاب پڙهندي منهنجي ذهن ۾ ڪا جهجهوڙ پيدا ٿي ۽ ان سان گڏ ڏرتي جي اهڙي غيور ۽ ساڃاه وند ساڻي تي فخر محسوس ٿيو جنهن سائبر سيڪس جهڙي حساس موضوع تي نہ صرف سوچيو پر پنهنجي ڏرتي جي نوجوان نسل جيڪو حال توڙي مستقبل جو سماج اڌيندڙ آهي. تن لاءِ استاد جي حيثيت سان سامهون اچي ڪين آگاهي ڏيڻ خاطر اهڙو ڪتاب لکيو.

هي اهو موضوع آهي، جنهن تي قلم کڻڻ لاءِ بہ جرئت گهرجي ٿي اتي مدهوش مير صاحب نہ صرف اهڙين نياڻين سان مليا پر سندن اندر جا ڏٺ ۽ سندن روح تي رسيل رهڙون ڏسي سگهيا. ڇو تہ عورت تي حاڪميت قائم رکندڙ مرد پل لاءِ بہ اهو ناهي سوچيندو تہ توهان کي پنهنجي رت ۽ گوشت مان پيدا ڪندڙ عورت پنهنجي ٻچ جي هر بوند سان توهان کي جيئدان ڏيندڙ عورت پنهنجي ممتا جي ريج سان توهان کي انسان بنائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي رهي آهي. عورت جيڪا سراپا ٻاجهہ جو مجسمو آهي پوءِ بہ سندس حصي ۾ ڪٿي ڪا

پناھ ناھي ھوءَ بيخبر پنھنجي اندر جي خالص پيار جي پالوٽ ڪنھن تي وسائي ويساھن تي ساھ ڪٽندي پنھنجو پاڻ ڪنھن کي ارپي ان پناھ ۾ زندگي گذارڻ چاھيندي آھي. ھوءَ وفا جي ڇانوَ ۾ پوري حياتي جو ٽڪ ڀيڙ لاءِ ھڪ مرد تي ايترو اعتبار ڪري ويھندي آھي. جيترو پنھنجي پاڻ تي ڪندي آھي پر ڪيس خبر ناھي ھوندي تہ سماجي جانور جي جبلت اڄ بہ ساڳي آھي اڄ بہ مرد مان پٿر جي دور واري وحشت ختم ناھي ٿي جن لاءِ ماس پٽڻ ۽ ماس کائڻ ڪانسواءِ زندگي ڪو ٻيو سواد ناھي رکندي.

اھڙا بيضمير تماشبين محبت جو مفھوم پنھنجي حوس ۾ ڳوليندا آھن. جيڪي محبت جي رنگين ڇار ۾ ڪين سوگھو ڪري سندس روح جو سودو ڪندڙ ھوندا آھن. جڏھن ڪين خبر پوندي آھي تيستائين ھوءَ فيس بڪي چوراھي تي چڪي چڙھي ڇڪي ھوندي آھي. ڪائنس پناھ ڪسجڻ کان وڌ ويساھ گھاتي جو موت مار ڏڪ ماري وجھندو آھي. سندس روح جي اھا پھرين لتاڙ ھوندي آھي ۽ پوءِ ڇڪي چڙھيل عورت سماج جي وحشي ھٿن ۾ بال جيان اڇلبي رھندي آھي ايستائين جيستائين ڪيس قبر پنھنجي پناھ ۾ نہ وٺي.

موبائل ھر عورت ۽ ھر نياڻي جي ھٿن ۾ آھي. جيڪا وقت جي گھرج آھي. ھن سماج جا مرد جيڪي پنھنجي مائرن، پينرن ۽ ڌيئرن جي تقدس کان آجا پرائي گھر جي نياڻين جي لڄ جي اڇل واري راند ۾ سڪون حاصل ڪن ٿا.

آئون انھن کي عرض ڪنديس تہ دنيا مڪافات عمل آھي. خوف کائون ان گھڙي کان جڏھن اھي بگھڙن وارا وحشي ھٿ توھان جي تقدس ۾رين رشتن جون پناھون کسين ۽ سندن روح جي لتاڙ ڪن. جڏھن پنھنجي نياڻين جي لٽجندڙ عزتن ڀليان توھان لڇارا ٽي منھن مٽو ڀٽيو ان کان اڳ پنھنجي غليظ سوچن جي وھڪري کي بند ڏيو.

پنهنجي وحشي هٿن کي روکيو. پنهنجي حوسي نظرن کي پاڪ ڪري ڪنهن جي نياڻي تي اک وجهو پنهنجي جبلت تي ڪنٽرول ڪريو. پنهنجي انسانيت کي جاڳايو. هي وقت توهان جو آهي. پر هڪ وقت اهڙو به اچي ڪڙڪندو جو ان وقت وٽ ڪا به وٽي باقي نه هوندي.

سائبر سيڪس جي دنيا ڏانهن نظر ڪجي ته ويساه گهاتين ۾ وڌ ۾ وڌ عورت لوڙيو آهي ۽ يقينن اها مير صاحب جي اندر جي حساسيت ئي آهي، جنهن عورت جي اندر جي ان دهيل ڪرب کي محسوس ڪندي ان موضوع تي لکڻ لاءِ سوچيو جتي غليظ سماج جي گٽر سوچن جي اٿل آهي. اتي مدهوش مير هر نياڻي لاءِ هڪ شفيق انسان، هڪ پيءُ، هڪ ياءُ ۽ هڪ استاد ٿي سامهون آيا آهن. پنهنجي نياڻين ۽ پٽن کي موبائل رکڻ جي اجازت ڏيڻ کان اڳ مير جو ڪتاب ضرور پڙهائڻ گهرجي، جيڪو هڪ رهنما ٿي توهان جي سوچ کي مضبوط ڪندو ۽ گناهن جي ڏهڑ کان بچائيندو.

ـ **نسيم لغاري** (ڪالمسٽ)

***

سوشل ميڊيا جا فائدا ۽ نقصان

اسان جي معاشري ۾ جتي سوشل ميڊيا عوام کي فائدو پهچايو آهي، اتي ان جا لاتعداد نقصان به آهن. جو ته اسان وٽ سوشل ميڊيا user کي چڱي ريت اڃان خبر ئي ناهي پئي ته هي بلا ڇا آهي. سائبر ڪرائيم وارو پاسو به تمام وسيع آهي، مدهوش مير هن ڪتاب ۾ جيڪو پاسو بيان ڪيو آهي، تقريبن سوشل ميڊيا صارفين ان ڏهڑ ۾ ڦاٿل آهن. پر اسان وٽ اهي ڪيس ظاهر ٿين ٿا، جيڪي رنجشن بعد وائرل ٿين ٿا يا اهي جيڪي منصوبابندي تحت ڪنهن کي بدنام ڪن ٿا. سوچيو ڇا گذرندي هوندي ان متاثر فرد تي جو ان سان گڏ هيو هڪڙو ٽريند به هلي پيو

جنهن ۾ ڇڪيون پليون ڇوڪريون پاڻ کي سوشل ميڊيا جي زينت بڻائڻ لاءِ هٿ وٺي پنهنجا اهڙا ويڊيوز ٺاهي Famous ٽيڊ جي چڪر ۾ ٻين Users ڇوڪرين تي برا اثر وجهن ٿيون.

مدهوش مير جي اها انفراديت پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ ان ڪري ٻه آٽي ٽي جو وٽس موضوع جي نواڻ آهي. هو صحافت سان گڏ پنهنجي قلمي پورهئي طور ننڍي عمر ۾ ئي مقبول نالو بڻجي چڪو آهي. هن جي عمر جا ڇوڪرا لهاڙي عشق جي چڪرن ۾ عياشين ۾ پنهنجو وقت وڃائن ٿا ان پيٽ ۾ مون کي لڳندو آهي ته مدهوش مير ننڍي عمر ۾ وڏي دماغ جو مالڪ آهي. هو پاڻ سان گڏ ٻين جي فلاح لاءِ پنهنجي قلمي ڪرت کي جاري رکيو اڄي ٻيو هي ڪتاب سوشل ميڊيا جي Dark پاسي تي آگاهي جو وڏو خلاصو پيش ڪري ٿو. ان ڪري هي ڪتاب خاص ڪري ننڍي عمر جي ڪچن ذهنن کي ٻه پڙهايو وڃي، جيڪي والدين پنهنجي اولاد کي اهڙي قسم جي Awareness نٿا ڏئي سگهن اهي هن ڪتاب کي پنهنجي اولاد تائين پهچائن جنهن سان اسرندڙ ۽ ايرندڙ ذهن هن اونداهين رستي کان واقف ٿي سگهي. آخر ۾ مان مدهوش مير لاءِ نيڪ تمنائن سان گڏ دعاگو آهيان ته هوائين وڏندو رهي ۽ عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ راهه عمل ۾ مشعل رهي.

ــ **عنبر نديم پٽو** (تعليمدان)

***

ڪنهن تي ٻه انڌو اعتبار نه ڪجي

وقت سان گڏ هلڻ وقت جي ضرورت آهي، موبائيل، انٽرنيٽ، ليپٽاپ هر شاگرد، يا نوڪري پيشه ماڻهو لاءِ اهم آهن، جتي انهن مان انيڪ فائدا ملن ٿا، اتي نقصان ٻه آهن. والدين جو فرض آهي ته پنهنجي ٻارن سان دوستاڻو رويو رکي کين اڳواٽ ئي مناسب معلومات ڏين ۽ نوجوان ٻارن

جي موبائيل، يا ليپ ٽاپ تي نظر رکن ٿا جيئن کين گمراهي کان بچائي سگهن. هي ڪتاب به ان خيال موجب لکيو ويو آهي ته نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي سگهجي. چوٽي آهي جيڪو ماڻهو توهان جي مٿي تي چڙهي ويهي ٿو ان کي پٽي توهان پاڻ ئي پيش ڪندا آهيو اٽڪاڻائي ۾ يا ڏوکي ۾. مطلب ته پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪنهن تي به انڌو اعتبار نه ڪجي. لکڻ مدهوش مير جي رُوح جي رياضت آهي، هن دل جي حضور ۾ صدق سان جيڪو ڪجهه به لکيو آهي، اهو اسان سڀني لاءِ فخر جو سبب آهي، ادبي سماج ڏانهن مدهوش مير جو رويو به ڪمال انوکو رهيو آهي، هو ميلن ۾ پروگرامن کان پري رهيو آهي، عُهدا، ڪرسيون ادبي سنگتون ڪڏهن به سندس طلب جو حصو ناهن رهيون، صدارتون، شامون، ايوارڊ، اعزاز سندس مٿي جو سور ۾ خفت ناهن رهيا، هُن جو قلم ۾ هُن جي تنهائي ئي هُن جا دوست رهيا آهن ۾ هُن انهن سان دوستيءَ جو پورو حق ادا ڪيو آهي. هي ڪتاب هڪ ڪوشش آهي، معصوم ذهنن کي خبردار ڪرڻ جي، ان ڪوشش لاءِ ليکڪ جي محنت کي سلام آهي. اسان وٽ سلجهيل ذهن تمام گهٽ آهن، ماڻهو هر ڪم جو اونداهو پاسو ڏسي بس تنقيد ڪرڻ کي لازم سمجهندا آهن. اندازو آهي ته ليکڪ کي شايد تعريف کان وڌيڪ تنقيد کي منهن ڏيڻو پوي. پر مدهوش مير جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن هڪ انسان به اهو ڪتاب پڙهي پاڻ کي محفوظ رکيو ته مان سمجهندس منهنجي ڪيل محنت لاڀ حاصل ڪيو.

ــ **ثروت شمس ابڙو** (سماج سڌارڪ)

***

تباهه ۾ برباد ٽيل نياڻين جي آواز تي ٻڌل انٽرويوز

معاشري ۾ سياسي، سماجي يا معاشي مسئلن کي سمجهائڻ ۾ انهن جي حل لاءِ ليکڪ انهن تي ڪيترن ئي پاسن کان جاچي جوچي انهن

مسئلن کي عوام جي ذهنن تائين پهچائڻ لاءِ لکندو رهيو آهي ۽ ائين انهن ليکڪن جي لکڻين جي ڪري دنيا ۾ سياسي ۽ معاشي انقلاب آيا آهن. اسان جيڪڏهن پنهنجي سماج کي ڏسون تہ ڪيترائي ماڻهو مختلف موضوعن تي لکندا رهن ٿا، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اسان جو پڙهڻ وارو طبقو محدود ٿي ويو آهي، جيڪو مواد جنهن طبقي کي پڙهڻ گهرجي ان تائين نٿو پهچي، پر ان جي باوجود بہ ڪجهہ ذميوار ليکڪ پنهنجي اخلاقي ۽ سماجي ذميواري خاموشيءَ سان نباڻي رهيا آهن. وقت سان گڏ سماج ۾ تبديليون اچن ٿيون جنهن ۾ ٽيڪنالاجيءَ جو بہ وڏو حصو آهي. ٽيڪنالاجي جتي اسان جي زندگين کي آسان بڻائي ٿي، اتي اسان جي لاءِ ڪيترائي چئلينج بہ ڪٽي اچي ٿي ۽ ڪيترين ئي زندگين کي بي رنگ ۽ زنده درگور ڪري ٿي وڃي. سيٽلائيٽ جي انفارميشن دور ۾ شموليت انساني زندگيءَ کي تبديل ڪري چڏيو آهي، پر جيئن تہ اسان وٽ تعليمي نظام جي ڪمزوري ۽ نصاب جي اپڊيٽ ڪرڻ واري روايت موجود ناهي ان ڪري اسان پنهنجي نوجوان نسل کي وقت جي تبديل ٽيندڙ ڪلچر کان آگاهي نٿا ڏئي سگهون، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيتريون ئي نوجوان زندگيون جنهن ۾ خاص طور تي نياڻيون شامل آهن تباهہ ٿي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي چڏين ٿيون. اينڊرائيڊ فون جي اچڻ سان فون ڪال کان علاوه وڊيو ڪال بہ اسان کي هڪئي سان ڳنڍي ٿي چڏي، پر ان جي استعمال جو پٽو ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين ۽ نوجوان ڇوڪرن کي ناهي تہ ڪيئن ڪجي، جيئن تيزڌار واري ڇريءَ سان ياڄي، ڪٽڻ بدران کو پنهنجو هٿ ڪٽي ويهي رهي.

مدهوش مير هڪ نوجوان صحافي جيڪو مستقل لکندڙ ۽ سماجي مسئلن تي ويچاريندڙ هڪ نوجوان ليکڪ پڻ آهي. هن نفسيات، ادب ۽ ٻين موضوعن تي بہ لکيو آهي، پر هينئر سندس ڪتاب "سائبر سيڪس" جيڪو سندس پنجون ڪتاب آهي، اهڙن

انٽرويوئن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪجھ معصوم نياڻيون هن ٽيڪنالاجيءَ جي غلط استعمال ڪندڙ ڪجھ فرادي ماڻهن هٿان ڪيئن بيوقوف ٿي پنهنجي راھ تان ڀٽڪي ويون ۽ انهن پنهنجي مقدر ۾ تباهي پوڳي آهي. مون هن ڪتاب تي لکڻ مهل مدهوش مير جي ساڃاھ ۽ سمجھ کي دل ئي دل ۾ سلام ڪيو تہ ڪيس جس هجي جنهن ايتري حساس موضوع کي ڇهڻ جي جسارت ڪئي آهي ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان مڪمل پڻ ڪيو آهي. ڇو تہ اسان جو سماج ڏوھ ٽيندي ڏسندو پيو آهي، پر ان کي هٿ سان روڪڻ جي جرئت ناهي ڪندو ۽ نہ وري ان جو تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو قلمڪار اهڙن حساس موضوعن تي لکڻ جي جرئت ڪندو آهي تہ ان کي بہ تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي. هي ڪتاب انهن تباھ ۽ برباد ٽيل نياڻين جي آواز تي ٻڌل انٽرويوز آهن. جيڪي آگاهي نہ هجڻ سبب شيطاني ذهنن جو شڪار ٿي ويون، پر مدهوش اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ پنهنجي ذميواري نيائي آهي تہ جيئن انهن انٽرويوئن کي پڙهيو وڃي ۽ خاص ڪري نوجوان ڇوڪرين کي هي ڪتاب پڙهڻ گهرجي تہ جيئن هو ڪوبہ غلط قدم کڻڻ کان اڳ پنهنجي عقل کي استعمال ڪندي اهڙن بدڪردار ماڻهن کي سمجهي سگهن ۽ انهن جي دوکي ۾ نہ اچن ۽ ڪنهن بہ نياڻيءَ جي زندگي تباھ نہ ڪئي. مان تہ چوندیس تہ هن ڪتاب کي سنڌ جي هر گرلز هاءِ اسڪول ۽ هر گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول جي لائبريريءَ جي زينت هجڻ گهرجي تہ جيئن نوجوان نسل کي آگاهي ملي سگهي. مان مدهوش مير جي ايتري سماجي سجاڳي ۽ ذميداريءَ جي احساس تي کيس مبارڪون ٿي ڏيان.

ــ **زاهده ابڙو**(ليکڪ شاعره ۽ ايڊيٽر)



هر معاشري جُون پنهنجون تقاضائون هونديون آهن، انهن معاشرن ۾ پکڙيل گند، ڏوهه، منفي سوچن جي سڌاري لاءِ هر مثبت، سئيڪار سوچ رکندڙ ماڻهو پنهنجي پنهنجي انداز سان گم کندو آهي. پنهنجي جوهر ۾ منفرد قلمکار صحافي ۽ ليکڪ مدهوش مير جو هي ڪتاب اهڙي آگاهي ٿي ٻڌل آهي، جيڪو مستقبل جي معمارن جي روشن راهه جو تعين کندو.

ماهين هيسباڻي

هي ڪتاب انهن تباهه ۽ برباد ٿيل نياڻين جي آواز ٿي ٻڌل انٽرويوز آهن جيڪي آگاهي نه هجڻ سبب شيطاني ذهنن جو شڪار ٿي ويون، مان ته چوندیس ته هن ڪتاب کي سنڌ جي هر گرلز هاءِ اسڪول ۽ هر گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول جي لائبريريءَ جي زينت هجڻ گهرجي ته جيئن نوجوان نسل کي آگاهي ملي سگهي. مان مدهوش مير جي ايتري سماجي سڃاڻپ ۽ ذميداريءَ جي احساس تي کيس مبارکون ٿي ڏيان.

زاهده ابڙو

جهڙي طرح جسماني بيمارين جو وجود آهي، ساڳئيءَ ريت سماجي ۽ نفسياتي بيمارين کان به انڪاري نه ٿو ٿي سگهجي. انهن جو تدارڪ ڳولهڻ کان اڳ انهن جي نشاندهي ضروري آهي. اهڙين ٿي بيمارين مان هڪ بيماري آهي سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪنهن کي گهير ۾ لاهي ڪنهن جنسي عمل جو شڪار بڻائڻ ۽ ان کانپوءِ کين بليڪ ميل ڪرڻ. اهي خير اخلاقي واريون جيڪي هن وقت تائين گيترين ٿي زندگين ۽ گهراڻن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي چڪيون آهن، ان جي باري ۾ ڳالهائڻ ضروري آهي ته جيئن اهڙن حملن کان بچي سگهجي ۽ ان جي تدارڪ جا گس ڳولهي سگهجن. مدهوش مير سچ ۾ جس لهڻي جو هڪ اهڙو موضوع کنيو آتائين جيڪو اڌهيءَ جيان معاشري کي اندران کائي کوکلو ڪري رهيو آهي.

بختاور منصور

آئون هن ڪتاب جي ليکڪ صحافي مدهوش مير کي جس ڏيان ٿي، جنهن هن sensitive موضوع تي لکيو آهي، هن حساس موضوع جون متاثر وڌ کان وڌ نياڻيون، عورتون، شاگرد ياڻيون آهن، منهنجي خيال ۾ اسان جي عورت ليکڪائن، شاعراڻن کي پڻ هن موضوع تي لکڻ گهرجي ۽ آگاهي ڏيڻ گهرجي "پليجي صاحب جي ڳالهه جيان ته ڊگهن وارن واري فوج جڏهن اٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته ان کي دنيا جي ڪا به قوت روڪي نٿي سگهي" پر سنڌ جو اهو المیو رهيو آهي ته جن پينرن کي گهران ڪم ڪرڻ جي اجازت ملي يا جن کي ٿوري گهڻي آزادي ملي آهي، انهن وڌ کان وڌ اين جي اوز تائين رسائي ڪري وڏو ڇيهه ڪيو آهي، پر پنهنجي آس پاس جي ڳوٺن ۾ پنهنجي مدد پاڻ بنا ٿي اي ڊي اي جي ڪم ڪرڻ پسند نه ڪيو. ڪراچي حيدرآباد جي وڏن ادبي فيسٽيويلز ۾ نالي چڙهيل اديبائن کي هن موضوع تي ڳالهائڻ ۽ لکڻ کپي، هن تي Debates ٿيڻ گهرجي. هن مهم کي نه رڳو هن ڪتاب ۾ دفن ٿيڻ گهرجي، پر ان تي practically ڪم ٿيڻ کپي جنهن جي ذميواري وڌ کان وڌ اسان عورتن تي آهي.

ڪامريڊ شمع پليجو (آسٽريليا)

ISBN 978-627-7800-15-4
RS.300.00
Vidya Publication
Non-Fiction

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.